گوندر ويندا گزري

منشي ابراهيم

گوندر ویندا گذري

(شاعري)

گوندر ويندا گذري

(شاعري)

ابراهيم منشي

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1992ع

كمپوزنگ: سارنگ رام ميگهواڙ - حبيب قادر قريشي
سنڌ - ٽيڪ ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سينٽر، حيدرآباد
ڇاپيندڙ : ذڪي آفسيٽ پرنٽنگ پريس، ڪراچي
ڇپائيندڙ : روشني پبليڪيشنس ڪنڊيارو
سال : 1992ع
ملهه : 60/ رپيا
پڪو جلد: 80/ رپيا

امڙ
سنڌ جي نالي
جنهن جا گهاوَ
لفظ پري نہ سگهندا

سنڌءُ

- پاڻ سڃاڻ	منشي محمد ابراهيم	(16 - 9)
- مهاڳ	محمد ابراهيم جويو	(22 - 17)

(گوندر ويندا گذري)

- نظم	(102 - 23)
- بيت	(185 - 103)
- وايون	(244 - 187)

پاڻ سڃاڻ

نالو: منشي محمد ابراهيم
پيءُ جو نالو: محمد اسحاق
ذات: سومرو
جنم جي تاريخ: 15-1-1934ع
ڳوٺ: جنهاڻ سومرو، تعلقو ٽنڊو محمد خان، ضلعو حيدرآباد سنڌ.
تعليم: پنج درجا سنڌي، شعرو شاعريءَ جي شروعات 1949ع هوندي ته هر ماڻهوءَ کي ڪو نه ڪو ڏانءُ ورثي ۾ ملندو آهي. پر منهنجو والد صاحب پنهنجي وقت جو ”صفت“ جو سٺو شاعر به ليکيو ويندو هو. پاڻ بذات خود مولودي به هو ۽ سندس آواز ڏاڍو مٺو هوندو هو. ساڳئي وقت هو ڪڙمي به هو. ۽ مختلف قسم جا واپار ڌنڌا به ڪندو هو. مسڪين کي وڏي آکهه پالڻ لاءِ مختلف جتن ڪرڻا ٿي پيا. ننڍپڻ کان جوانيءَ تائين پرورش سڪئي نموني ٿيل هئس. پارسيءَ ۽ عربيءَ جو سٺو ڄاڻو هو. اکر تمام سهڻا هوندا هئس، ڪنهن ڪاتب جا ئي اهڙا سٺا اکر ٿي سگهيا ٿي!

اسان جو ڏاڏو مرحوم ٺيڪيداريءَ جو ڪم ڪندو هو ۽ گذر سفر سٺو هوندو هون.

۽ ائين بابا مرحوم لاڏ ڪوڏ سان ننڍپڻ کان جوانيءَ تائين پليو.

هاڻي واري پڊ کان هڪ ميل پري، پُراڻ نالي هڪڙي پڊ تي ڪنهن مجبوريءَ سبب ٺهيل ٺڪيل گهر ڇڏي، نوان گهرڙا ناهي، نئين پڊ تي اچي رهڻ لڳا ۽ ڏاڏو مرحوم اتي وفات ڪري ويو هو.

انهيءَ نئين پڊ تي جيڪا به مائٽاڻي پونجي ۽ ٽپڙ ٽاڙي گڏ ٿيل هئا،

سي گهر کي اوچتي باهہ لڳڻ سبب سڀ سڙي رک ٿي ويا، ڪا بہ شئي باقي نہ بچي.

ٽي - چار سال اُتي رهڻ کان پوءِ ساڳئي اڳوٽي پڊ تي واپس اچي رهڻ لڳاسون. بابا سائين هاٿي محنت مزدوري پوري سوري ڪري سگهندو هو. بنيءَ جا اڌائي ايڪڙ پوءِ بہ آباد ڪندو هو. هر سال ٻُهيءَ سميت ٻارنهن ڪاسا ٻاجهري ان مان ٿيندي هئي. هميشہ پاٿيءَ لاءِ "اٽڪ" ۽ "ڪوٽڙي" پيا پڇندا. ميرن جي ڪوٽايل واهن جي پڇڙين جون ٻنيون مڙيئي انڌيون منديون آباد ٿيندون هيون. پر چوندا هئا "ابا، سيري ياءُ کان ايري ٻني ڀلي."

بابا مرحوم کي آخري وقت ۾ سلهہ جي بيماري ٿي پئي، پوءِ تہ حڪيم شمس الدين وٽ حيدرآباد ايندي، پنجن سالن ۾ انهيءَ موذي مرض نيٺ تاريخ 1945-3-15ع تي سندس جان ورتي.

ان وقت منهنجي عمر فقط 11 سال هئي ۽ مون چوٿون درجو مُلا اسڪول ۾ پاس ڪيو هو.

پنجون درجو تہ ملن مون کي امتحان واري ڏينهن، گرانٽ حاصل ڪرڻ جي لاءِ امتحان ۾ ويهاري، مڙيئي پاس ڪرائي ڇڏيو.

پر مون کي پڙهڻ جو بي انتها شوق هو. ٻاراٽي درجي کان چوٿين درجي تائين هميشه تعلقي ۾ پهريون ۽ پيو نمبر ايندو هوس.

بابا جي مرڻ کان پوءِ اٺن نون ڀاتين جو گذر سفر ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو ۽ مون پڙهڻ ڇڏي ڏنو، ٻارنهن سالن جي عمر ۾، هڪ گڏهہ وٺي، ان تي واپار ڪرڻ شروع ڪيم. ٻني جي مياڻ کان پلا ڪٺي ڳوٺن ۾ ڪپائڻ، ۽ سياري جي سيزن ۾ ڪپور تان خواجن ڪان ڳڙ سودي گهر گهر ڪپائڻ، ۽ مختلف قسمن جا سامان گجر بصر وغيره وڪڻڻ، ۽ گذر سفر

ڪرڻ شروع ڪيومر.

۽ ساڳي بابا واري ٻني ٻه آباد ڪندو رهيس ۽ اهي ساڳيا ٻهيءَ سميت ٻارنهن ڪاسا هليا آيا. ربيع تہ ٿيندي ڪا نہ هئي. ڪتيءَ جا ٽي مهينا بکو هٽندا هئاسين. پاٽي ئي اڍائي ٽي مهينا مشڪل سان هلندو هو.

بهرحال اهڙي رواجي ماحول ۾ آئون رومانٽڪ نموني جي شاعري، ڪافيون ڪلام ٻہ ٺاهڻ لڳس. پاڻ مرادو ڳائڻ، مولوديـن سان مولود پڙهڻ، غزل پڙهڻ، اهو به پنهنجو شغل هوندو هو.

اسان ٺٽي ۽ حيدرآباد ضلعن جي وچ تي سرحدي ۽ ٻيلي جي ڪنڌيءَ جا رهواسي مارو ماڻهو رهيا آهيون. مال جي ڪري اسان جي اٽي ويٽي ٻيلي سان گهڻي پئي رهي آهي. هينئر تہ مولچند ٻيلو وڏجي قريباًختم ٿي ويو آهي. پر ڪو وقت مولچند ٻيلو، ڪچو توڙي پڪو، مست ٻيلو هو. پنج مڙس ڪُهي، ويڙهہ ۾ ورائي ڇڏي، تہ سؤ سال سماءُ ئي نہ پوي.

بابا جي وقت ۾ اسان وٽ بہ ٽي ڳئون هونديون هيون ۽ اهي بہ بابا سان گڏ مري کپي ويون ۽ ڪجهہ چوري ٿي ويون ۽ هميشہ اسان ڳوٺ مان لسي وٺي مڙيئي گذر سفر پيا ڪنداهئاسون.

مون سِڪي ٻِني سترهن ارڙهن سالن جي عمر ۾ هڪڙي مينهن ورتي ۽ اها مينهن ڏهن پندرهن ڏينهن کان پوءِ چوري ٿي وئي.

اسان وٽ ٻيلي ۾ مال جي چوري عام هوندي هئي. اسان جي چوري اڪثر پاسي ۾ ويٺل پليجا راڄ ڪندا هئا. چورا اسان جيڏا ڪاٺڪو جيڪي مال ۾ ڏراڙ بہ هوندا هئا. مال سيني راڄن جو ٻيلي ۾ گڏ چرندو هو ۽ هو مال سان مينهون گڏي، ڪاهي ويندا هئا. يا چني،

ٻيلي ۾ ٻڌي، ٿر ڏياري، رات جو ڪڏي ويندا هئا. ۽ سومرا ڀنگ پوري مال واپس وٺندا هئا. اهو سلسلو اسان سمجهه پريا تي به ڏسندا ايندا هئاسين. مون واريءَ مينهن جو نه پير نه ڪر، نه گهورو نه گهورپ ڪرڻ وارو. ٻيو مڙيئي ٺيو خير. مينهن ويئي هلي. هئي ته پڪ پليجن وٽ، جنهن ۾ ڪو شڪ نه هو. مينهن جو ننڍڙو ڦر جڏهن رات جو دانهون ڪندو هو ته منهنجي ننڊ خراب ٿي پوندي هئي، ۽ به ٽي راتيون ننڊ نه آئي. آخر مون پاڻ مرادو فيصلو ڪيو ته آئون چوري ڪندس ۽ پليجن جو مال ڪاهيندس.

صبح جو مون گڏهه وڪٽي، پيري ڪاريئي ڪان ڪهاڙي ٺهرائي، هڪڙو مون جيڏو ڇورو وٺي ٻيلي مان پليجن جون ٽي مينهون ملوڪ ڏسي، ڪاهي اچي گهر ٻڌي ڇڏيون! پليجا پير ڪٽي، ميڙ ڪري آيا. مون مينهون قبول ڪيون، ڏيڻ ڪان انڪار ڪيم. ڳوٺ جي ماڻهن ساٿ ڏنو. پليجن اسان تي ڪيس وغيره به ڪيا. آخر فيصلو ٿيو. مون کي مينهن ۾ جي ملي. مون مينهون واپس ڪيون.

پر پيلجا چوريءَ ڪان باز نه آيا ۽ اسان جو ٽسل شروع ٿيو.

۽ اٿين هڪيئي جي چورين ڪندي، آئون به هڪڙو ڪاٽڪو ٿي پيس. ۽ پنج سال برابر چوري ڪندو رهيس. اٿين ڪو نه هو ته منهنجو ڪو روزگار چوريءَ تي هو، ڏنڏو ٻيو به پيا ڪندا هئاسين. ٺيڪيدارن وٽ منشي گيري ۽ ٻيا به ٿورا ٿورا ڪم پيا ڪندا هئاسين، پر ڪاٽڪوئن سان ليڻ ديڻ هلندي رهي. پوءِ ته سائين ڦونڊ ۾ پرجي ويس. ڏاڍو مڙس. اچي ڪهاڙي، بوسڪيءَ جو پٽڪو، مڙس ڪاٽڪو. ڪڏهن ڪٽي ڪڏهن ڪٽي. اٺويهه سال عمر، ڦوهه جواني. انهيءَ وچ ۾ عشق به پٽي ڪياسين. سوپاريون، سنهيا، انجام، راتيون، ڪهاڙي، ڊپ،

پنڌ، پيون کهڙيون کهڙيون عجيب ڪيفيتون ياريون، باشيون هڪ احساسِ منهنجي وجود کي ايترو جهنجوڙيو، جو آئون ڪڏهن ڪنهن جي ڪَکَ کي ويجهو نه ٿيس.

جيئن جيئن شعور وڌندو آيو، تيئن تيئن سوچ لوچ عجيب پاسا بدلايا. خدا جي خدائي، مذهب، الله جا حڪم احڪام، انسانن جون حالتون، طبقاتي ڪشمڪش، ڏاڍ ۽ اڻ برابري، ظلم ۽ تشدد، هاري زميندار حساب ڪتاب، لچايون، بدمعاشيون، نڪيون سوچيندو هوس ته اِهي جو آهن! اهي سڀ سوچ جون پيڙائون، سڄي رات سيرانديءَ کان ويهي پنهنجا مضبوط چنبا دل ۽ دماغ تي هڻي، ننڊ حرام ڪري ڇڏينديون هيون ۽ دل کي ٺارڻ لاءِ هڪ عجيب غريب حسين جميل، سکهي جسم سان سهڻي صورت ڪٽي، مون وٽ ڪا ڏات نالي پدمڻي پکي ۾ پير رکندي هئي، ۽ چوندي هئي ته "سڀ پيڙائون مون ۾ سموئي ڇڏ." ۽ پوءِ آئون هن اگر واسيل وارن جي خوشبوءِ ۾ واسجي، پنهنجون پيڙائون پني تي پڃ سان اُڪيري ڇڏيندو هوس، ۽ جسم هلڪو محسوس ڪري، سمهي ننڊ ڪندو هوس.

منهنجي ذاتي مشاهدي ۾ ڌرتيءَ تي پلجندڙ هر شئي ۾ فريباً مان گذرندي هئي. مختلف رنگ، سهڻايون، چمڪندڙ چيٽ، سونن جهڙا سنگ، ڍنڍون ڍورا، پيلا، برساتن جا روپ، پونا جبل، وڻ ٽڻ، صبح جي ماڪ، سج جا ڪرڻا، ڍنڍ جي ڪناري جي ڇپر، چانڊوڪيون راتيون، رهاڻيون، رس، سڳنڌ ساز ۽ سرندڙا. پري پري کان فراق ماريل ٻانهيان جا ٻول ۽ جهونگارون، ڳجها بيت، ڳجهارتون، نشانيون، سڀ منهنجي مشاهدن مان گذريل آهن. واهيري تي ورڻ مهل هارين جو هونگارون. ڪانگن جي ڪان ڪان. مال جي ڦرن ڏي موٽ، چنگ چڙا.

للڪارون، تنوارون ۽ ٻيون انيڪ شيون. مون دل جي گهرائيءَ سان هر هڪ کي پنهنجي چاڻ آهر، پرکڻ جي ڪوشش ڪئي. ۽ ساڳئي وقت زندگيءَ ۾ ٻکون، پنڌ راتيون تڪليفون، اوجاڳا، رولڙا، مطلب تہ سڀ احساس ذاتي زندگيءَ جي مشاهدي ۾ آيل آهن.

پوءِ ”روح رهاڻ“ رسالي سنڌ جي نئين ٿهيءَ ۾1962ع ۽ 1963ع کان نئين جاڳرتا پيدا ڪئي. 66-1965ع ۾ مون کي بہ انهيءَ جي خوشبوءِ اگهو ستل ننڊ مان جهنجوڙي، اٿاري، ڪا تعجب جهڙي ڳالهہ ٻڌائي. ۽ منهنجي ذات مون وٽ نئين روپ ۾ اچڻ لڳي، جنهن مون کي قومي احساس ڏياري، 1967ع کان مون کي مجبور ڪيو تہ قومي فرض جو رهيل قرض توکي لاهڻو آهي. منهنجي نس نس ۾ اڳي ئي طبقاتي گهٽ وڌائي ٻارڻ ٻاريو ٻيٺي هئي ۽ ويتر قومي فرض شامل ٿيڻ سان نئين واٽ کلي پئي.

ان وقت اسان جي سڀاجهڙيءَ سنڌ جي ڪجهہ شاعرن جيڪا سڻ سگهين مان ساهي ڪڍي، سا پولار ۾ پکڙجي، ڪن ڪن ماڻهن جي ڪنن تائين پهتي، ان ۾ ڪجهہ ڳاڻ ڳٿيا شاعر هئا. آئون نالن کڻڻ کان معذرت ڪندس. ڇو متان مون کان ڪو نالو رهجي وڃي. پر آئون شيخ اياز جي نالي کڻڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان، جنهن ٻئي هٿ ڪنن ۾ وجهي، اهڙي ٻانگ ڏني، جنهن جي پڙلاءَ جو واسو ڪارونجهر جبل کان ڦري، مڪليءَ ۽ رني ڪوٽ کان ٿي، موهن جي دڙي ۾ رهندڙ روحن کي بہ آٿت پهچائي. اياز شاعريءَ ۾ لفظن کي سٽن پاڻين سان ڏوئي استعمال ڪري ٿو. فقط ڪمي اها آهي، جو اُترئين علائقن ۾ رهڻ سبب وٽس ٻوليءَ جي گهٽتائي آهي. ٻوليءَ جو خزانو لاڙ ۾ بي انت آهي. ان جي باوجود جڳ ۾ جهڙس شاعر ڪونهي. اياز اڻ مرٽو شاعر آهي.

منهنجي شاعري:

هڪڙي ڳالهه ته آئون خود پاڻ مان مطمئن نه آهيان، ڇو ته گهڻ، ڪمون ماڻهو، طبيعت ۾ ٽڪاءُ گهٽ، لاابالي ۽ غير ذميوار، جهڙو شعر جتي لکيم، اهو اتي بس ڇٽو. ان کي ڏسي، اصلاح ڪري، سليقي سان ڪنهن ڪاڳر تي اتڪائي ڇڏڻ به منهنجي وس جي ڳالهه نه آهي.

مون شاعريءَ جو ڪجھ حصو جيل ۾ لکيو. جيل ۾ ايڪتاليهه مهينا عرصو ڇڱو ڪاشو حياتيءَ جو حصو آهي. ان ۾ مون کي وڏيڪ شعر لکڻ کپندا هئا، پر آئون لکي نه سگهيس. پر آئون سمجهان ٿو ته جيل ٿي شاعري ڪرڻ لاءِ موزون جڳهه آهي.

منهنجي شاعريءَ ۾ ڪيتري ڪمي پيشي آهي. سا ڳالهه آئون سنڌ جي انيڪ ڄاڻو ماڻهن تي ڇڏيان ٿو. جيڪي پنهنجا رايا تبصرا لکي، منهنجي رهنمائي ڪندا.

باقي مون ته هڪ وقت جي پڪار جو پڙاڏو بنجي، پنهنجي ناقص ۽ ادنيٰ علم ۽ سوچ سان رنڊا روڙيا آهن، جيڪي سڌا سنوان مختلف روپن ۽ رنگن ۾ سنڌ واسين لاءِ پيغامڙا آهن.

منهنجي دل جي اها آس هميشه پئي رهي ته اها ڪچا ڦڪا قول قوم تائين پهچائڻ لاءِ ڇپائيءَ هيٺ اچن. ويچاريندي ورهه لنگهي ويا.

ان وچ ۾ منهنجو سچو بياض چوري ٿي ويو ۽ مون آسرو لاهي ڇڏيو. پر وري منهنجي ڀاڻيجي، غلام محمد، سخت محنت ڪري ڪيسٽن تان هِتان هُتان، ڪوشش ڪري، ٻه حصا ڪن شاعري هٿ ڪري ورتي.

۽ بعد ۾ وري اميد ٿي پيئي ته ڪڏهن نه ڪڏهن ڇپجي پوندو، ۽ اهو ڏينهن به آيو ته هڪ پڙهيل ڪڙهيل سچيءَ مٽيءَ سنڌ جي ماڻهوءَ ان

شاعريءَ ۾ ڪجهہ خوبيون ڏسي، يا ڪنهن ٻئي خيال سان، سندس خاص دائريءَ ۾ رهندڙ دوستن کي گڏ ڪيو، ۽ "پريم ننگر پبليڪيشن" طرفان فيصلو ڪيو ويو تہ اهو ڪتاب ڇپجي. انهن دوستن جا نالا فهرست طور مختصر احوال جي بجاءِ انهن دوستن جو ذڪر آئون تفصيل سان مناسب موقعي تي ضرور ڇپائيندس، جيڪو مسودو بہ مون وٽ تيار آهي.

معافي:

جيئن تہ هي ڪتاب مون ڏکين حالتن ۾ ڇپايو آهي، ۽ تجربي نہ هئڻ ڪري هن ۾ ڪافي غلطيون بہ ٿيون آهن، جهڙوڪ ترتيب ڏيڻ ۾، ۽ ٻيون ڪافي چڪون رهجي ويون آهن. خدا گهريو تہ ۽ پڙهڻ وارن جي چاهت رهي، تہ ان جو ٻيو ائڊيشن صاف سٿري نموني سان ڇپرائي پڌرو ڪندس.

منشي محمد ابراهيم
4-5-1985

[هي مهاڳ ٻهرين ڇاپي لاءِ لکيو ويو، اميد تہ ساڳي ڪتاب جو هي ٻيو ايڊيشن پڙهندڙن کي پسند ايندو- ادارو]

مهاڳ

ويهين صديءَ جو پويون اڌ ـــ اُن جي چوٿين ڏهاڪي جي آخري سالن کان وٺي، اُن جو پنجون ڏهاڪو، اُن جو ڇهون ڏهاڪو، اُن جو ستون ڏهاڪو ۽ ان جو اڄوڪو اٺون ڏهاڪو............. اسان لاءِ زنجيرن ۾ ٻڌل جَبل جي وڏي چِپَ وانگر گهسڪندو ۽ کهلجندو ٿي رهيو ۽ اسين اُن جي اڳِ ۾ ڏڪبا ۽ ٿيلهبا، رتو رت ٿيندا ۽ ڇيڇلاٽبا ٿي رهياسين. سماجُ بيٺل پاڻيءَ جي ڍُٻي وانگر ڪنو ۽ ماضيءَ جو ڀُوت اسان جي ڪنڌ تي سُوار، اڙيون هنيو، مَڳُ ٻٽيو، ويٺو رهيو. انگريز ناول نويس چارلس ڊڪنس (1812-70)، پنهنجن ڪن اهڙن ئي ڏينهن کي ”ڏکيا ڏينهن (Hard Times) سڏيو هو ۽ ان نالي سان پورو ناول لکي، پنهنجي ديس واسين لاءِ اُنهن جو نقشو چٽيو هو. اسين ويهين صديءَ جي پنهنجي هن پوئين اڌ کي پاڻ لاءِ ڇا سڏيون! پر هن تار اونداهي مان اُهاءَ جو ڏور اسان کي به اسان جي اديبن ۽ اسان جي شاعرن ئي ڏيکاريو. ۽ چو نه ائين هجي؟ سچن شاعرن ۽ اديبن جي ئي دلين ۾ پنهنجي وقت جا پڙاڏا گونجندا آهن، ۽ اهي ئي پهرين، وقت جي زخمن جو رت رسندي ڏسندا آهن ۽ اُنهن کي چيڻَ ڏانهن به انهن جو ئي ڌيان رهندو آهي. بلڪ اُن کي هو پنهنجي مخصوص ذميداري سمجهندا آهن.

پنجاهه، سٺ ۽ ستر جي ڏهاڪن واري عرصي ۾ وطن دوست، قوم شناس ادب جي جيڪا نئين لهر اسان وٽ آئي، ان ۾ اسان جي شاعرن ۽ اسان جي نثر نويسن ڇيهه ڪري ڇڏيا. ڇا ڇا نه هُن اسان کي ڏنو، ڇا ڇا نه هُن ان لاءِ سَٺو ۽ ٺاٺن جو ڪجهه اسان کي مليو، اُهو شايد اڃا پورو اسان پڙهيو به ڪونهي- اُن تي پورو ويچارڻ ته پري ڳالهه ٿي.

وطن پاڪ سنڌ جي لاڙ جي سرزمين- جتان جي لهجي ۽ لغت کي اسان جي سدا جيئري لطيف سائينءَ پنهنجي پيغام-سماويءَ جي خاص ذريعي جو شرف ڏنو، اُتان جي استاد محمد خان مجيديءَ،

سرويچ سجاوليءَ، منشي ابراهيم ۽ ٻين اسان جي درديلن شاعرن اسان جي 'ڏکين ڏينهن' جون چا چا نه ڳالهيون اسان کي ٻڌايون!

جيڪڏهن پنهنجي تخليقي لياقت جو اظهار ۽ ترقي قوم جو پهريون فرض آهي- ڇو ته قوم جي وجود جو دارومدار ۽ اُن جي سچي مانَ ۽ مريادا جو اصل راز اُهو آهي؛ ۽ جيڪڏهن اديبن ۽ عالمن جو ئي ڪم آهي ته قوم جي آڏو جيئڻ جو زوردار اُمنگ سدا تازو ۽ اُن جو مقصد سدا روشن رکن، ته ڪيڏي نه اها وڏي ڳالهه آهي ته هيءُ سڄو پهاڙ جهڙو اٺانکو ۽ ڳرو دؤر جڏهن اسين محروميءَ، مظلوميءَ ۽ مجبوريءَ جا شڪار رهياسين (۽ غلاميءَ کي ٻيا سگَ ڪونه ٿيندا آهن)، تڏهن اسان جي هن فقيرائي لڏي- لاڙ جي، اتر جي، ٿر ۽ ڪوهستان جي، سڄيءَ سنڌ جي، شاعرن، اديبن سگهڙن- ئي پنهنجي قوم پاران اُهو پهريون فرض به ادا ڪيو ۽ علم ۽ ادب، سيتا ۽ ساجاهَ جي خاص سُرهي سَتَ طور، سندن پنهنجي ذمي جيڪو ڪم هو اُهو به پنهنجي وَسَ پڄندي هنن پورو ڪيو. اُنهن به نه هو نه طاقتَ (Power)، طمعَ (Purse) ۽ طالعَ (Patronage) جي جوفي جُزن، جيئن اڄ اسان جي آڏو اچي اسان مان ڪن جي صبر،حوصلي، همت ۽ غيرت کي آزمائش ۾ وڌو آهي ۽ ڪن ته بنهه جهَل ئي نه ڏني- جڻ ترسيا ئي اُن خچڪار لاءِ وينا هئا- تيئن ڪا اهڙي صورت اڳي اسان وٽ ڪا نه هئي. پر اديب، عالم ۽ شاعر جو پنهنجو هڪ ڪردارُ، هڪ رُتبو، ٿئي ٿو- اديبن، عالمن ۽ شاعرن هميشه اصولن سان وفا ڪئي آهي، نظريي سان نباهيو آهي. هو هميشه پنهنجي زبان، پنهنجي ادب ۽ تاريخ سان سچا رهيا آهن. سندن سڄو ڪم هڪ ئي احساس سان واسيل هوندو آهي- پنهنجن ماڻهن جي محبت سان، انهيءَ سچائي ۽ انصاف ۾ پختي يقين سان ته ظلم جو موجود چڪر ختم ٿيڻ تي آهي ۽ سندن ڌرتيءَ جو انسانُ هڪ نئين انقلابي رهت چاهي ٿو، انهيءَ پڪي ۽ سرگرم ارادي سان ته هو

پنهنجي تخليق ڪاريءَ وسيلي پنهنجي ڏِتڙيل، محڪوم سماج جي اُن مقصد جي تڪميل ڪندا.

۽ اسان جي قوم ڪي تاريخ جنهن صورتحال سان دوچار ڪيو هو اُن ۾ مُنڊ ڪان ئي سنڌي عالمن، اديبن، شاعرن، صحافين ۽ سگهڙن ۾ اِنهيءَ اميد رکڻ جو هرڪو سبب به هو ته هو پنهنجي قومي مشاورت جِي دل، اُن جو روح، بنجي ڪم ڪندا- اُهو روح جيڪو پنهنجي جنم ڀوميءَ، پنهنجي ابن ڏاڏن جي جنم ڀوميءَ ڪان لافاني پيار سان سرشار هجي؛ پنهنجن اُنهن ابن ڏاڏن تي فخر سان لمتار هجي جن سنڌن سامهون واقعي اڳتي وڌڻ لاءِ ڪليل رستا ۽ اُنهن تي پنهنجي سڄاڻ پيرن جا نشان ڇڏيا آهن؛ هڪ ئي ڀڪندڙ خواهش سان روشن هجي ته سندن وطن جي پاڪ ڌرتي نه فقط پنهنجي پر بني نوع انسان جي آدرش جِي تڪميل ڏسي سگهي- اُها سنڌن 'پنهنجي ڌرتي' جيڪا شاعر جي ٻوليءَ ۾ "جيئن ڏسان ٿو ته به ڇُمان ٿو، پر جيئن اُها ٿيندي ته ٿي پيرا جهُڪي آءٌ چمندس!"

پنوهارن پاٻوهيو، ڪي واهوندن وَس،
عمر اُنهيءَ ڏيهه جا ڏوٿين ڏنم ڏَسَ،
وليون وڻ ڦُلاريا، لُلر نڪيا لَس،
آٿيو وجهن آهُرين، سدا توهن تَسَ،
ميوا مچُرَ، ماڪيون، سيڪا چکن چَسَ،
ماڙيءَ آهين مَسَ، ملير ويندينءَ مارئي!
(شاهه)

هيءَ هيرن جهڙي املهه ۽ موتين جهڙي ملوڪ ۽ اُوجل شاعري جيڪا هن مجموعي "گوندر ويندا گذري....." ۾ اسان کي عطا ٿي رهي آهيَ، اُها اُهڙن اسان جن عوام دوست، قوم شناس، سونهارن شاعرن جي صف اول جي هڪ فقيرتن شاعر، ابراهيم منشيءَ جي تخليق

آهي. هو پنهنجي پرِ جو هڪ ڪاهوڙي، هڪ لاهوتي آهي ۽ پنهنجي ڌرتيءَ ۽ پنهنجي ديس واسين لاءِ ڏونگرَ ڏوريندو رهيو آهي- ”خبر ڪاهوڙين، آهي لَڪَ لاهوت جي“ : اُها ’گوندر ويندا گذري.....‘ جي خوش خبر، پاڻ اسان کي هِتي ڏيڻ گهري ٿو- پنهنجي ديس جي ڌرتيءَ سان ۽ اُن جي حال سان سَڃاڻپ جي خبر، اُتي اُن جي ڪلياڻ لاءِ جاڪوڙڻ جي خبر ۽ اُن لاءِ جيڪو خواب مَن ۾ ڪنيو، هو سڀ پنهنجا ڏينهن، سڄي سِندَ واکيندو ۽ واڇيندو رهيو آهي، ان خواب جي خبر.

اسين جيڪي ”گوندر ويندا گذري“ جي اها خوش خبر پڙهنداسين، شاعر جي اُن خوش خبر جي کهڙي موٽ ڏيون، اُن جون سڀ واڌايون اسان لاءِ ۽ سڀ مياروُن اسان تي آهن:

”هلو تہ هلون ڏٿ کي، اُٿو اُٿوا“ ڪن،
پاٿي پَوکَّڙين ۾، ڪَنڌُرَ سر ڪُلهن،
”ڏوٿرا ڏور سڄهن، وٺي وهامي راتڙيا“
(شاهہ)

هن مجموعي ۾، هن ڏوٿيءَ، هن عطائيءَ، هن درياءَ دل، راڳي شاعر، پنهنجن منفرد نظمن ، واين ۽ ڪافين ۽ بيتن سان اسان جون جهوليون پريون آهن، جهولين کان وڌ اسان جونْ دليون پرڻ چاهيون آهن، بشرطيڪ هُن جي اها ورڪا ونڻ لاءِ اسين پنهنجون دليون کوليون ۽ اُن ۾ جا صدا آهي. پنهنجي ماروئن ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ قربانيءَ ۽ ڪم جي صدا- اُها ٻڌون...... جيئن ڪا صدا ٻڌبي آهي ۽ جيئن ڪا ورندي فرض بڻبي آهي، اُن ورنديءَ جي ڏيڻ لاءِ پاڻ ڌونڌاڙيون ۽ پنهنجا سُتل مَن جاڳايون.

منشيءَ کي مون ’عطائي‘ سڏيو آهي، ’راڳي‘ سڏيو آهي. هائو، هو عطائي آهي، راڳي آهي. اسان جي قديم معاشري ۽ تاريخ ۾ عطائين ۽ راڳين جي موجود روايت جي عين مطابقت ۽ سلسلي وارو هو عطائي ۽ راڳي: ڀيجلُ جن جي علامت آهي، جيئن حضرت شاهہ عبداللطيف اُها علامت ڳائي وڄائي اسان کي عطا ڪئي آهي- مقصد جي تند تنوارڻ وارو، اُن لاءِ ”سُک ۽ سواد“ کان پاڻ پَلي، سرِ- دان

جي ثواب جي موقعي پڙائڻ وارو ۽ رستي پنڌ، ڪيت ڪري، گهر گهر ۽ اوطاقن آڏو بيهي هوڪي ڏيڻ وارو. جن منشيءَ کي، هِن 'درويش' شاعر کي هيٺ ڏرتيءَ جي ماڻهن جي "درن" تي، پنهنجي ملڪ جي ماڻهن لاءِ ۽ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي "درن" تي-- عام ۽ خاص مارڪن، گڏجاڻين ۽ جلسن ۾ اها صدا هڻندي ۽ اوچي گلي سان دانهيندي ۽ ڳائيندي ٻڌو آهي، اُهي شاهدي ڏيندا ۽ چئي سگهندا تہ 'منشي' اُهو عطائي آهي يا ڪو ٻيو. جو چوي ٿو، سرد دليون گرمائي ٿو ۽ وڏي آواز ڳائي ٿو:

ڪارونجهر ڪان ڪينجهر تائين، ڪيٽي بندر ڪان ڪشمور،
مُوتين کاڻ هي ملڪ سچو آ، مارن جو، ۽ مارو مورا

عجب ڏٺوسون اچي ادا ڙي، دنيا جو دستور هتي،
راهہ رهڻ جي ڪائي ڪانهي، مسڪينن لئہ مُور هتي.

ڪيڏي رات انڌاري آ، ڪيڏي رات انڌاري آ!
بڙچي بم بندوق سان بيٺو تڙ تڙ تي تاتاري آ-
ڪيڏي رات انڌاري آ!

'منشي' مور نہ ٻئي ڪنهن ماريو، ماريو ماروئڙن جي مات،
ڏيهہ سڄي ۾ ڏوٿين کي ڏس، ڪيئن نہ ڏاري ڏاڍ جي ذات!
تن جي ڪارڻ جوڳي بنجي ڳايان، جڳ جا ڳايان!
توکي کهڙا گيت ٻڌايان، توکي کهڙا گيت ٻڌايان!

مون پڪ سچاتا پنهنجا هئا، ڪي ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾،
تي وات ڏسيائون ويرين کي، ويهي وانگيئڙن جي واڙي ۾.

مون رات گنجي ۾ گجندي، ڪيڏا سنڌوءَ جا سرواڻ ڏٺا،
تي ٻهڪيا منهن ۽ ٻانهن ٻَر، مون ٻلواڻن هٿ ٻاڻ ڏٺا.
جهيڙي جي جهونجهار وو يار، پرڪا آهي پڙ ۾!

نيٺر ٽوڙي نڪري ويندي، تاريلي تو ٽاٽي مان،
دوکي جي اچ ڏپ اچي ٿي، تنهنجي داٽي داٽي مان.

نہ هونديون حويليون نہ هوندا هي ٽاٽان،
مان هوندس نہ هوندس، سو پاڻان نہ ڇاٽان.

اجها رات ڪُٽي ۽ باک ڦٽي، انسان ازل کان آجو آ،
ڪي غلام ڇُٽا، ڪي ويندا ڇٽي، انسانُ ازل کان آجو آ!

۽ انهيءَ اسان جي آجائيءَ، قومن جي آجائيءَ، انسانن جي آجائيءَ جي ازلي حقيقت جي ياد هڪ ڀيرو ٻيهر، هتي "گوندر ويندا گذري..." ۾ شاعر اسان کي ڏني ٿو، ۽ سر- دانَ جي عيوض اُن جي حاصلات جي 'خوش خبر' هو اسان کي ٻڌائي ٿو، ۽ اِهو ئي سندس ٿورو اسان تي ايڏو وڏو ٿورو آهي جو سچ تہ اسان جي لاهڻ جو نہ آهي ۽ انسانن جي آجائي پنهنجي سرِ پاڻ تہ واقعي سر- دانَ گهري ٿي- جنهن ٿي لاءِ سيدنا حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ 'راءِ ڏياچ' جي واتان چوايو آهي تہ-

مٿي اُتي منهنجي، جي ڪوڙين هونِ ڪپارَ،
تہ واريو واريو وڍيان، سِرِيءَ کي سئو وارَ،
تہ پڻ تندُ تنوارَ، تنهنجي مٿاهين مڳٽا!

حيدرآباد، سنڌ
آگسٽ ۱۲، ۱۹۸۵ع

محمد ابراهيم جويو

نظم

نہ وسڪار وچڙين، نہ ٿڏڪار ٿر ۾،
اجايل اکيون آس ونديون ابر ۾.

ڪارونجهر ڪان ڪينجهر تائين

ڪارونجهر ڪان ڪينجهر تائين، ڪيٽي بندر ڪان ڪشمور،
موتين ڪاڻِ هي ملڪ سچو آ، مارن جو، ۽ مارو مورا

هن ۾ هاري اَنُ اُپائن، جن جا سون جهڙا سنگ،
هن جا ماٿو محبت پريا، ناز منجهان ته نپائن ننگ،
هن ۾ جهوپا جهانگيئڙن جا، هن ۾ جهونگارون جهر جهَنگ،
ڪافي، وائي، بيت، جمالو، ۽ پيا پڙنديون چُرندي چنگ،
'خلد' برابر هن ۾ خوبيون، ۽ پيا روپ رسيلا رنگ،
دنيا ساريءَ ۾ اي دلبر، ديس منهنجي جو ناهي دنگ،
سنڌ سڄيءَ جي سينڌ سنڌو آ، جنهن ۾ گهاتو ڪن ٿا گهورا

منڙن منڙن پولن وارن، مال وندن جا هن ۾ ماڳ،
پاڳ پليرين پاڳياڻين جا، پائو هن ۾ پاڳ ٿي پاڳ،
هر هڪ ونڙي پنهنجي وَرَ سان، وينی لنئون لڳائي لاڳ،
جنڊ اسر جو جيڏين جوتيا، چڻ ڪنهن راڻو ڳايو راڳ،
پاڻيءَ ويل پنوهاريون پاڻ ۾، چوڙيليون ڪن چرچا چاڳ،
پوڙ پلاءَ کي پن ڏيئي، سي سادا سانگي آڻين ساڳ،
سرءُ سياري ساوڻ جو تن، سانگين ناهي هينئڙي هور.

مشڪ ڪٿوريءَ ڪان بہ مٿيري، هن جي خوشبوءِ ۾ آ خاڪ،
باک ڦٽيءَ جو وڻ ٽڻ واسي، هن جي موتين جهڙي ماڪ،
هن ۾ ٽر ٽر ٽڏڪارون ۽ هن ۾ ٿاريلين جا ٿاڪ،
هن ۾ باغ بهارون برسر، هن ۾ بلبل سڀ بيباڪ،

هن ۾ مانجهي مرد مثير ۽ هن ۾ ڏوپارن جي ڏاڪ،
هن ۾ سانگي ساڏا سوڏا، ڏاهـا، پورا، دل جا پاڪ،
هن ۾ وارا ويا وڃائي، شينهن جهڙا ڪئين شهزورا

هن ۾ سچل سامي، سانوڻ، هن ۾ شاهه پٽائي گهوٽ،
هن ۾ دودا، دريا خان ۽ هن ۾ ارڏا ڪئين اٺموٽ،
هن ۾ صوفي، صادق هن ۾، هن ۾ عاشق ورتئون اوٽ،
هن ۾ مڪلي، موهن دڙو، ۽ هن ۾ آهي عمرڪوٽ،
هن ۾ راڻا، راءِ ڏياچ ۽ هن ۾ چايا ڪئين چاموٽ،
هن ۾ سهٽي، هن ۾ سسئي، هن ۾ مشهر مارئي موٽ،
هن ۾ عاشق اهڙا ٿي ويا، جهڙو عاشق چنڊ چڪور.

دنيا ۾ هي دنگ اٿيئي، مارو‍ئڙا مهمان- نواز،
آيل کي هو عزت ڏيندا، آدر ڀاءَ سان ڪن آغاز،
پاڻ نہ هوندي پاڙي پٽ تي مهمانن جو رکندا راز،
پنهنجي ريت پراڻيءَ کي هو اڄ بہ نڀائين ڏاڍي ناز،
رات سڄي ڪن ريجهہ رهاڻيون، الغوزن جا ات آواز،
ڀيچ ڀنيءَ ڀوڻيندا ڀون ڀون، چنگ ڄُرن ڀيا سينڌون ساز،
بيت، ڳجهارت، هلي همرچو، ۽ ڀيا ڏين ڏاها ڏور.

هت تہ لايون لابارا ۽ چيٽ ڪتيءَ ۾ چوندا جام،
ڪاهڙ سارو ڪيت ڪرا ۽ سهٽي ساوڪ صبوح شام،
چوندي ميڙي چوڙيليون ڪن ڳگدامن لئہ گاهہ گدام،
ٻاجهر، سارِيون، جَوَ ۽ جُوئر، ڪڻڪ، مَٽر هت مهر مدام،
ڪونجن وانگي ڪري قطارون، وڃينءَ وريون گوريون گام،

چال چگّيءَ سان چالـون ميڙيو، چونڊيون پرين الـبت عام،
پٽيون ٽپرين پيـار منجهان سي پٽيان تن جي لاهيو لور.

اجرڪ، پـٽڪو، سُٿڻ ۽ صدري، آهـي وڙائو وانگين ويس،
گج ۽ گربـيـون، لاڪيون لويـون، ڪـاهڙ وارن ڪـٽيـون ڪـيس،
پـرت پريو هـت پوريون پـائن چولن تي چـت لايو ليـس،
قابل هت ڪرڙاٽ قرب مان، ڏاڍا ڏاڙهين ڪـن ٽا ڪـيس،
هرهنڌ ٻڌندين هـاڪ هنن جي، دنيـا ۾ تون ديسان ديـس،
هن ۾ گهوڙن گهوٽ چڙهيو، ڪـن راڻا رِيسَ منجهان ٽا رَيسِ،
هـن ۾ ٻيلا، ميلا هن ۾، منـچر مياٽي ڪـاڪ پنيـور.

چنڊ ڏسي آڪـاڙ جو اُپ ۾، هـارين هُرلا چاڙهـيا نـار،
ٻنا ٻنڌيو ڪـن ٻُروٽيـون ڳـاڏيـن ويـنا ٻـيڙا، ٻـار،
ٻـاڙو ڏاڪي ٻـوڙ وهـن، ڪـو تـانگڙ مالهه گـسي مالهار،
پاڙيچ پلٽي، نمندا نيـسـر، پاٽي اچلين پرٽيـن پـار،
جوڳـن ۾ ات جُـنـگ وهـن جي ٽـلها ڏاگها ٿـوهـيدار،
چم چم چيرون چٽڪارون ڪـن، منـهـان مارن مزڙيدار،
راتو ڏينهان ريج ڪـريو سي، چٽـيـو چـڏيـن ڍنـڊيون ڍور.

سانـوڻ ۾ هـت دريـا دهشـت ٻيلا ٻـوڙي ٻـوڙي ٻيـٽ،
پاٽي پسندين ڪنڌي ڪناري ٽُم ترايـون ڪيـٽيون ڪـيـٽ،
اسـو آيـو اتـر سـعـيـو پـاٽـي وٽـنـدو دريـا پـيـٽ،
ريـج اچـي ۽ رنـگ مـچـي اُت رانـيـل سـاوڪ سارو ريـٽ،
ڪـاهڙ وارا ڪيـڙي تنهـن ۾ چوڏاري ڪـن چـڳـڙا چـيـسـٽ،
چانهيـون، گدراَ، مُگـَ، مڪـائي پِلـو تنـهـن ۾ پيـندو پيـٽ،
ڪونجون ڪـٽـڪن ڪـيـٽن تي ۽ جهانگين جهنگل منجهه جهڪور،

مصري ماڪيءَ ڪان بہ مٺي آ 'منشي' سهٽي ساري سنڌ،
پوري دنيا منجهہ پري روءِ آهي پنهنجي پياري سنڌ،
هن جي ٻولي ٻاجهاري ۽ جيجل جيءَ جياري سنڌ،
نيڪ نماڻي نهٺي نازڪ نہ، پريل هيءَ نياري سنڌ،
ظالم ڪئين ويا زور لڳائي وانگين ور ڏٺي واري سنڌ،
هرهڪ پنهور ساڻ هميشہ پٽ هن پوري پاري سنڌ،
هن جي سڏ تي ماڻهو مرندا لک هزارين مانجهي مور.

ڪارونجهر ڪان ڪينجهر تائين، ڪيٽي بندر ڪان ڪشمور،
موتين ڪاڻِ هي ملڪ سچو آ، مارن جو ۽ مارو مورًا

تنبين تي تار پيجاري

وچيــنءَ ويــلي ولر واري، وڻــاڻــن ڏي وريــا هــونــدا،
تــنبيــن تــي تــار پــيــجاري، تــنــوارينــدي تــريــا هــونــدا!

ڍهوڙن سان ڍڪيو پهچن، اڳيان سيــنــي ڪــان آلــوڙيــون،
ڏيــئــي ڦيرا ڦــرن تـــي ســـي، مــڙي پريــائــون مــاتــوڙيــون،
ٻري ڏيئي پــاڇڪــو ڪانگهارين ڪي لاس تــي لوڙهيئون،
وٽيون هٿ ۾ پــســون پــاســي، جي ڪيرن جا ڪريــا هــوندا!

ڪنهن ياڳياڻي ڳجر ڳوشي، ڪنهن ياڳياڻي ڪنڌي ڪاري،
پريون مٽن جون يـــاڳياڻين، پٽـــارين لئه آنڊيون يـــاري،
ڦريون ڦولهي هٿن سي ڦڪ هُوندي ڳــاهن جـــي ڳلزاري،
پٽيــنـــدي مٽر پوچـــاڙي، ســنـــدن هٿ ڻيا هـــريــا هــوندا!

سونهــن سِر سرتين جي، سينهــڙن تـــي پـــيلهڙا پــهه پــهه،
ٿاهيو ٽوليون اچن ٽلنديون، ڪنديون ٺهڪن سندي ٺهه ٺهه،
چٽن مـــان چولڙا چمڪن، چُرن جي چَسپَ تــه ٽٽي ڇهه ڇهه،
پنيــرڪـــي جــو دلا ۾ مِٽَ، پــرم وارين پريـــا هــونــدا!

چڙهيــا چيــٽي لڙها، پــاڻي، پٽــن تـــي ڪــيـيـــون پالوٽـــون،
صُبوح ۽ شام هارين جون هونديون جـــوڙن مـــٽي جوٽون،
سارين پيجـــا بــه ســامــاٽا، هونديون هر ڦل اندر ڦوٽــون،
ڇُڪين ۾ چاهه مان ڇوڙس، ڇيها ڇالُن ڇريــا هونــدا! وٽاڙن

جي کو وٽ وٽ ۾، ڪنهن هوندو هر مُنيو هٽ ۾،
ڪو ڪاهوڙي کَهي سان هوندو، ڪانڊيرن جي سٽ سٽ ۾،
ڪو ڪوڏر، ڪو ڪهاڙي سان، هوندو ڪرڙي جي ڪٽ ڪٽ ۾،
ڪي ڪاڙهي ۾ کُهڙ ساڙي، نہ ٽاندين ڪان ٽريا هوندا!

وني ۾ ورُ ڇڏي ٻني گهرُ، ٻنيءَ تي ٻانگ سان آيا،
پورو ڏينهن پيٽ لئہ پورهيو، لڪن ۾ لڳ تن تايا،
ٻپهري ٻوڙ ري ماني، پڇائي ويا پسون ڇايا،
اگهاڙا پير تن ٻارن جا، ڪاڙهي ۾ ٻريا هوندا!

مارو هن منڊ ۾ 'منشي' گنجي ۾ گوڏ ۾ گهارين،
هڙئي ڪين هڪ جهڙا، مون هٽ ڪئي ڳالهہ ڪنِ هارين،
تيءَ جي ڪم ڪرڻ ڪارڻ، هُوَ تَل سان تيمر ڪَي تارين،
سيئي سرڪا متان سمجهين، سريا ڪي اڻ سريا هوندا!

وچينءَ ويلي ولر واري، وٽاڻن ڏي وريا هوندا،
ٽُبيينِ تي تار پيچاري، تنواريندي ٽريا هوندا!

نياڻيون پئي مهراڻ جون

گوني، پيچاري نياڻيون، پئي متي مهراڻ جون،
لاڙ سان لاتون لڏائون، لهريون ڏيئي لاڻ(۱) جون.

ڄامشوري ۾ ڄميون هي، پينرون پئي جاڙيون،
ڳهه وجهي ڳوڻن تان لاٿئون، ڳنتيون ڳل ڳاڙهيون،
سانگين جي سرزمين کي، ڏيئي سايون ساڙهيون،
واهه وک وک تي وٺايئون، وانگين جون واڙيون،
وانگين جي وات ۾ وايون، سندن واکاڻ جون!

پاءُ تن جو پر جهلو، ڇينل ڇگو وچ ۾ وهي،
هي ننڍو نينگر ٻنهين کان، رات ڏينهن رڙهندو رهي،
ٿيو امڙ جي، ٿر رسائڻ لئه سوين سختيون سهي،
پئي پکا پاسا سندس هو، ٿو کٽان جو کٽ کهي،
پڳڙا ميمڻ واري پونءِ کي، ڏي پريون ٿو پاڻ جون!

گس وٺي گوني ٽنڊي ۽ ماتلي وچ مان متي،
ڪجهه ڏنڊي کي ڏنڊ ڏيکاري، پهري پونن ڏي پتي،
نانگ وارا وڙ وجهي، وهندي وڃي وارن وٽي،
ڪن ڳمي ٿي ڪين، ٿو ڪاهڙ سندس ڪتيو ڪٽي،
سو بسو سانگين رسائي، سوڪڙيون سرهاڻ جون!

(۱) لاڻ = پوتي وجهڻ مهل ڳنڍ ورهائڻ.

پٽ پٽيهر پائي پيچاري، پکن پنهنجن پُري،
پيڻ کان پاکر چڏائي، سهٽيءَ سيريءَ کان سُري،
گس وٺي گجندي گنجي کان پانهن پلالن ڏي پُري،
دل دڙي جي پر ٿي داخل، چاهه ڏاڍي مان چري،
چئوطرف ڇهري سندس، چمڪن ڏچون چانڊاڻ جون!

دم دڙي پبڪ پر پيو، جر جال ڪئين جاتي اندر،
چوهه مان چوليون هٽيو چُلڪائي جر چاتي اندر،
اُڃَ اباڻن جي اجهاڻ لئه اصل آتي اندر،
جهنگ جهر جهالار جهم ڪيا، تنهن ته هڪ جهاتي اندر،
جا بجا جرکي اُٿيون، ڪئين جلوتون تنهن جواڻ جون!

چال چورين جا ڏسي آيا کهي ڪارا فرنگ،
دل اندر دولاپ تن جي ۽ ضميرن ۾ زهر زنگ،
ترت تاڙي تن طمع ڪيٺڙو تڏي وارن کي تنگ،
جلد ٿيو جاڳو جوانو جابرن سان آهي جنگ،
منهن مترڪن ڏيئي ڪريو پوريون سڏون سانڊاڻ جون.

اڄ وڳهه روپا به آهي رت گهريو راڻا وري،
آهي ميران پور متي، گهريا ڏبي داڻا وري،
ڏيهه جا ڏاهر، ۽ دودا گهوٽ وجهه گهاڻا وري،
نه ته سوين ٿي سال ويندئي سَنڌَ سَنڌَ ساڻا وري،
ٿيو چڙڪ چورا چڏي ڳالهيون سيپئي چڪتاڻ جون.

وانگين کي ويا وروکي هل ڪري هٽ جون هٽي،
ڏوڙ ڏارين کي ڪرڻ لئه ڏڪ اٿيا ڏرتي ڏٽي،
پاڪ پنهنجي سرزمين تان، ڪر تون پاپين کي پٽي،
کيسين ڪولن منجهه 'منشي'، کنهن جي ڪُٽکي ڪامٽي،
راڪ ٻجون رکڙيون پڏو، آيون، رُتون رت چاڻ جون.

تر جي ڏڪار تي

نه وسڪار وچڙين نه ٿڌڪار تر ۾،
اجايل اکيون آس وَنديون آبر ۾.

لڳي لُڪ ڪيا سُڪَ مَرُن مال ماڻهو،
ويڙهيچن تي ويلا نه ڪو گاهه نه داڻو،
نه پاڻو پساڻو نه ڪو تن ڪپي ناڻو،
وتي هرڪو وانگي ويڳاڻو ويڳاڻو،
ڏڪاريل ڏڪن ۾ ڏسي ڏيهه ڏاڏاڻو،
ڪجان پسيو ڪاهڙ هي ڪاڻو ئي ڪاڻو،
اتن ٿا ادا ڙي اوٻارا اندر ۾،
نه وسڪار وچڙين نه ٿڌڪار تر ۾!

نه پون پون پوٺيندن نه پٽڪو پليرو،
نه ڦوڳن ڦلهارون نه ڪنهن ڦر جو ڦيرو،
نه چيها نه چالون نه چيرن جو چيرو،
پٺون پانگ پلجي ڪيو ڪنهن نه پيرو،
اندر هرڪنهن جو اجيرو اجيرو،
پلر ڪٽ نه پسجي ڪو پاڻي جو پيرو،
ڏڪي ڏيل ڏک کان ٿو ڏوٿين ڏُڪَرَ ۾،
نه وسڪار وچڙين نه ٿڌڪار تر ۾!

نہ ڪا بوند برسي نہ بر ۾ بهاري،
وسي وانگين جي وطن ۾ بيٺي واري،
جياپي جو جن تي ٽيو جر نہ جاري،
تباه تونس ۾ ٽيا هرڻ هر ۽ هاري.
ٽيا چت چرڻ ڪان چوپايا چوڏاري،
نہ ليکو لکڻ جو زبون حال زاري.
اچن رڃ نہت جا نظارا نظر ۾،
نہ وسڪار وچڙين نہ ٿڌڪار ٿر ۾!

پسي ڏوڙ ڏرتي ڏبن ڏڻ ڏٿولي،
نہ چوراڙ چرتي نہ ٺهڪن سان ٽولي،
نہ گرگالون گس تي نہ ڪنهن گول ڳولي،
نہ ڪٿ ڪئي ڪچهري ويهي وَهي وچولي.
نہ هونگر همرچي جي پولي ڪنهن پولي،
سُڪا منهن سندن ڪنهن ڪلي ڪل نہ ڪولي.
وني ري ويچارا ويڙهيچا وير ۾،
نہ وسڪار وچڙين نہ ٿڌڪار ٿر ۾....

ڪٿي ويون ڪوهيون نہ ڇيڪار ڇيلن،
سڙن سيت پيا ۽ نہ سينگار سرتين.
اسر ڏيو اٿن پنڌ پاڻي آ ميلن،
پري هيڙ هر ڪنهن وڏن ڪن وسيلن.
سڄو ڳهر سڄو ڏينهن گهڙي پاڻي گهارين،
سڪل سائون سڪُ بُڙ مان سانجهاڻ سارين،
جيئڻ هي پسي جل جاڳيا جگر ۾،
نہ وسڪار وچڙين نہ ٿڌڪار ٿر ۾!

هي جيئرا جنازا ڳنڪا ڪن نہ ڳڻ مڻ،
نہ ڪنهن چپ چوري ڪئي چئونرن ۾ چُڻ چُڻ،

نہ سا ڏوهين تي ڪا سڄي ٿي سُڻ سڻ،
نہ ڪي پر پئن جي ڪا پاڳين جي پُڻ پُڻ،
نهارين ڪٽيو نيڻ ڪنوڻين لئہ ڪُڻ ڪُڻ،
ڪاٿونبا ڪٽي ويا اندر تن جي اُڻ تُڻ،
مرن مور ماندا ڪارونجهر جي ڪر ۾،
نہ وسڪار وچڙين نہ ٿڌڪار ٿر ۾!

ٺهن چند ٺڳن لئہ ڪروڙن جا ڪوٽا،
چڻ لال لڪ جت اتي مـنهن آنـگـوٺـا.
نہ برسايـا پاپين پنوهارن جـا پـوٺا،
ڏنـي منهن مارن ٺڪر ٺلها ٺوٺا،
ڪنيا ڪنهن نہ سانگين جي سورن جا سوٺا،
لڪين پيٽ پرين ٺڪر چند ڇا جوٺا،
ترقي پيئي ترڪي،چورن جي چڪر ۾،
نہ وسڪار وچڙين نہ ٿڌڪار ٿر ۾!

چنـي حق ورتـا ڏيئي راتـن جتـي رت،
ڪري راڄ پورهيت ۽ هاري حڪـومت،
هزارين تنـيـن ميل پـوٺا جـي پربت،
بنـائي ڇڏيا بـاغ جنت ٿي جـنـت،
ملي هٿ نہ "منشي" ٿي مارن کي محنت،
پـوي رت چوسيندڙ لغورن تي لعنت،
جيئڻ جن جهنم ڪيو سانگين جو سر ۾،
نہ وسڪار وچڙين نہ ٿڌڪار ٿر ۾...!!
اجايل اڪيـون آس وانديون ابـر ۾..!!

[۱۹۷۴ع ۾ ٿر ۾ ڏڪار آيو،جنهن تي سيني اخبارن ۽ رسالن گهڻو ڪجهہ لکيو هو، ان ڪان متاثر ٿي، سينٽرل جيل ڪراچي ۾ هيءُ شعر لکيم. ــ منشي]

ٻاٻاڻن جا ٻارا ٻري ۾

ٻاٻاڻن جا ٻار ٻري ۾ ڪير ٻڏائي ٻرندا ڪيسين،
جوت متي هن جيجل جا هي ڳاڙها ڳوڙها ڳڙندا ڪيسين.

پورهيتن جو پکهريل پکهريل ڏيل ڏسي ٿو ڏيل ڏري،
ڪاسي وارو ماسي مان هي پورهيت پوري ڪيئن ڪري،
سارو مهينو سٺ روپيا هو انگ ڍڪي يا پيٽ ڀري،
ڳالهيون ڳنڍيو ڳيرن جون هو ڳنڍين ۾ پيو روز ڳري،
اي سنڌ امڙ جا سانگيڙا هي سور ڀلا چئو چرندا ڪيسين.

ليڙ لٽن ۾ للڊ لڪائي لڄ ڍڪي ڪيئن لال ٻري،
وار سڪي جنهن ويندا ٿي ويا ناهي طاقت تيل تري،
وهر منجهان ٿي اُلٽي واندي گهري وڏيرو گاه ٻري،
هي به ته ڪنهن جي جائي آهي سوچي ظالم ڏس ته زري،
پاه ٻکن پنهوار ڪيا سي ٻاروٽن تي ٻرندا ڪيسين.

جهانگيئڙن جو جهوپو خالي آيو وهرڻ سي عيال،
ڪارا ڳورا ٻار اگهاڙا وينگس ويڙهيل هڪڙي وال،
ڳوڏن اءِ ڳپ ۾ ٻريل ٻار ٻڏيا سي هيٺي حال،
ڪاوڙ مان ڪمدار اچي پيو ڪانڊر سان ڪندو قيل مقال،
جهور جُهڪيل هي جهانگيڙا هن جُهوپن ۾ پيا جُهرندا ڪيسين.

چانپ اتر ۾ چنڙي هينان چورن جي ڏس چانگ الا،
واءُ اتر جي ائين سي ويڙهيا ويڙهيل ڇڻ ڪي نانگ الا،

ڪاڙهن ڪاڙهيا سرديءَ ساڙيا سانگين سورن سانگ الا،
حال هنجن جو هيٺو هٿ ۾ ڪوڏ پيا ڪن ڪانگ الا،
مام انهيءَ ۾ ماروئڙا هي مارون ڪائي مرندا ڪيسين.

سارو ڏينهن تغاري سر تي پيءُ پُٽَ شام جو روپيا چار،
پيٽ بکيا ۽ انگ اگهاڙا گهر جا پاتي پارهن پار،
تن مان ڪي معصوم مُڏي ۾ ڪن ڪي بک ڪيو بيمار،
حال ڏسي تن حيرت پريو آيل روئي ڏئي اوڇنگار،
دوزخ جهڙي ان دنيا ۾ هي سانگي سادا سڙندا ڪيسين.

ٻارهي تي ڏس ٻاٻاڻن جا ٻارهن سالن وارا ٻار،
پيٽ گندي ۾ پنج روپيا هٿ آهي ماڻهوءَ جو ماهوار،
ڪنهن جون عيدون ڪنهن جون شاديون هي تہ هميشہ ڏورن پار،
سٺ روپين ۾ سال سڄو هن گروي پٽ تي گار جي وار،
ڪوس اهڙي ۾ "منشي" آخر ڪَلها ڪنهن جا ڪڙهندا ڪيسين.

دنيا جو دستور

عجب ڏنوسون اڄي اداڙي، دنيا جو دستور هتي،
راه رهڻ جي ڪائي ڪانهي مسڪينن لئي مُور هتي.

سڪل ماني سيمنٽ جهڙي صبوح منجهان هن کٽي تند وري،
سر تي ڏلها شام صبوح هي، پيٽ کٽي ڪٽين پوري،
ٻچڙا جنهن جا انگ اگهاڙا ، پيٽ پنٽي جي ناهي پوري،
سونهن وڃائي سورن ساري، پوءِ به سر تي سوري سوري،
لپ لسيءَ لئه هي لاڪيٽي مفت مري مجبور هتي،
پيٽ بکئي جي لاءِ پلپل پيئي پچائي پور هتي.

هفتي ۾ هزار مٽيءَ جو سورنهن روپيا ست چٽان،
اڌ منو مڻ اٽو به گهرجي، تيل ڪريان يا ميٽ ڪريان،
ڳنڍ جي ڪارڻ ڳڙ به گهرجي، ڪيئن ڪريان چئو ڪيئن ڪريان،
سيءَ سُڪائي سوڙها ڪيا تن ٻچڙن جي ٻاڪار پَريان،
پيٽ ويچاري لڄ جي ماري، هڏ چم ڏيئي ٿي چُور هتي،
اهيئي ڏلها اجائي ڪوڙ، سهسين آهن سوُر هتي.

سر تي ڏلها سانجهي ٿي ويئي جهجندي پهتي جهوپي جهل،
ٻارن ڏسندي ٿي ٻاڪاريو، اڄي امان پيئي جيجل،
سُڪل چهرا ساوا ٿيا ڪجهه جيجل آڻ جلائي چُل،
ساڳي ماني سيمنٽ جهڙي ڳُڙ سان ڳڙڪي هر مهل،
ڏرتي هنڌ ۾ اوچڻ اُپ جو ڪيڏا ڪيس ڪلور هتي،
مسڪينن جي ماس منجهان ٿا موجون ڪن مغرور هتي.

سومر گذريو آيو اڱارو، اربع ڏينهن ويو آئو ڪٽي،
فڪر لڳي ويو فاقه جو پر پاڻ ٻڌائين پيٽ پٽي،
ڪُلهن ڪرڳل سر تي سارو، بک مچائي ونجهه وٽي،
لوڻ ۽ پاڻي چلهه تي چاڙهي پاءُ منجهان ڪيئين پٽي چٽي،
آس اڙايو ڏينهن جمع تي، نير وهائي نُور هتي،
پاڻ پچائي لج بچائي جُهڳِيءَ ۾ تي جهُور هتي.

ڪير ڪمائي ڪير ٿو کائي هتي ادا حالات ڏسو،
ڪن لئه قائم ڏينهن سدائين ڪن لئه ڪاري رات ڏسو،
ڪن جا پيٽ پلاهن پريل ڪن جي واري وات ڏسو،
سچ چوڻ لئه سِڪن سياسي، ليڊر شپ جي لات ڏسو،
اکين هوندي اندا آهن، نابينا بي نوُر هتي،
رشوت خور رياڻي رهزن آفيسر منظور هتي.

اُڏَ ۾ اي سي چيف برابر، اڏ ۾ ايسڊيو ۽ انجنير،
داروغي ڪي ڏار کپي ۽ ڏاري گهري ٿو پيو سروير،
استيمنٽ اڍائي لک جي خرچ ٿيا کي ڏوڪڙ خير،
گڏيا جُواري ٺيڪيداري، تري چَڪي جو آهي ڦير،
آفيسن ۾ عام ڪُلي آ رشوت اورا اُور هتي،
ڏيڍ روپئي ۾ ڏينهن سڄو ٿو ڏلها ڪٽي مزدور هتي.

ظاهر ظلم زميندارن جا هارين تي هر بار هزار،
پاڻ پٽوڙي لُنڊيون لتوڙي، اَن اُپائي ٿو جو انبار،
دل تي ڏاڪو فڪر ۽ فاقو ٻچڙا بُک کيا بيمار،
سال سڄو جنهن سُور سَٺا سو سير اٽي جي لئه لاچار،

مرضن ماريل ماروئڙن جو ڪريان ڇا مذڪور هتي،
سورن جو سنسار هتي ۽ سُورن پٺيان سُور هتي.

سيءَ سيارو پاڻي پارو، گوڏا گنجيءَ ۾ ڪَري گُذارو،
ڪاٺيون ٽيڪي هَٿڙا سيڪي، سال گذاري سارو سارو،
هَرُ هلائي ڪيڙ لڳائي ٺاهي ٻنيءَ جو پارو پارو،
وڏي وڏيري جو ته به تنهن تي ڳار مٿي ڏس ڳار جو وارو،
مزدور ادا مجبور هتي، ڪري عَيش وڏيرو ٽُور هتي،
ڪانگ ڪاٺي انگور هتي ۽ خُور ماٺي لنگور هتي.

منهنجن مارن مسڪينن جو حَيرت پريو حال ٻُڌو،
لاڙئون لڏيو اُتر اچي پيو پورهئي ڪارڻ ڳالهه ٻُڌو،
پنج ٻَچا ۽ پوڙهه و پيءُ هي اڪين ڏٺو احوال ٻُڌو،
طفل وبيچارا پنڌ جا ماريا تن جي قيل مقال
ٻُڌو،جتي ته پيئي اُتي وهائي سردي گرمي سُور هتي،
سُورن سهندي سانگين ڪي ٿيا نَس نَس ۾ ناسُور هتي.

ڪهر ڳڏهه تي ڪَلها ڪُلهي تي انگ به اوڇڻ ڏارا ڙي،
پير اگهاڙا تتل ڪاڙها ڪلر ڪوسا ڪارا ڙي،
ڇهن ورهين جا ڇوڪرڙا تو ٻارهي بيهاري ٻارا ڙي،
سوچي ڏس تون ايئرڪنڊيشنڊ ڪار ۽ بنگلي وارا ڙي،
اهڙو 'منشيِ' ماروئڙن تي مڙهيل آ منشور هتي،
ڳَڏ ڪڍي ۽ ڳاهه به وڪڻي، غمن ڪيو غرقور هتي.

پٽائي سان مخاطب

ڀلاري ڀونءِ جي مٽان تہ ڀاڳين ڀنيت،ڀيا ڀڙڪن ڀَلا ڀٽـائي،
مَرن پيا مارُو ڪُسن پيا ڪُونڌر قَهَرَ پيا ڪَڙڪَن ڀَلا ڀٽائي.

چَپن تي چَتيون زبان تي مُهرون ڪُچون تہ ڪاتيون چِٺ تيون چاتيون،
سهم ۾ صَدما اندر ۾ اُڌما ڏکن ۾ ڏينهن ۾ روئڻ ۾ راتيـون،
لڪايان کهڙيون لطيف توکان ٻڌايان کهڙيون برهہ جون باتيون،
سِون جون ڪانئي چڙيون ڙي سائين ڪلون تہ ڪولين ڀَلا ڀٽـائي.

اميدون آخر ويون ٿي آسون، اسان ئي ڦُرجون اسان ئي ڦاسون،
اسا جا ليڊر اسيمبلي لئہ هزارين ڀاسيـو اچن ٿـا ڀاسون،
اندر ۾ ٻـاهر ڪُڇن تہ ڪافر وٺيو وزارت ڏيـن اوڀـاسيون،
هتي تہ باغي هتي تـہ ڏوهـي سـچـا ٿا سڏجن ڀَلا ڀـٽائي.

اچا عمر جو جبر آ جاري، اجـان تہ مارئي نـہ ماڳ مـوٽـي،
وڏا واعدا هــٺا ورڻ جـا مــگـر عـمـر جي نـيـت آ کـوٽي،
ڪڙهي ڪڏهن ڪان اندر تہ ڪوٽن پيئي پنوهارن سندي هي پوٽي،
هزارين هاڃان سٺا تـہ سر تي سدائين سانگين ڀَلا ڀٽــائي.

سَسُئي جي سر تي اُهيئي سـاڙا، اهيئي حب ۾ اهيئي هاڙا،
اُهي لُڪون ۾ اَهيـئي ڪـاڙها، اهيئي ڏارين سـنـدا تہ ڏاڙا،
پٽي ويـــا ڪنيـن پريت پــاڙا، ڀَنـيـور وارا آنـڪـن اُگهــاڙا،
سوين سَسُوُيون چڏيون تہ ساڙي، ونـدر جـي واٽـن ڀَـلا ڀـٽائي.

اجان نہ موٽيو تماچي تڙ تي، هتي تـہ نُوري چڙهـي پيئي سُوري،
ويا سي وينجهر، ڪڙهي پئي ڪينجهر ملي ملاحن نہ ٿي مزوري،

سُکي ويئي ڍنڍ سڙي ويا سنڌ رليا رُهاڪي پٽون، نہ پُوري،
هتي تہ هاڃان ڪيا هنجن سان، ڪَنکن ۽ ڪانگن پلا پتائي.

ڪهٽائي گهاتو چڏيا گهمائي، مٿو نہ آهـي مَڪر سو مانگر،
سُکي سڙن سنڌ، ڦتيون مياٽيون، مڇي مُدارن اندر ويو محشر،
ڀچاڙ ٻچ جي ڏسيو ڏکن پيا هتي جي ڏيکاءَ ڏين ڏهيسر،
اڃان تہ ميدان ۾ مورڙا ڪي، نٽا پيا ڏِسجن پَلا پتائي.

اڃان بہ موکي مدي آ من ۾، زهر پياري متارا ماري،
ڏسي پيئي آوت اچن پيا راوت، نہ ٿي هوءِ پنهنجي بني بيهاري،
ڏسي خزانا ڪري بهانا، ڪوٺيو سا قاتل ڪُهي ڪناري،
ملهايو مانجهين هتي هزارن مري متارن پَلا پتائي.

سوين تہ سُهٽيون هتي سُکي تي، سڙن مَرن ڪي جهڄن جهُرن ٿيون،
سنڌوءَ سُکي ويئي ميهر مري ويا، چڙيون نہ چالن سنڌيون چُرن ٿيون،
ڏهائي ڏَمر جو ڏسيو سي ڏهڪاءُ، هزارين آسون هنئين هُرن ٿيون،
گهڙا ڪٽيو سي مٽي تہ گهيڙن، اڇيو اوسارين پَلا پتائي.

لٽو نہ طلسم رُلن پيا راڻا، نوان تہ ناٽڪ ڪري پيئي ناتَر،
سوين تہ سودا ڪُتا ڪنڌيءَ تي، نہ ٿيو ڪو رجپوت اڃان تہ رهبر،
ڪُسڻ جو ڪُوپ هت وَهي ورهين کان، ويا نہ وَريا محل جا ماهر،
ڪومائي مومل فَريب ٽوڙي، چڏائي چورن پَلا پتائي.

سنڌوءَ تہ سانديا سدائين سيني سوين هزارين ڏياچ ڏاهر،
دلير دودا درياخان ۽ ڪنڌار ڪوپا ننگر ۽ پونگر،
نئون نياپو نيئڻ ديس ۾ ڪٿي اوهين جي اچو تہ هيڪر،
ڪڏهن ڪُڙم مان ملي تہ ’منشِي‘ ڏڪاري ڏارين پلا پتائي.

سڙي سُورن ۾ تي ساٿي

ڏٿين ڪـان ڏار ڏڳ ڏکـندي، رُنـي رَت رات تـي راتـــي،
سدا ساري سنگهارن کي، سڙي سُورن ۾ تي سـاٿي!!

مَٿي مٽ منهن ويا مُنڌ جا. مدت کـان مـامـرن مـاري،
ڳلن تـان ڳـوڙها ڳـاڙها، ڳاڙيـنـدي ڳـٺـتـيـن ڳاري،
ڪائڻ ڪارا بنا ڪاهڻ، پريءَ چـڏيـو پـيـئڻ پـاٿي!!

جا هر موسم اندر مهڪي، سا اڄ تاندن پيٺي ٿهڪي،
سجُو ڏينهـن ساهه ۾ سونڪو، سڙيو سورن اندر سهڪي،
ڪسرڪُل ڪان ڪُماري، هي ڪڙهي ڏس ڪيئن نه ڪو ماٺي!

ڏيو وَر سا وجهي واهون، جنهن جا پنهنجا رهيا پاهون،
برهه پاريون اچي باهون، ڪٿيو ڀانهون ڪري دانهون،
جگر جيرا جليا جنهن جا، آهي ڪوري مِثل ڪاٺي!!

جي 'منشي' مٿي جا مٽ موٽن، رهي سا ڪيئن منجهه ڪوٽن،
گهٽا پيرا اڳي آجي، ڪٽي ڪهيرن منجهان گهوٽن،
اجا پُڻ آسرو آهي، سِگها سانگي تيندا سـاٿي!!

گونگي ٻوڙي

گدلي گدلي گونگي ٻوڙي، ڪنهن جي آهي نينگري،
ڪنهن جي آهي نينگري،

منهن مُرجهايل ڪمايل ڪهايل، نار نڌڪي پيٽ بڪايل،
ٿڪجي پيئي آ ٻوڙي ٻوڙي، ڪنهن جي آهي نينگري،

ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڪٽي ٿي، پنهنجو چڪن سان ماس پٽي ٿي،
ٻالاپڻ ۾ پسجي پوڙهي، ڪنهن جي آهي نينگري.

ڇَڙيل ڇَتڙا هنجون هاري، ڳاڙها ڳاڙها ڳوڙها ڳاري،
پرجهل ناهي پيچي ڏوڙي، ڪنهن جي آهي نينگري.

مائٽ مُنڊ جا منهن متي ويا، ويچاريءَ لئه ورهه وٽي ويا،
سورن 'منشي' ڪئي آ سوڙهي، ڪنهن جي آهي نينگري.

توکي کهڙا گيت ٻڌايان

توکي کهڙا گيت ٻڌايان، توکي کهڙا گيت ٻڌايان،
سپنهنجا ڳاهيان پنهنجا ڳايان پنهنجو من ۾ پايان.
سورن ساڙيل سانگيئڙن جي، منهنجي گيتن ۾ گونجار،
مرضن ماريل مارُوئڙن، تن هارين نارين جي هُونگار،
تن سُورن جون سَنگهرون ڳاهي، پاڻ ڳچيءَ ۾ پايان.....
توکي کهڙا گيت ٻڌايان.

لوڏ ٻپر ۾ ٻڌي ٻانهياري لاڏ منجهان ڏي لوڏا،
ٻُک ۾ ڏاوڪ ڏيءَ رڙي تي چاتيون مادر چوڏا،
مونکي روئي جن روئاڙيو تن جون ڳاهون ڳايان...
توکي کهڙا گيت ٻڌايان.

کالهونکر ڏس کورن آندن هاري هو هارياڻي،
پيٽ پٺن لڳ پاهه ٻُکن ۾ ڏرتيءَ جي ڏجياڻي،
پنهنجي وطن ۾ ويڳاڻا جي تن سان ورهه ورهايان...
توکي کهڙا گيت ٻڌايان.

'منشي' مور نه ٻئي کنهن ماريو، ماريو ماروئڙن جي ماٺ،
ڏيهه سڄي ۾ ڏوٿين کي ڏس کيئن نه ڏاري ڏاڍ جي ڏاٺ،
تن جي کارڻ جوڳي بڻجي ڳايان جڳ جا ڳايان.....
توکي کهڙا گيت ٻڌايان.

ڪاراين ۾ ڪڙيون اجڙيون

ٻنهي ٽنگن ٻيڙيون سنڌوءَ ڪاراين ۾ ڪڙيون جڙيون،
ڏوهي باغي ڪافر سڏجان، دانهون ڪوڪون واڪارڙيون.

ترٽل ترٽل ڪرت تاٽا، ٻاڻ ڪي ڏوهي ٻاڻ تو ڄاٽا،
شعر لکي مون انڌا ڪاٽا، ڪنهن جي ننڊ ڦٽائي ٻاٽا،
ڏات ٻه منهنجي انڌي ڪاٽي، ڪِريل ڪنهن اڳهه ڪين وڪاٽي،
ڪالهه وڪي نه ڪا اڄ سياٽي، ڄاٽي واٽي تند مون تاٽي،
اهڙيون ڳهٽيون ڳهتجي ويون، خوني هٿ جي ننهن سان ترڙيون.

هر هڪ دل ۾ دردن ڏيرو، ماروئڙن من موز نه ميرو،
گهر گهر تي اڄ پهرو گهيرو، چپ چرڻ سان جر ۽ ڇيرو،
گوليءَ سوري ڦاهي ڦيرو، وقت ڪريل پيو نينهن نبيرو،
سوريهه ياٽين سوپ سويرو، مور نه ياڻه مٺو مٺيرو،
آزادي لئه اڄ اڏيءَ تي گهارڻ ڪارڻ ڪڙيون گهڙيون.

هر هڪ ساسي وٽيو سهڪي، ڪينجهر جو پيو پاڻي ٿهڪي،
ڌرتي ساري ڏڳ ڏڳي پيئي،ڪيڏي ڪوسي لُوهه لڳي پئي،
مارو تاءَ ڪان وينا تڙپن، پوڻ سڄي تي پينت پڙڪن،
ڇڏ ڪٽي تون موهه مڏيءَ جو، اڄ وڏائي مان اڏيءَ جو،
’منشي‘ ڪيڏيون محبت پريون، دردن ۾ ڏس دليون سڙيون.

سورهن ايڪڙ چنڊ تي

سنڌ وارن لئہ ڪيو سرڪار ٽيڪڙ چنڊ تي،
هرڪنهن هاري لئہ زمين آ سورهن ايڪڙ چنڊ تي.

پنهنجي ڪائي پنهنجي ڪيڙي پنهنجي پوڪي پنهنجي ميڙي،
ناهي ڪو ناڪاستو يخا باب سيڪڙ چنڊ تي.

ڏڦ اٿيئي ڏل معاف ۽ ٻي ڪانہ ڪا ڏرون تي ڏڪ،
ناهي صوبيدار جي سونٽن جي سڙ سڙ چنڊ تي.

اُت نہ ڪو انجنيئر ايسسي ۽ نہ پاڻيءَ تي وزير،
ناهي ٻي ميرن يا پيرن جي ڪا گڙٻڙ چنڊ تي.

اُت نہ ڪو اسام خطري ۾ نہ ڪو مرڪز جو موت،
عام هلندي ات فقط سنڌي ۾ لکپڙهہ چنڊ تي.

ٻوميسائيل اُت نہ ڪوڙو ۽ ڪو ڪوڙو ڪليم،
ڪو نواب ات ناهي يا ٻيو ڪوبہ ڪاڪڙ چنڊ تي.

هر مزو 'منشي' اُتي آباديون آزاديون،
ناهي رشوت ۾ ڪو ڏيٺو پئسو ڏوڪڙ چنڊ تي.

ڪٽيي ڪوڪارون

ٻڏي هنج هليا ويا، ڪانگن جا ڪانگيرا،
ڳجهن ڪي ڏسي ويا، ڇڏي ڳوٺ ڳيرا.

نه ڪوئل ڪيسو ڦُل جي ٽاريءَ تي ٽپڪي،
نه اندلڪ رنگن ساڻ جهرڪي ڪا جهپڪي،
نه ڪونجن جا ڪيٽن تي وسندڙ واهيرا.

آئي منڊ موتي نه تاڙي تنوارون،
نه ٻولي ٻاٻيهي نه ڪٽيي ڪوڪارون،
نه اڄ نيرڳين جا پسان پاٽي پيرا.

نه چارين چمن ۾ چتونئڙن جي چُون چُون،
نه قُمري ڪبوتر جي ڪَنَ تي پيئي ڪُون ڪُون،
پسي پهه پارهيڙين اکُوڙِيئون آڪيرا.

ولر مان ونجهين ڪيٽن وڇوڙيا وڪوڙي،
باقي ڏيهه ڏوراهين ويتا جاءِ جوڙي،
ڏسي ماڳ 'منشي' جلن جانِ جيرا.

جانب سندي جدائي

اڄ چوطرف چمن ۾، آهي بهار آئي،
جيءَ جيل ۾ جلائي، جانب سندي جدائي.

ٻيريون ۽ انب ٻوڪيا، جهليون نمن نموريون،
ڏيئي هير اڄ هلورا، هلچل هيئين مچائي.

چيتن ۾ چُون چُون چَوڏس، لس لوڪ ۾ لابارا،
ڪنهن دل هوندي يقين، منهنجي ٻه وات وائي.

پنهنجي ٿي باغ ۾ اڄ، باغي پيو مان سڏجان،
تنهنجي عجب خدايا، واهه خوب هي خدائي.

'منشي' مُڪو نه مون ڏي سڄڻ ڪوئي سنيهو،
شايد ٿي آهي مون کان ڪا قرب ۾ ڪچائي.

وڏيرن جو وريو وارو

وڏيرن جو وريو وارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو،
وري مارن مٿي مارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

جمهوريت راڄ ٿيو جاري، چڱا چالان چوڏاري،
هزارين جيل ۾ هاري، ظلم ساڳئي ۾ نرناري،
وري سورن ۾ سنڌ ساري،نئين سر قيام ٿي ڪاري،
وري مظلوم ويچارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

وري رهبر بنيا باطل، اهي ئي قوم جا قاتل،
سدا غم ڪرڻ ڪان غافل، پوڄاري پيٽ جا پاليل،
نئين نعري ۾ ٿي شامل،نئون ليبل اها بوتل،
اها بڪري اهو ڍارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

وري ڱنگا صنم ساڳيا، وئي آيا جنم ساڳيا،
اسم ساڳيا جسم ساڳيا، وري سانگين ستم ساڳيا،
وري ياڳين پرم ساڳيا، وري ڪوڙا قسم ساڳيا،
وري قانون اهو ڪارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

وئي ويٺي مارشل موڪل،هنگامي آئي هٿ نوڪيل،
سنڌي ۽ سنڌ ٿاڻي ۾، هميشه جيئن رهيا روڪيل،
اهي ئي چور ٿيا اڄ، چور دروازي ڪنان داخل،
نه آهي ڪو ڇوٽڪارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

هتي جنهن ٻڙڪ سچ ٻولي، لڳي تي ترت تنهن گولي،
ٽڳن جي ٿاهي نئين ٽولي، خـــــدا جي خلق تن رولي،
هلي هر هنڌ پيٺي هولي، لڳي گـولي سندي لولي،
ڪائي ميمبر پيو ڪڳمارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

ويئون انصاف جون واهون، پيا مسڪين ڪـن دانـهون،
ڪيا جن قـول تي ڪيڏا، ٻئي هر هر ڪٽي ٻاهون،
وزارت جون وٺي ڪرسيون،ڪري ويا پير سڀ پاهون،
ٿيـوپڏرو اڇو ڪـارو، خدا ڄـاڻي ته ڇـا ٿـيـنـدو.

اهي ڦُريـون اهـي ڌاڙا ، پوليـــسن ڪئين پٽيا پاڙا ،
سـفـارش جـا اهـي سـاڙا اهي رشـوت سـندا راڙا ،
وزيـرن جـا پـري واڙا ، لڄـن لالـچ تــي ڪيـا لاڙا ،
وهــي واهڙ پيـو اوپـارو، خـدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

لڳي ڪـرسي مٺي مصري، ويـا سڀ وعدا وسـري،
ٻڌايون حال ڇئو ڪنهن کي،سڀ ئي نانگا ٿيا نسري،
سپيئي سلطان هي ڪـسري، سڏائن پاڻ کي پسري،
ڪيــو تن عيش ڏي آرو،خدا ڄاڻي تـه ڇا ٿيـنـدو.

جهنگن جا ساڳيا جهانگي،سپيئي سورن اندر سانگي،
ٻڪن بيحال ڪيا "منشي" نـه تن جو ڪو وريو وانگي،
اڳوٺي ڪانْ ظلم اڳرو، مَلي سـون منهن تي دانگي،
ڪيو سون پنهنجو منهن ڪـارو،خـدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

مون پڪ سڄاتا

مون پڪ سڄاتا پنهنجا هٿا ڪي ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾،
ٿي وات ڏسيائون ويرين ڪي ويهي وانگيڙن جي واڙي ۾.

تن ڳاهي ڳاهي ڳاهه ڪيا ڪنين ڳيرو ڳاڙهَا ڳوناٽا،
تن گونج مچائي گولين جي ٿيا وانگي وطن ۾ ويڳاٽا،
تن ياڳ يلين ياڳين جا سڀ پينگ ڪيا آهن پون پاٽا،
تن ساهه سُڪايو سانگين جو هر سانگي سينو ساڙي ۾.....!!

جت چالون چِنيون چاهه منجهان ۽ چوڏس هٿي چُونڪار چڙن،
جت چورن چيلا چاچر ۾ ٿي چوڙي چڏيا چيڪ چنن،
اڄ ماڳ پسيو سي مارن جا ٿا من ۾ منهنجي مڄ مچن،
اڄ پوتن جا اُت پنيت پائو ناهي پنوهر ڪو پاڙي ۾.....!!

جت چرچا چارئي پهر چمن ۾ چوڙيلين جا چاڳ هٿا،
۽ مال وندن ميهاڳ متارا مارونڙن جا ماڳ هٿا،
جت لاڪين لوئين وارين لائق لوئيارين جا لاڳ هٿا،
ات چيرن جا چيخاڙ تہ چوڏس هيبتناڪي هاڙي ۾.....!!!

سي مارونڙن ڪي ماري مباري مال مڏيون سڀ ميڙي ويا،
۽ ڪيٿ ڪرا سڀ ڪاهڙ جا هو ڪوٽا ڪوٽي ڪيڙي ويا،
سي وقت ڪان اڳ ۾ وانگيڙن ڪي واچوڙي جيئن ويڙهي ويا،
سي رهزن راتو رات اچي ڪيئن راڄ وجهي ويا راڙي ۾.....!!

اڄ ڏارين کي ڏس ڏار ڪرڻ لئہ ڏرتي ڏوٿي ڏگ اٿيا،
اڄ لال لکين لڄ پال ڪٿي ڪي لوهن جهڙا لڳ اٿيا،
اڄ سورهيہ ساري سنڌ منجهان ڪٿي سانن جهڙا سگ اُٿيا،
سي مرڪي مرندا ماريندا، اينڊو منهندا جو بہ مُهاڙي پر....!!

اڄ غدارن کي غرق ڪبو ڪريون چو غلامي غيرن جي،
پر پهرين پٽٽي پاڙ اٿئو هڻ گهر جي چور وڏيرن جي،
جن ڪڙم سڄي سان ڪيس ڪري آهي خاڪ بنائيون پيرن جي،
اڄ پسجي 'منشي پهچ پيئي هر پنهور پير اگهاڙي پر.......!!!

بلوچن جون باهيون

بيـنـا جنگ جوتي جبل جن جون جايـون،
پنيت ڪن ٽيون پڙڪا بلوچن جون باهيون....

ٻـڌي بيٺ بيـنـا نـه ڪـِن ننڊ نـانـگـا،
لڙن سي لَڪن ۾ چڙي سـاهـ سـانـگـا،
اصـل ڪـان اهـي مـڙس ارڏا اڙانـگـا،
ستا تن سلامن کهـي چٽڃ ڪـانـگـا،
وطن لئہ وڙهڻ جون جنيـن ۾ات وايون...
پنيت ڪن ٽيون پڙڪا....

ٻـن سـان بـلـورن جيئن ڪيـڏن ڪيـڏاري،
بندوقـن ۽ توپـن ســان تــن نت تـَياري،
وطـن ڄـي حقـن لـئـہ سـندن جنگ جاري،
بياهت[1] بيـاهـت ٻـولـي ڪـن ٻـاجـهـاري،
سڏي سـاٿ سورهيہ سوڀن ڪن سوايون...
پنيت ڪن ٽيون پڙڪا....

ڏيــئـي ريت ڪي ريـج رت جـا ريـڳـاڙا،
ڏڪـر منجهہ ڏاڙيـا ڏا مـاريـن مـهـاڙا،
مرين مان مرين [2]، پر نہ ڏين پنهنجا پـاڙا،
جنين [3] مان جنين ڪن ڳالهيون وات ڳاڙها،
بلوچن ٻُئين سـان سچا سگّ سگـايـون،

(١) اچو اچو. (٢) مرندا. (٣) نہ ڏيندا سين

روان (۱) مان روان بس ہڏن ہي نہ ہولي،
هو پادا (۲) ۽ خلبو (۳) ڪڍن لب مان لولي.
وٺن حق همت سان جهلين ڪين جهولي،
ڏٺي پنهنجي ڌرتيءَ سندا ڌڻ ڏٺولي.
دليون ظالمن جون تن ڏونگر ۾ ڏڪايون...
ينيت ڪن ٽيون پڙڪا....

گڏارين، گدانن (۴) ۾ ٽڏيون ۽ ٽتيون،
سواسون (۵) پيرن ۾ ۽ چوغن ۾ چتيون.
وطن لئہ وڙهڻ ۽ مرڻ لا متيون،
پٽن کي پينگهن ۾ سُتيون ڏين ستيون،
گهوريان تن ڳهڳهيرين مٿان لک پايون...
ينيت ڪن ٽيون پڙڪا....

هي ہي دير (۶) ارغ (۷) پُچن ڪونہ پاٽي،
گڏر ڪن ڏوري ڏٽ ڏونگر ۾ ڏهاٽي.
هي چلتن جا چيتا چريا چاڪراٽي،
محافظ وطن جا مزن (۸) دل ڪوهاٽي.
ہرن دير (۹) خيسن (۱۰)، سخن ۾ سچايون....
ينيت ڪن ٽيون پڙڪا....

جون بشبو (۱۱) بشبو نہ جهلجن ڪنهن جهل،
ڏسي جنگ جزن (۱۲) سي چڏي آر انڪل.
گروڪ (۱۳) ۽ گرند جيئن پچن پڙ تنهن پل،
هو نٿلين (۱۴) ۽ نٿلين، هاڪارين هل هل

چڏي 'منشي' خاچگ (۱۵) هو ڪن سر صفايون...
ينيت ڪن ٽيون پڙڪا بلوچن جون باهيون...

---

(۱) ويان مان ويان. (۲) اٿو. (۳) هٿو بروهي ہولي. (۴) ڏاس جون جهڳيون. (۵) ڦڙهن جون چمپلون. (٦) ہوڙ. (۷) ماني. (۸) وڏي دل وارا. (۹) منهن. (۱۰) ڳاڙها. (۱۱) اٿو، بروهي. (۱۲) هان، بلوچي. (۱۳) وچ ۽ گوڙ وانگر. (۱۴) نہ چڏيندا سون (۱۵) سمهڻ.

مان غدار آهيان

مـان غـدار آهيـان، مـان غـدار آهيـان،
چـيـم سـچ، سـوريءَ سـزاوار آهـيـان.

مان پورهيت پنوهارن کي پچندي ڏسان ٿو،
مان مارن مٿي مـچ مچندي ڏسان ٿو،
بگهاڙن کان تن کي نہ بچندي ڏسان ٿو،
نشي ۾ نگهبان نچندي ڏسان ٿو،
جلان ٿو پچان ٿو، تڏهن ڪجهہ لکان ٿو،
ڪري مان چـکو پاڻ اقرار آهيـان،
مـان غـدار آهـيـان، مـان غـدار آهـيـان.

جڏهن انگ اگهاڙا اباڻا ڏسان ٿو،
وطن منجهہ وانگي ويڳاڻا ڏسان ٿو،
ڏکن ۾ ڏريل ڏاڏاڻا ڏسان ٿو،
سچي سنڌ جا سَنڌ ساڻا ڏسان ٿو،
مان لڇون لُڇان ٿو، تڏهن ڪجهہ لکان ٿو،
حقيقت ۾ ڦاسيءَ جو حقدار آهيان،
مـان غدار آهـيان، مـان غدار آهـيـان.

مان مورن ملوڪن کي مرندي ڏسان ٿو،
مان ڪنگن ۽ ڪانگن کي ڪُڏندي ڏسان ٿو،
مان ڏارين کان ڏرتيءَ کي ڏڏندي ڏسان ٿو،
مان ٻيڙي ڪا منجهہ ٻار ٻڏندي ڏسان ٿو
سڙان ٿو ڪڙهان ٿو تڏهن ڪجهہ لکان ٿو.

مان پنهنجي ٿي چڻ چاڻ جو چار آهيان،
مانِ غدار آهيان، مان غدار آهيان.

مان جيئري جوانيون، ڪئين جلندي ڏسان ٿو،
مان رزاق جو روح رڙندي ڏسان ٿو،
مان ڪوندر ڪلها ڪنهن جا ڪڙهندي ڏسان ٿو،
سڄي سنڌ سورن ۾ سڙندي ڏسان ٿو،
پران ٿو مران ٿو، تڏهن ڪجهه لکان ٿو.
گنهگار آهيان، گرفتار آهيان،
مان غدار آهيان، مان غدار آهيان.

ڪئي ڪو شرابن شبابن ۾ راتيون،
سڄي رات بک ۾ ڪنهن جهاتيون ٿي پاتيون،
ڏسي ڪنهن امڙ جون نسڪل ٿوڻ چاتيون،
پران بارڙن جون پڏي پوليون پاتيون،
جهران ٿو جهچان ٿو، تڏهن ڪجهه لکان ٿو.
مان پنهنجن پنوهارن جو پرچار آهيان.
مان غدار آهيان، مان غدار آهيان.

مان حاڪم جي هٿ هيري ڦيري ڏسان ٿو،
وطن ۾ مان واتڪين جا ويري ڏسان ٿو،
مان اک سامراجين جي ميري ڏسان ٿو،
مان بازن جي گهيري ۾ ڳيري ڏسان ٿو،
مچن ۾ مچان ٿو، تڏهن ڪجهه لکان ٿو.
مان 'منشي' مرڻ لاءِ تيار آهيان.
مان غدار آهيان، مان غدار آهيان.

اي سنڌ امان، اي سنڌ امان

تو قدمن تان قربان وڃان، اي سنڌ امان اي سنڌ امان،
تو پير پٽيءَ تان گهور وڃان، اي سنڌ امان اي سنڌ امان.

تو پڌ ڌرم جا پار ڏٺا، تو ڏاهر جا ڏهڪار ڏٺا،
تو پنهنجن جا هت پار ڏٺا، تو ڌارين جا ڌڌڪار ڏٺا،
تو ڪوپا ڪلنگيدار ڏٺا، تو سورهيہ ڪئين سالار ڏٺا،
مان پيار مان تنهنجا پير چمان، اي سنڌ امان اي سنڌ امان.

تو عرب ڏٺا ارغون ڏٺا، تو پنهنجا ٽيندي خون ڏٺا،
تو وحشي مدد ملعون ڏٺان، تو مانجهي ڪئين مدفون ڏٺا،
تو غازي گوناگون ڏٺا، تو محبتِ جا مجنون ڏٺا،
مان صدقي تنهنجي جيئڻ مٿان، اي سنڌ امان اي سنڌ امان.

تو بيگ ڏٺا ترخان ڏٺا، تو خون پياسا خان ڏٺا،
تو گهوڙن جا گهمسان ڏٺا، تو ميري مَن مهمان ڏٺا،
تو جوانن جا جولان ڏٺا، تو شهزادا ذيشان ڏٺا،
تو سانديا سيني سورنهان، اي سنڌ امان اي سنڌ امان.

تو دودا دنگ دلير ڏٺا، تو ننگر پارا شير ڏٺا،
تو خلجي ٽيندي ڪِير ڏٺا تو پوچا چنيسر پير ڏٺا،
تو طلوع ڏٺا تو انڌير ڏٺا، تو ظلم ٽيندي زير ڏٺا،
تو روپ ڏٺا ڪئين روان دوان، اي سنڌ امان اي سنڌ امان.

تو سمان ڪيئن سلطان ڏٺا، تو دولهه دريان خان ڏٺا،
تو حاڪم ڪئين خيران ڏٺا، تو وسندل ڪيئن ويران ڏٺا،
تو ارڏا ڪئين افغان ڏٺا، تو قدرت جا ڪئين شان ڏٺا،
تو ڏٺا تماچي سپڙ سمان، اي سنڌ امان اي سنڌ امان.

تو مغلن جا معياد ڏٺا، تو بابر ڪئين بزبار ڏٺا،
تو اڪبر دين ايجاد ڏٺا، تو اورنگزيب آباد ڏٺا،
تو شاهجهان ڪي شاذ ڏٺا، تو ڪسندي ظفر اولاد ڏٺا،
تو سرمد سوريءَ ڏٺو عيان، اي سنڌ امان اي سنڌ امان.

تو ڪلهوڙا ۽ مير ڏٺا، تو مدد جهڙا نخچير ڏٺا،
تو پنهنجا پرايا پير ڏٺا، تو فتح جهڙا ٺ فقير ڏٺا،
تو وڏا وڏا ڪئين وير ڏٺا، تو دانا ڪئين دلگير ڏٺا،
تو سورن شاهد زمين زمان، اي سنڌ امان اي سنڌ امان.

تو فن فرعوني فرنگ ڏٺا، تو دل پليت سي دنگ ڏٺا،
تو آڙيڪاپ اڙٻنگ ڏٺا، تو وانگين پوندي ونگ ڏٺا،
تو هنج ڏٺا تو ڪنگ ڏٺا، تو دنيا جا ڪيئن رنگ ڏٺا،
ڇا تنهنجو زبان هي ڪري بيان، اي سنڌ امان اي سنڌ امان.

تو پنهنجن کي مجبور ڪري، ۽ ڌارين ڌاريو نور ڪري،
تن وانگين سان وهلور ڪري، ڇڏيو آهي جيئڻ هت سور ڪري،
تن گهاءُ ڏنا ڪئين ڳهور ڪري، سڀ احسان ويا اڪ پور ڪري،
ڪٽيو ڪات ڪهاڙا وڍين زبان، اي سنڌ امان اي سنڌ امان.

هي 'منشي' آخر مرڻو آ، ۽ ويس هٿائي ورڻو آ،
هڪ پير نہ پنتي پرڻو آ، سو چنبو جيڪي چوڻو آ،
هي سور نہ هاڻي سهڻو آ، جو بيٺو آ سو ڍهڻو آ،
تو متيءَ کي من مان ڏيان، اي سنڌ امان اي سنڌ امان.

تون ۽ آئون

تون ڪالهہ بہ هئين ارغونن سان، ترخانن سان غدارن سان،
مون ڪالهہ بہ سوريءَ سينگاري هئي، هوشو هيمون پارن سان.

تو حاصلَ هئا القاب ڪيا ڪيئن، ڪالهہ بہ پاڙيا پاڙي تي،
تون ڪالهہ بہ تن سان ڪني هئين، جي ڏاريان آيا ڏاڙي تي،
مون ڪالهہ بہ ساٿ ڏنو هو سوچي، سنڌوءَ جي تہ سچارن سان...!!

تو ڪالهہ بہ ڳاڙها لال اسان جا ڪونئر ڪيئي ڪُهايا ها،
تون ڪالهہ بہ جيجل جا تہ جگر، ڪئين ٽانڊن تي ٽهڪايا ها،
مون ڪالهہ بہ توسان جهيڙو جهيڙيو، نيزن سان تلوارن سان...!!

تون روڳي روپ وٽي هت آئين، ڪالهہ بہ قاضي قاضن جو،
۽ بابو نائون مل، چنيسر، چام فيروزي پارن جو،
مون ڪالهہ بہ روپاءُ دهي مياڻي، جهيڙيو گڏ جهونجهارن سان...!!!

تو اڄ بہ توکي چورن سان گڏ، چوڪيءَ تي چوبند ڏسان،
۽ جيجل جي جلادن سان تو، حاضر تو هرهنڌ ڏسان،
۽ اڄ بہ منهنجي جنگ آ جاري، غدارن تو پارن سان...!!

تون اڄ بہ قومي غيرت ڪي پيو، عام هتي نيلام ڪرين،
۽ جيجل جي جهوليءَ ۾ ٽانڊا، اڄ بہ پيو تون جام پرين،
مون ڪالهہ وڙهيو هو گورن سان، ۽ اڄ وڙهان پيو ڪارن سان..!!
اڄ بہ ڏوٿين ڏنب ڏيڻ ۾، تنهنجو رهزن ساڳيون رنگ،
'منشي' وقت وصولي وٺندو، پوندا ويرين واجهن ونگ،
مان اڄ بہ آزاديءَ لئہ پيڙيون، ٽائي بٽينس يارن سان...!!

ڦٽن تي هڻ ڦري ڦٽڪا

کبا ڪارا نہ ڪوٽن ۾ پنوهارن جا اڄا پٽڪا،
ڦوهارا ڏي ا ڏي ڦاسي ڦٽن تي هَڻ ڦري ڦِٽڪا.

سندم ساٿيھ سندا سانگي سهن جي سور سوريءَ جا،
مون ڳايا گيت تن هارين، مزورن جي مزوريءَ جا،
ڪيا پڌرا وڪا آهن، مون جابر تو جمهوريءَ جا،
سرا سچ جي صبوح سانجهي پيو سهندس سر متي سٽڪا.

ہ تي ڏينهڙا ڦبي تو ڦُر پلي ڌرتيءَ تي هڻ ڌاڙا،
پلي پيائي پاڪين ۾ تون وانگيٽڙن سندا واڙا،
مون سانگين کي سلايا سنڌ جا سپ سور ۾ ساڙا،
اصخل ۾ ان ڪري آئون آهيان تنهنجي اکيانِ اٽڪا.

پلي ڪر قيد ۾ تون قيد، ڪوڙا هڻ ڪشي ڪيڏا،
نہ جهُڪندا سي اکيان جابر جگر جن جا جبل جيڏا،
نہ سهندا هاڻ سانگيٽڙا ڪنهن رهزن جون رڏيون ريڏا،
ڪري پل جُهور جهوري وجھ ڏيئي جهٽڪن متي جهٽڪا.

مندون مينهن سنديون 'منشي' آيون مارن متان موٽي،
ابر ۾ وڄ اُتر ڪانِ اچ ڪنونءِ ڪڻ جي نہ ٽٽي ڪوٽي،
ٿيي ظالم تي زيون ويندا اسان سان جنگ جَن جوٽي،
ڪٽي ڏينهن قيد جا پيئندس وچي مارن سان مَٽي مٽڪا.

دوکي جي ڏپ

نيٺر ٽوڙي نڪري ويندي ٽاريلي تو ٽاٽي مان،
دوکي جي اڄ ڏپ اچي ٿي تنهنجي داٽي مان.

تون رهزن کيڏا رنگ کرين ۽ ڍارن فالن ڍنگ کرين،
تون تاتاري ٿي تنگ پرين، يا جابر بنجي جنگ کرين،
پر وانگياٽي کي نيٺ ته ويندا، گهوٽ کڍي تو گهاٽي مان

پاڳيا جاڳيا پونءِ پلاري جا اڄ پاٺو پاڳ وندا،
ڦهري تنهنجي کوٽ کيراٺ کارڻ گڏجي کام کندا،
آس نه لاٽي آهي اجان مون، سنڌ جي سوڍي راٽي مان.

حق وننداسون هاکاري مون هارين کان هونگار بُڌي،
جهيڙو جهيڙو جهانگين کان مون، جهرجهنگ پر جهونگار بُڌي،
مون کي پاتا ڏينهن گهٽا تو نيٺر منهنجي ناٽيَ مان.

مون کي ماڙين مور نه ماريو، ماريو ماروئڙن جي مامر،
درد دُکن تا دل تي دائم، ديس وندن تي ڏسندي دامر،
لک لڏايا لوڙائن ڏس، پاڳيا پنهنجي پاٽي مان.

وير وٺڻ جون وايون بُڌيون، وانگين جي مون وات منجهان،
کونڏر ڳولي ڳولي کيندا کڙم جا قاتل کات منجهان،
’منشي‘ جاڻ ته نڪتو نڪتو، کاهڙ سارو کاٽي مان.

سهي ست کير سانگين جي

جي جاڳن هي جيئڻ کارڻ سهي ست کير سانگين جي،
اٿي جيڪر ٻڌن آرڻ، سهي ست کير سانگين جي.....!!

هي پورهيت پاڻ خود پارس، اُٿن جيڪر چڙي آرس،
وطن پنهنجي سندا وارث، ٻارين ٻلواڻ تي ٻارڻ،
سهي ست کير سانگين جي.

نہ ڪنهن جي سي جهلڻ جهلجن، نہ ڪنهن جي سي پلڻ پلجن،
دليون دشمن سنديون ڏڙڪن، زهر تي پئي گهڙي گهارڻ.
سهي ست کير سانگين جي.

هٽي هوڪا اُٿڻ جي هڙ، تماڙن پر ٿئي تڙ تڙ،
پٽي پاڙئون جبر جي جڙ، سِکن وارون وطن وارڻ،
سهي ستِ کير سانگين جي.

پنڻ واري چڙي هي پر، چنڻ حق جي سِکن هيڪر،
ڏِسن ڏکيو نہ ڏينهن جيڪر، اچي جي پنڌ تن پارڻ،
سهي ست کير سانگين جي.

مِڙي مارُو جي کن ميلا، وهي دشمن جورت ريلا،
ٻُرن ٻرڙاٽ سان ٻيلا، سِکن 'منشي' مرڻ مارڻ،
سهي ست کير سانگين جي.

ڪڙيءَ ۾ زندگي ڪڙهندي

ڪڙيءَ ۾ زندگي ڪڙهندي ڪٿ ڏادي ڪڙي گذري،
ٽنگيل ڀالن ۾ پانيم سا گهڙي جيڪا گهڙي گذري.

چِتي چِچري جيئن چاڪُن سان ڇُهڙو چم چوپائي،
حياتي تيئن سڄي سورن جي ساڙي ۾ سڙي گذري.

ڀُڪي پيئي جا پينگهي ڪان سُتي سورن سا سر پنهنجي،
اڙِي آهي اڃان تائين، جا گذري سا اڙِي گذري.

اِجها ايندي هو آزادي، منهنجي خوابن جي شهزادي،
عمر جنهن ڪاڻ لوڙهيندي، مون لوهن سان لڙي گذري.

سڀين سانگين جا سيني ۾ مون سان گڏ گوندرن گاڏا،
متان پائنين ته 'منشي' جي حياتي ايئن ڇڙي گذري.

سج اڇي ويو نيزي پاند

ور ڙي سوڍا مومل ڪانڌ، سج اڇي ويو نيزي پاند.

نٿهڻ اُس پر جو بہ اُڏاٿو، تنهن جو سَنڌ سَنڌ ساڙو ساڙو،
ڦٿڪي ڦٿڪي ڦاهي ڦاٿو، پر ڪٽائي پڃري ناتو،
جيئڻ ڪارڻ وينو جوڙي، پڃري اڳيان پر پکوڙي،
اندر ساڳي آنڌ ۽ مانڌ، سج اڇي ويو نيزي پاند.

پيرن چلڙا چلڙن ڏورون، هينئڙي هُرڪُر اُڏرڻ هورون،
وينا وڻ وڻ واس وساري، ڦٿڪڻ تان ٿو ماري ماري،
ڪيئن گذارين جيئرا جيئڙا، موت قبولين چو نہ پکيئڙا،
ڪانگ ۽ ڪوئل کهڙي راند، سج اڇي ويو نيزي پاند.

'منشي' ماري مرڻو آهي، واءُ سٽائو ورڻو آهي،
پاپن جا سپ پڃرا ٽٽندا، مور ڪبوتر تتر ڇٽندا،
وڻ وڻ هوندو ويس نرالو، ڪنهن جي هٿ ۾ تير نہ ڀالو،
هوندي هرڪنهن هنڌ هيڪاند، سج اڇي ويو نيزي پاند.

پورب وارا

پاڻ پچائي پورب وارا پت تہ پنهنجي پاري ويا،
ٻاڙي ٻاڙي مشعل مشعل ٻارڻ ڏيئي ٻاري ويا.

پٽ هٽي سي پٽ متي ۽ آزادي جي سين سکيا،
جڳ ۾ جيئندا جُڳ جُڳ جوڳي، جَڳ جي جوت جپاري ويا.

مشڪ ڪتوري ساڻ وري ڏئي واس وطن کي واسيو تن،
هرهڪ انسان لاءِ هزارين هيرا ميوتي هاري ويا.

هُو مانجهي ها، هُو وانجهي هئا، هُو سانجهي ڪان اڳ سير متان،
تيز تکي طوفان منجهان سي، تارُو پيڙيون تاري ويا.
وجهہ وني ٻسي واءُ ٻٽائي واڳ وطن جي واري ويا.

پوين ڪارڻ پاڻ پتوڙي لال لهو ۾ ليٽڙجي،
حُب وطن ايمان نشاني، مرندي وياَ پر ماري ويا.

ڪنهن پينو وانگر پُٽ ڪٽي هو در در ٻکيا ڪين گهُرن،
هو سامي سر جو سانگو لاهي، سوريُون رات سنواري ويا.

اهڙا مانجهي مرڻا ناهن، ويس متائي وَرڻا آهن،
سون پري جڻ ساموندي ڪي ڪيپ ڪٽي آهن ڪاري ويا.

سسيون ساسي ونڻ تڻ واسي پورب پاسي پرينءَ ڪاڻ،
جلندي پچندي پرندي سڙندي سهڻا سبق سيکاري ويا.

آزاديءَ جي آس رکي هو 'منشي' مانجهي مرد متير،
گهائي نينهن ساڻ گهوٽ گهڙيون گهمسان وڏي ۾ گهاري ويا.

جھڙو ماڻھو تھڙو ناٽو

جھڙو ماڻھو تھڙو ناٽو، ھرڪو پنھنجي ڳُڻ اڳھاٽو،
جيڪو ماڻھو ڪوڙ وڪاٽو، سو ئي ماڻھو موتيءَ داٽو.

ڪنھن جي ٽي ھِت ذات وڪامي، ڪنھن جي ٽي ھِت ڏات وڪامي،
ڪنھن جي ٽي ھِت بات وڪامي، ڪنھن جي ٽي ھِت رات وڪامي،
ھيڏي وڪري جو نہ وڪاٽو، تنھن کي مليو جيل ۾ ٽاٽو...!

ڪنھن جو ٽو ھت رت وڪامي، ڪنھن جو ٽو ھت ست وڪامي،
ڪنھن جي ٽي ھت مت وڪامي، ڪنھن جي ٽي ھِت پت وڪامي،
ڪيڏا ڪلنگيدار وڪاٽا، ڏسندي ڏسندي چاٽو سيجاٽو...!!

ڪنھن جو رنگ ۽ روپ وڪامي، ڪنھن جو نام ۽ ننگ وڪامي،
ڪنھن جو چوريل چنگ وڪامي، ڪنھن جو تنگ ٽي انگ وڪامي،
لاش لکين ھت روز وڪامن، ناھي ڪوئي ٽائم ٽاٽو.....!!

صبوح ۾ سانجھي پيئندي ڪانجھي، 'منشي' مور نہ وڪيا مانجھي،
مضريءَ ماکيءَ کان بہ مٺا مون، اھڙا ڪي انسان ڏٺا مون،
قول عزم تي قائم رھندي گھوٽ قبولي ھليا گھاٽو....!!!
جھڙو ماڻھو تھڙو ناٽو...!!

آهي پت پارڻ ڏکي

تو کنا جيجل جدا، گهوڙا گهڙي گهارڻ ڏکي،
واعدو وينس کري، پر آهي پت پارڻ ڏکي.

ڦُوڪ سان ڦلهيار جت اکين اڏاميو تو پوي،
باٻرن جي ٻُرک تنهن پارڻ ڏيئي پارڻ ڏکي...!!

وقت کان ويرين جي ور، ويئي چڙهي وانگين جي ويءَ،
وات مان ويرين جي سا اگهہ، وقت کان وارڻ ڏکي....!!

جنگ هي جاري ٿي رهندي، جان جيسين جان ۾،
کنڌ اڏي ڪاتي کنان، مون لئہ سسي تارڻ ڏکي!!

لهرين لوڙهي چڏي ٻيڙي پُراڻي سير ۾،
آهي 'منشي' اڄ وري سا تار مان تارڻ تکي....!!

قلم

قــلــمر جـيـڏا گــرمر هـٺـا ڏِس وري اوڏا نــرمر ٿـــي ويـــا ،
قلمر اڳهہ ۾ اڳهامي ويا ، قلمر تي ڪئين ڪرمر ٿي ويا.....!!

قلــمر ڪي قومر ڪان ڪاٽي، ڪيئون ڪارا پـنــا ڪـيـڏا ،
قلمر جن قـومر سان ڳنديا قـلـمر تن جا الم ٿـي ويـا.....!!

جڏهن تاريخ منهن ڪولي، پنهنجي ٻـولي ۾ ايئن ٻــولـــي،
تہ ڪهڙا قاضي قاضن، دوز هـن ۾ بي شرمر ٿي ويا.....!!

قلمڪارن ڪـپايا هـٿ، ڪـي ڪـِريا ڪُل قـلـمر ڪُن ۾،
يا راتورات ياڳِيــن جي، سڄي پون تي پرمر ٿي ويا...!!!

قلمر ڪي قومر جا قاتـل ٿـي، سيـــنو سنـڌ ويـا سـاڙِي،
قلمر 'منشي' ڪـي سيـنـي سنڌ سڙيل جا ملمر ٿي ويا...!!

منهن موڙي هليا ويا

هليا ويا ڪيئي منهن موڙي هليا ويا،
سنڌوءَ سان ڏس سنگت ٽوڙي هليا ويا...!!

پنا پينون ڪپاٽن ۾ ڪڙي ڪيئن،
وٽي لاڄو پڳهہ ڇوڙي هليا ويا...!!

تي اٿيا قوم جا قاتل قلم ڪي،
جيجل جيءَ ۾ خنجر ڪوڙي هليا ويا..!

ڪي ويا مڙهہ تار مان تارو ٽي تاري،
ٻُجهي سمجهي ڪي مڙهہ ٻوڙي هليا ويا...!!

ڪي ڪارڻ قوم قاتل زهر پيئندي،
ٽٽل جيجل جگر جوڙي هليا ويا...!!

جنين ڪي سڪ سسئي واري سي 'منشي'
جبل جهاڳي وندر ووڙي هليا ويا...!!

ڪونج ورني ڪامٽي

او ڪامٽي او ڪامٽي، او ڪونج ورني ڪامٽي،
ڇا ڪان ٿيئي منهن تامٽي، او ڪامٽي او ڪامٽي...!!

مان گيت تنهنجا ڳائيان، تو روح کي ريجهائيان،
ڇئو رت ڏيان ڇئو ست ڏيان، ڪنهن ريت تو آٿت ڏيان،
ڇئو ڪنڌ پنهنجو ڪوريان، ۽ گهور توتان گهوريان،
اي پياري پرت واري، مان تو پيرن جي پٽي، او ڪامٽي او ڪامٽي.

تنهنجي نسل جو هي فصل، آهي اصل موتي امل،
ڪاريون پنيپيون ڏس ڏاڙهيون، رت ۾ ڪهاڙيون ڳاڙهيون،
ويرين سان ڏس وڙهندا اچن، تو راهه ڏي رڙهندا اچن،
تون چور چپ او چاڳلي، هيڪر خوشيءَ مان ڪل ڪِٽي- او ڪامٽي.

تنهنجي حسن جي هاڪ ٿي، آيا ڪهي ڪئين ڪاڪ تي،
ڳيرو ڪئين اوڇي ڳاٽ سان، هر گهاٽ پنهنجي گهاٽ سان،
راڻن سندا ڏس روپ اڄ، وهندو ڪسڻ جو ڪُوپ اڄ،
سو ڪيئن بچائي بت وِجي، جنهن تو ڏٺي اک جي اٽي او ڪامٽي.

سهڻي پياري سُرڪ تو، ڪيو مست 'منشي' مُرڪ تو،
جنهن مرڪ ۾ ساجاهه هئي، ڪنهن پتڪيل لئه راهه هئي،
هڪ پل نہ شل پاسي ٿيان، جيسين حياتي دم جيئان،
تو، سا ڪئي الماس دل، جيڪا هئي ڪائي جي ڪٽي-
او ڪامٽي، او ڪامٽي....!!

ٻڏي ٻانهن پيئي

مـوتـو مـل مـهـاٽـا ٻڏي ٻانهن پـيـئـي،
ٻڏي ٻانهن پيئي، ڪٿو سڙهِ سياٽا ٻڏي ٻانهن پيئي.

چولو ٻگ (١) چٽن سان، ڳتيل لڳ ڳـهن سـان،
هٿ ٻه ميندي هـاٿـا، ٻڏي ٻانهن پيئي....!!

گـوري ڳل ٻٽي ڳاڙها، ٻرون جنهن جا جاڙا،
اکـيـون مـوتـي داٿـا، ٻـڏي ٻـانـهـن پـيـئـي.

ڪُـنـديا وار ڪـارا، عـجـب نـڪ نـظـارا،
سيـئـي ڳـل سـامـاٿـا، ٻـڏي ٻـانِـهـن پيئي.

مڙِيا 'منشي' مـاري، آ وهـہ ۾ ويـچـاري،
ٽيـس سَـنڌ سـاٿا، ٻـڏي ٻانهن پيئي....!!

---

(١) ٻگ= ٻگ اڇي رنگ جي چريل چني ڪي چٽبو آهي.

نئين ڳالهہ ناهي

چڙهڻ سچ جو سوري، نئين ڳالهہ ناهي،
پنهين جي آ پوري، نيئن ڳالهہ ناهي.

ڪٿي سچ انا الحق چئي جُڳ جيئي ٿو،
ڪٿي سچ زهر جا پيالا پيئي ٿو،
ڪٿي سچ سرنهہ جيئن گهاٽي ڳهمي ٿو،
سڻاءِ اي سموري، نئين ڳالهہ ناهي.
جڏهن دار جي دل گرم رت گهري ٿي،
پنهنجي اچ اجهائڻ لئہ چالون چُري ٿي،
سڏي ڪنهن ڪي باغي جيئڻ حق ڦُري ٿي،
وڃائي دنبوري، نئين ڳالهہ ناهي.

ڪري لومبا ڪڏهن فيوچڪ تياري،
ڪڏهن وانتروئي ڪڏهن پبلو واري،
ڪڏهن رت جگر ڏي جميلہ بوهاري،
ڪڏهن رت هاري ڏي صادق مزاري،
سوريءَ اُچ اڏوري، نئين ڳالهہ ناهي.

ڪڏهن دودو ڏاهر پنهنجو رت پياري،
ڪڏهن دار بختيار هيمون جياري،
بلو ڪڏهن رزاق اهو روپ ڌاري،
ڪُسڻ بي قصوري، نئين ڳالهہ ناهي...!!

لکڻ ناهي ليکو لکين سر لهي ويا،
ڏيئي سر سوريءَ تي سچا سچ چئي ويا،
نه جهُڪيا نه وِڪيا وڏي وهه وهي ويا،
اِها جنگ جمهوري، نٺين ڳالهه ناهي.

ويندي رات ظلمات جي مات کائي،
ٿيندي دار جي دل دهلجي تباهي،
۽ رهندي هميشه سندي سچ سوائي،
ٿيڻ آئين ضروري، تنئين ڳالهه ناهي.

نه سوريءَ جي 'منشي' اجا اچ اُجهائي،
نه مانجهي مُڙن سڌ سوريءَ سُجائي،
بئي هڪ بئي جي ويا چاڻ چائي،
جيئن گل ۽ پنيوري، نٺين ڳالهه ناهي.

پليٽ پير ڪر پري

جنگ جنگ جنگ آ، ۽ منهنجي توسان جنگ آ،
پليٽ پير ڪر پري، هي ڌرتي منهنجو ننگ آ،
جنگ جنگ جنگ آ.

جڏهن به جنگ طبل وڳا، ته ڌاريان پونءِ ڇڏي ڀڳا،
ڪئين سوڍا سنڌوءَ پيٽ مان، ٿيا پار انهيءَ پيٽ مان،
جڏهن به هٿ ٿا گهنڊ ڳُڙن، مرڻ ڪان ماڻجهي نامڙن،
اڄو اڄو اڄو اڄو، تيسو وقت ڏاڍو تنگ آ،
جنگ جنگ جنگ آ.

جڏهن، به سنڌ سڏ ڪيو، ته پهچي پٽڪي وڙ ويو،
۽ جوڙي سي جٿا جٿا، ٿي گهورئيون ڌر مٿان مٿا،
نه هچڪيا نه هبڪيا نه دم دلير ڌبڪيا،
اجائي تو اچي هستي، اڙائي تن سان تنگ آ.
جنگ جنگ جنگ آ.

ڪلي سندا هي ڪوڏيا، جبل جيئن ڪنهن نه لوڏيا،
۽ جن جون مائون شينهڻيون، آ موٽ تن لئه مينهڻون،
نه تنو هنن جي تاءُ جي، خبر آ ورتي، گهاءُ جي،
هنن سندو پڇو پڇو، سو تير ڇڻ تفنگ آ.
جنگ جنگ جنگ آ.

هي ديس پنهنجي جا ڏٽي، تا رُڪ روهي ڪن پٽي،
جي ميري اک سان آئيا، مٿان سي پونءِ پڄائيا،
مرن هي 'منشي' ماڳ تي، ۽ پنهنجي پونءِ جي پاڳ تي،
جيئڻ مرڻ جو جُوءِ ۾، هنن جو پنهنجو ڍنگ آ.
جنگ جنگ جنگ آ.

دودي ڏاهر جو اولاد

دودي ڏاهر جو اولاد، دودي ڏاهر جو اولاد، مان
ئي آهيان، مان ئي آهيان، منهنجو عزم فولاد...
دودي ڏاهر جو اولاد.

سُکي ستابي سَوَ ڳُڻ جنهن ۾، سا مون سنڌوءَ ماءَ،
هوشو هيمون دريا خان ۽ پونگر منهنجا پاءَ،
جن جي رت سان جيجل جيئري آهي سدا آباد.
دودي ڏاهر جو اولاد.

ڪين قبوليا ڪوٽ عمر جنهن، سا مون مارئي پيڻ،
پٽ پٽولا پٽ هٽي جنهن لاٿا وانگين ويڻ،
اسان ته پاڳهين پار اسان ڪيا دشمن ڪئين برباد،
دودي ڏاهر جو اولاد.

رني ڪوٽ جو رهواسي مان، موهن دڙي جو واسي،
سج چنڊ تارا شاهد منهنجي ڌرتي نه ڪنهن جي داسي،
منهنجا سانگي جهانگي وانگي مارو زنده باد،
دودي ڏاهر جو اولاد.

منهنجي گونج گنجي ۾ گونجي پلپل ۾ پڙلاءَ،
نيرون ڪوٽ ۽ ديبل بندر ۾ پڻ منهنجو ساءَ،
گار غلامي آهي اسان لئه، اسان سدا آزاد.
دودي ڏاهر جو اولاد.

ڏُبيءَ مياڻي ميران پور ۾، 'منشي' مان خود پاڻ،
مان نه وڳهه جو والي منهنجي روپا منجهه رهاڻ،
ڪيتيءَ ڪان ڪشمور وجي مون، نگري نگري ناد.
دودي ڏاهر جو اولاد.

ڪي ڪي ماڻهو

ڪي ڪي ماڻهو مارين موت، موت ڇـــون ٿا ماري آهي،
موت ڪي مارڻ وارن مـــاڻهن جڳ جي جوت جياري آهي.

دنيا ساري مـــاڻهو ماڻهو ڪـو ڪو مـاڻهو موتيءَ داڻو،
ڪنهن ڪنهن سيني جوهر جرڪي، باقي سيني واري آهي.

هر مـــاڻهوءَ جي مـائٽ مٽي، مـٽي جو پر مـائـٽ سو،
رت ڏيئي جنهن ريج مٽيءَ کي مٽيءَ سان پت پاري آهي.

’منشي‘ ماڻهـو روز مرن ٿا پر سي ماڻهو مـرڻا نـاهن،
سر ڏئي سـوغـات ۾ جن هت سنڌ جي سينڌ سنواري آهي.

ڊي پي آر

ڊچ نہ ڊي پي آر کان ساتي ڏيڍ ڏکن جو ڏينهن اٿئي،
ٿا ڏينهن تہن جنهن ڏيهہ مٿي، اتي موتي وسندا مينهن اٿئي.

ڪا هوندي حياتي موت اٿيئي، ڪو موت حياتي هوندو آ،
ڪو جهيڙو قوم جي ڪاڻ هجي، ڪو جهيڙو ذاتي هوندو آ،
۽ قومي جهيڙي ڪنڌ سدائين، هينئان ڪاتي هوندو آ،
تان، اڄ اوچي ڳاٽ اڏيءَ تي، جي ڪو ناتو تينهن اٿيئي.

جنهن ڪين سري سا ڳهيڙ گهڙي، هي تار انهيءَ کي ترٽو آ،
جنهن ميهر ڪارڻ جيئٽو آ، جنهن ميهر ڪارڻ مرٽو آ،
سو ڏيان ڏُريائين ڪين ڏري، ڪو پاڙي مرٽو پرٽو آ،
۽ عشق نہ پچندو آهي ڪڏهن تان، ڪهڙي گس تي شينهن اٿيئي.

جت سيٺ وڏيرا سيءَ ڳنڌجي، پورهيت پوتر رت پيئن،
۽ ننگ پيريون نيرانيون ناريون، ڳيي ڳيي لٺ ڳاهہ ٿين،
جتي هڪڙي حب لٺ مورن جهڙا، مارو سڏڪي ساهہ ڏين،
سو 'منشي' پنهنجي قوم مٿان اڄ، آيا اهڙا ڏينهن اٿيئي.

چؤاتي تي

هت هرهڪ ماڻهو بيٺل آهي، دنيا جي چؤواٽي تي،
ڪو ماڻهو پاڻ ملهائي ٿو، ڪو ڇهڻل آهي چاتي تي.

ڪو قوم جي ڪارڻ قيد ڪٽي، ڪو قوم جي وينو پاڙ پٽي،
ڪو قوم لئہ پاڻ پتوڙي ٿو، ڪو قوم جي ٻيڙي ٻوڙي ٿو،
ڪنهن قوم جو ڪيڏو بار کڻو، آ چايو پنهنجي ڳاٽي تي...

ڪو قوم جي ڪارڻ جنگ ڪري، ڪو قوم کي وينو تنگ ڪري،
ڪو ڪرسيءَ ڪارڻ قوم جي سيني، روز هٿي بندوق ڀري،
ڪو موڙڪ مورهين آهي رهيو، مست سدا مڌ ماٽي تي!!!

ڪو ڪو ماڻهو قلب پر ڪيڏا، قوم لئہ وينو ڪاڄ ڪري،
وڄ وڄ وونڪا؛ گج گج گنجا، واڄٽ وڄيو واڄ ڪري،
سڏ ڪري پيو سنڌ ڏٽين کي، سورهيہ اُٿ اڄ ساٽي تي....!!

جو جو ماڻهو قاتل آ، سو جاتل قوم سڃاتل آ،
'منشي' مورهين معاف نہ ٿيندو، جيڪو قوم سان باطل آ،
پنهنجا پرايا قوم جا قاتل، چور رهيا ڇپڙاٽي تي.......!!

جهنڊا ڪٽو

جهنڊا ڪٽو نعرا هٽو وڙهندا هلو رڙهندا هلو،
هي رات جو پويون پهر، جهاڳي چڙهيا آهيو جهڳر،
ڪڏ يا هو سچ ڪرڻا ڏسو ۽ جهڙ اندر جهرڻا ڏسو،
ٿاٽن حويلين ترٿلو، آهي زمين ۾ زلزلو،
رهزن ۾ جيسين رت ڦڙو، مارڻ مرڻ ڪان نا مڙو،
ساٿي سنياريندا هلو ۽ ڏاڍ ڏاريندا هلو، جهنڊا ڪٽو!!

سنسار جا سرواڻ ٿئي، پورهيت ۽ هاري پاڻ ٿئي،
هڪ ٿي وڙهو بس هاڻ ٿئي، چاٽو وڙهڻ جي چاڻ ٿئي،
هت سامراجين ساڻ ٿئي، ڪنهن جي ڪڍو چو ڪاڻ ٿئي،
تقدير کي موڙي ڇڏيو، ڳاڙها جهنڊا ڪوڙي ڇڏيو،
اُجيا پياريندا هلو، جڏڙا جياريندا هلو، جهنڊا ڪٽو...!!

بندوق بم خود بن تون، ٿي توپ ٽئنڪ ۽ گن تون،
تنهنجا اڳي فولاد هڏ، تن ۾ پري بارود ڇڏ،
ويريءَ تي اهڙو وار ٿئي، ڏڪ ساڻ ٽڪرا چار ٿئي،
ماڙين اندر تڙڪات ٿئي ۽ پوءِ اندر پڙڪات ٿئي،
وک کي وڌائيندا هلو، جڳ کي جڻائيندا هلو، جهنڊا ڪٽو...!

'منشي' مَرُون ۽ مارِيُون، سڀ وير پنهنجا واريون،
سر سامراجيت جو سٽي، ڳڏجي ڇڏيو پاڙئون پٽي،
سر تي اوهان سڀ ڪجهه سنو، هاٿي اٿي واڳون وٺو،
ڪو نئون نظام هت آٿيون، موجون نئين سر ماٿيون،
شمعون جلائيندا هلو، ڪونتل ڪڏائيندا هلو،
جهنڊا ڪٽو، وڙهندا هلو، وڙهندا هلو.

باغي آهيان

باغي آهيان، باغي آهيان، گيت بغاوت جا ٿو ڳايان،
باغي آهيان، باغي آهيان.

مون ٻم پريا ڪئين بيتن ۾، تن گوريلن جي گيتن ۾،
هر گيت هي منهنجو گولي آ، ۽ گولي منهنجي ٻولي آ،
مون جنگ جبر سان جوڙي آ، هر ڳالهه ٻي مون لئه ڪوڙي آ،
غدار وطن مان ناهيان ناهيان، باغي آهيان، باغي آهيان.

جن پيليا سانگين سيڙها ويڙها، تن سان منهنجا جنگ ۽ جهيڙا،
خوب هنيئي ڏرتيءَ تي ڏاڙا، مون ٻه ڪنيا اڄ جهنڊا ڳاڙها،
مان ديس پنهنجي جو دوداڻي، مان لاکو آهيان ڦولهاڻي،
مان چورن سان ٿو چڪري چاهيان، باغي آهيان، باغي آهيان.

مان ورهي وطن لئه جاڻان ٿو، مان دشمن ڪنڌ سجاڻان ٿو،
مون ڪيئي وڏا ڊنگ ڊير ڪيا، مون ظالم ڪيئي زير ڪيا،
مان واهي دڙي ۽ دنگ سندو، هر ٻوٽي گل ۽ سنگ سندو،
مان رهزن سان رت راند رچايان، باغي آهيان، باغي آهيان.

مان جهانگين جي جهونگار ڪريان، مان هارين جي هونگار ڪريان،
مان پورهيتن پرچار ڪريان، مان مزدورن اپٽار ڪريان،
مان بيتن ۾ بارود ڀري، ٿو ڳايان وڇولني لاڙ سري،
مان ’منشي‘ ڳايان جڳ جاڳايان، باغي آهيان، باغي آهيان.

لکان ڪجهہ لهو مان

پاريهر پيارا پکن جهل پکوڙي،
لکان ڪجهہ لهو مان پہ تي قلم پوڙي.

لِکي لوڪ کان تون، ويهي هُت حبيبن،
پَارانيا ڪولي پر، پڙهائيج پرين،
جگر جل، جن جي ڇڏيو نينهن نهوڙي...!!

متان منڊ آ مينهن جي متان پر پُسائين،
پکي پت پارخ، متان گت گسائين،
بچي تون بازن کان، وجج واٽ ووڙي...!!

پکي پار پ مرين جا پورا ڏيان تو،
مان 'منشي' جنين جي سهاري جيان تو،
حسن جنهن اڳيان چند، جُهکي تيو جهکوڙي...!!

موت کي ڏي تون مات

ڪات هٿي ڪٽ رات،
روڙ زمين کي ريج ڏئي رت جو، موت کي ڏي تون مات...!!

ڏکيا ڏک جا ڏينهن ڏهاڙا، ڇا ڪان ڳاڙين ڳوڙها ڳاڙها،
سک جي ڪارڻ سر تي سوڊل، سور سمجهه سوغات- ڪات هٿي...!!

ڏوران ڏس هو ڏيئڙا ڏيئڙا، اچن جلايو جند جوئيڙا،
ڏيهه کي ڏينهن ڏيکارڻ ڪارڻ، ڏک سندن آهي ذات- ڪات هٿي...!

من ۾ جن جي مچ مچن ٿا، تي سي پتنگ مٿي آگ اچن ٿا،
آزادي جي آهي انهن کي، وائي سدائين وات- ڪات هٿي....!!

ظلم جبر جو وڻ مروڙي، پاڙان پٽي ڇڏ تنهن کي اکوڙي،
هر جابر سان جنگ آ ڪرڻي، جنهن ۾ ذات نه پات- ڪات هٿي.....!!

جيل نه هٿ، هُت جيل سدائين وانگين ويل تي ويل سدائين،
'منشي' تن کي مات ڪرڻ لئه، اڪ نه ڏي جهپ جهات-ڪات هٿي....!!

هتي هزارين همير سوڍا

پنهنجي ٻنيءَ ۾ پوک پيا پوکيون، ٻولائي ڏيئي ٻوليون ٻوليون،
چٽ چٽيون پيا سيهي چيرا، جنهن مان ڦٽنديون گوليون گوليون.

گولين مان بم گولا ٿيندا، قومي ڪاج ۾ ڪم سي ايندا،
ريج ٻنيءَ کي رت ڏيون پيا، سوچي سمجهي ست ڏيون پيا،
مڙي ڪيو اڄ مانجهين ميڙو، سيا اسان جو ڏاڍ سان جهيڙو،
بم بندوقون هٿ هٿ هونديون، ڪانڌن جهڙيون ٽوليون ٽوليون....!!

ياڳيا پونءَ جا اٿندا پڙڪيءَ دشمن تي سي پوندا ڪڙڪي،
اها ڪريون پيا اڄ آبادي، جنهن ۾ نسلن جي آزادي،
جنبي وياسون جوڙا جوٽي، خبر لهون پيا ڪيري ۽ ڪوٽي،
هرڪا جيجل لال پنهنجي کي، اهڙيون ڏئي پئي لوليون لوليون....!!

سنڌوءَ درياءَ ڳاڙهو پاڻي، جنهن مان وهنجي ايندي راڻي،
اجهي اٿي پيا سٽ لک هاري، ٻهڪي ٻنيءَ جي ٻاري ٻاري،
ڪلهي ڪوڏر ڪها ڪهاڙيون، هرهڪ هاري اکيون ڳاڙهيون،
ڪين جهليندا ڪنهن جي اڳيان، هاڻ هڻي هاري جهوليون جهوليون....!!

بيهه رهياسون جوٽي جڙا، 'منشي' پاڻ وطن جي وڙا،
پنهنجا نيت تہ پنهنجا ٿيندا، ڌرتيءَ ڌاريان ڪم نہ ايندا،
سنڌ جي ڌرتي ڌوڄ پلي آ، فصل نسل ڪان ڪنهن نہ جهلي آ،
هتي هزارين همير سوڍا، هلي هلائي ويا هوليون هوليون...!!

سوريون جتي سينگاريون

پوندي اتي پڙ ۾ پرک، سوريون جتي سينگاريون،
پيا لٽڪندا ڪئين لاش لڪ، سوريون جتي سينگاريون.

جن سپ چڙيون مايا مڏيون، ڪنڌ اُت جتي ڪات ۽ اڏيون،
بيهندا اتي بس، ڪي برک، سوريون جتي سينگاريون.

آزادي جت، انسانيت جي لئه گهرڻ غداريت،
چٽڪا اتي چکيا ڄا چک، سوريون جتي سينگاريون.

جن جا جبل جيڏا عزم، سر تي سهن بارود بم،
آزادي ڏسندي سائي اک، سوريون جتي سينگاريون.

'منشي' مرڻ، توڙي جيئڻ، آزادي ڪارڻ جن هٺڻ،
سيئي بندوقن ٿيندا بک، سوريون جتي سينگاريون.

سيئي چارڻ نہ چئجن

سي چارڻ نہ چئجن، جي چارڻ چپاتا...!!
نہ ويـهي وجائن، اڳيـان ان داتـا....!!

جنين ساز سـانديي رکيا روپ ڪارڻ،
مري بک نہ چو تنهن، ميراثي جي ماتا...!!

چڱا چِت ٿيـا چَٽ، تـنـدن زنـگ زهـري،
ورهيہ ٿيا وڃڻ ريِ، نہ سي سُر سُراتـا...!!

ڪٽي ساز ساجهر، سپڙ در جي سهڙيا،
ويهي جـن وڄايـا، سي وريا وڙاتا....!!

سُتا جي سري ڀانهن ڏيئي سنجهيئي،
انـهن ڪـي ڏنـا رات آيـل اوراتـا....!!

رکي سرِ تـريءَ تـي، هـٿـن سرِ صـدائـون،
انـهن جـائي 'منشي' ، ڪُلن روز ڪاتـا....!!

پاڳياٽي

ياڳياٽي او ياڳياٽي، مينهن ڏاريون ڦڙ پيو ڏائي،
توکي آرس کهڙي آهي.

پَس، پسون پيا پاسارون کن، سيڙهون کڻا اُٿ ساهي،
ڏارين کي کر ڏار ڏکا ڏيئي، پنهنجن کي پرچائي....
توکي آرس کهڙي آهي.

ڳڏي ڳجر لٺ گڏو جو آندئي، گاهہ گڏهہ سو کائي،
جهڻ ڦڙيءَ لٺ جهوتون ڏيندئين، پاڙو صبوح پچائي.....
توکي آرس کهڙي آهي.

اٺين آندن عيال چڏيئہ، کتو پين کارائي،
وجهي رکيئي سانياڻ صبوح لٺ، کير پلو سو کائي....
توکي آرس کهڙي آهي.

اوڳي تنهنجي اِجلس چڏيو، ’منشي‘ من منجهائي،
مُڙساڙو جي مانيءَ مَک لٺ ڦُٽي تہ رک ڦڙکائي....
توکي آرس کهڙي آهي.

خواب

مون ڳاڙهي رت ۾ وهندي سارو ديوانو درياهه ڏٺو،
مون صدين کان پوءِ سانگين کي اچ سوکو کٽندي ساهه ڏٺو.

جتي جهنگل جهر بر بحر تي جهوميا، جهانگين ۾ جهونگار نئين،
جتي هرهڪ ناري ناز نئون، هئي هارين ۾ هونگار نئين،
جتي سانگين سر ڏئي سنڌ وطن لئه، سَر ڪئي سرڪار نئين،
مون هاڻ توڙي لوڙائن اُت، پاپين ٿيندي پاهه ڏٺو...!!

جت پنيون پارا پهڪيا تي، هئا روپ نوان ۽ رنگ نوان،
جت چونئرن ۾ هئي چُڻ پُڻ ڇهري، چڙوائن تي چنگ نوان،
جت سوني ڌرتي سونا سونا سيني ساهيا سنگ نوان،
جت گهوڙن چڙهيو گهوٽ گهميا تي تاٽيو تارين تنگ نوان،
اتي ڏوڙ ۾ ڏڙ مون ڏاڙيلن جا، عضوو هر اوڙاهه ڏٺو.

مون ڪوڏي وانجهي ييلهاڙو ات مانجهي ڪڏندي مل ڏٺا،
مون سانگين وانگين سيڙها ويڙها، سنهنجا ياڳين پل ڏٺا،
مون وڏين چاڏين کان به وڏا ات چالن ڪنديون چل ڏٺا،
مون ڳهه ڳهه ڳتيل ڳوٺاڻين جا ڳاڙها ڳاڙها ڳل ڏٺا،
مون هر ويري پنهنجي وطن جو، ڳوٺاڻن هٿ ڳاهه ڏٺو.

ات پنهنجي پنهنجي چوڙي نبيري پنهنجا پنهنجا رسم رواج،
پنهنجي ڏيئي پنهنجي نيتي پنهنجي ڪيتي پنهنجا ڪاج،

پنـهنجـو ان ۾ پنهـنجـو ڌن ۾ پاڻ ڏٺي خـود ڌرتـي ڌاڄ،
پنهنجي پنهنجي مومـل هرڪنهن، پنهنجو راڻو پنهنجو راڄ،
ڏک هو ڪوهين ڏور اتي مون، ڪونہ بندوٗ بيـواهہ ڏٺو.

ڪنهن بہ وڏيري رئيس نہ ڪو پوتار سنـدي ڪا جرئت هئي،
ڪنهن ميجر جرنل ڪرنل جي اُت، ڏپ نہ ڪا ڪا ڌروٗت هئي،
ڪنهن لوسي چور چڪار سنڌي ات حشمت ڪائي نہ حرڪت هئي،
اتي چَپ چَپ چشڪو چاش ڪان وڌ مون چِت چِت چاهت چاهہ ڏٺو.

ات ڪير نہ ڪنهن جو نيچ نموني، نـاٺي ورتـل نوڪر هـو،
سڀ ٻار ٻڍا ۽ جوان جتي، خوش چينبيل ڪوٻہ نہ چوڪر هو،
ات رهواسيـن جو رت پيـاڪو لفنگ نڪو ڪو لـوفـر هو،
ات مـست مـڙوئيَ مـال ۽ مـاڻهو مـوج ۾ سـارو موهـر هـو،
۽ قُر قُريـا ٽي قُـوتـاڙن تـي، عـام ڳـسـن مـون ڳـاهہ ڏٺو.

اڪ ڪلـي تان اڳيان منهنجي، ساڳيا ڪتـا ڪوليون ڪـيل،
ديهن جيڏيون ديـوارون ۽ جڪـڙيـل پـاتـم انـدر جيـل،
سـاڳيـو صـوبيـدار سـري ڪان، آيـو سـاجهر آهـي سـويـل،
'منشي' مـن' ۾ مانڌ مچي ويٺي ڏسندي وانگين ساڳيا ويل،
ڪـانجهي وننڌي ڪل پيئي مون ڪيڏو ٺهندي ٺاهہ ڏٺو.

•

مون رات گنجي ۾ گجندي ڪيڏا سنڌوءَ جا سرواڻ ڏٺا،
تي ڀڪيا منهن ۽ ٻانهن ٻر، مون ٻلواڻن هٿ ڀاڻ ڏٺا.

جتي مانجهين ميڙو ميڙو هو، ۽ جهونجهارن منهن جهيڙو هو،
تي راڻن رت سان راند ڪئي، تن وڙهندي ڪين ويساند ڪئي،
هو ٻاڪر پڙ ۾ پائي بيٺا، سينا پنهنجا ساهي بيٺا،
لاڳاپا سڀ لاهي بيٺا، چاڙهو پير جمائي بيٺا،
لاڪيٽان لجدار لتل مون، سورهيه پٽ سراڻ ڏٺا.

هُت ڀيڄ ٻنيءَ جو ٻڙڪا ها ۽ ڪانن جا ڪيئن ڪڙڪا ها،
هت گونج متل هئي گولين جي، ۽ ٽڪر ٽولين ٽولين جي،
ڏيئي منهان منهن مهاڏا تي، جڻ سُوان وڙهيا ڪي پاڏا تي،
هن ٻر ڪان ٻاڳيا ٻونيا ها، ۽ اڳيان چور اپونيا ها،
مون جنگ اندر ڪيئن جوڌا جاني، سوربهه پٽ سڄاڻ ڏٺا.

هي آزديءَ جو جهيڙو هو، ۽ ٻائر ٻائر ٻيڙو هو،
هڪ غدارن جو ٽولو هو، جنهن ننگ نسل ۾ رولو هو،
سو ڏاڙيلن سان هو ڏُر بنيو، ۽ سنڌ لئه سورن سُر بنيو،
هٿا لعنت ٻان منهن لال سندن، ڇا ويهي ڪريان مان ڳالهه سندن،
ان ڪڙم جي قاتل ٽولي تجا مون ٻيلا منهن خود ڀاڻ ڏٺا....!!

هتي ڌڌڪا ها ڌوپارن جا، تي ڪريا ڪنڌ ڦنڌارن جا،
۽ ڪنهنبي ويس ڪڙهي تي، ڌرتي، جا جيجل ڀاڻ ڀٽن ڪي پرتي،
هئي جنگ دڙي ۽ دنگ سندي، لڄ لوءِ نازڪ ننگ سندي،
او آزادي او آزادي، او شهرن ڳوٺن شهزادي،
ان نعري هٽندي 'منشي' ڪئين مون راڻا پٽ رت ڇاڻ ڏٺا،
مون رات گنجي ۾ گجندي ڪيڏا، سنڌوءَ جا سرواڻ ڏٺا.

مان هوندس نہ هوندس

نہ هونديون حويليون نہ هوندا هي ٺاٺا،
مان هوندس نہ هوندس سو پاٺا نہ چاٺا.

جڏهن ڏينهن تپندا، مٿان مينهن وسندا،
گسن گاهہ ڦٽندا ۽ چوپايا چرندا،
نوان ساز سُرندا، نوان چنگ چُرندا،
مارو مال مچندا ۽ ٻيلا ٻہ ٻُرندا،
نوان نينهن لڳندا، ڪئين رنگ رچندا،
ڊوهيا ديس ڊهندا، ڏکر ڏيهہ لهندا،
نوان چام چمندا، نئين راهہ رمندا،
نيئن ڪاڪ اڏبي، نوان ايندا راٺا،
مان هوندس نہ هوندس سو پاٺان نہ چاٺا.

سڄر سات سڏبا ۽ مظلوم گڏبا،
نوان ڳوٺ اڏبا، چوڙي چانگ چڏبا،
نہ ظالم ڪي رهندا نہ مظلوم مرندا،
سياري نہ ٺرندا، اونهاري نہ ٻرندا،
نہ محڪوم حاڪم، نہ ظلم نہ ٻالم،
نہ ڪنهن گهر ۾ ماتم، ٻسڪيو سارو عالم،
نہ وانگي ويڳاٺا نہ گهوٽن تي گهاٺا،
مان هوندس نہ هوندس سو پاٺان نہ چاٺا.

’منشي‘ منهن موچارا، وچن قول وارا،
هي هاري هاڪارا، سدائين سوپارا،
ڪيڙيندا ۽ ڪيندا نه ڏيهٽين کي ڏيندا،
نه ڪنهن ڏاڍ ڏچندا نه جهوريءَ ۾ جهچندا،
پنهنجو اَن پنهنجو ڏن، پنهنجو ڳڪ پنهنجو پَن،
پنهنجو گاهه، پنهنجي ڏَن، پنهنجو رَڃ پنهنجو پن،
ڪٿي ڪين ڏسندين ڪوٽي گل ڪوماڻا.
مان هوندس نه هوندس سو پاڻان نه ڇاڻا.

مارن مهاندا ياد پيا

ميناهن جي موسم ڏسي، مارن مهاندا ياد پيا،
سانورا ڳورا پرندڙ، منهن تاندا ياد پيا.

اڄ پنوهارن پڪ پکا، پوئن مٿي هوندا اڏيا،
سانگ جي سانگي سي سانگي، لاڙ کان هوندا لڏيا،
۽ مچر مٿي کان مٿاهين لئہ گهٽن ئي گهر ڇڏيا،
پر، پٽن ويٺا پري پاڳيا، سي پاندا ياد پيا....!!

سرليون هڪڙيون ٻلاريون، مال ۾ مارن ٻڌيون،
وس چرڻ جي لئہ ولر واري تہ وانگياٽيون وڏيون،
اٽيون هونديون مٿن تي ۽ ڪُلهن سٽيون منڊيون،
پوڻ اندر پُٽڪات پوٽيندن پُٽاندا ياد پيا....!!

ڪن گُجرون گوشيون ڪُنديون، ڪُن کاريون چالون پليون،
ڳانديا ڳانيون ڳچين ۾ ڪن ڳچين چيرون ٽليون،
پنهنجي منهن پهريو چرن 'منشي' نہ ڪنهن جهليون پليون،
جي جيڏين جوٽيا اسر سي، جنڊ ۽ جاندا ياد پيا...!!

اُميد

اُهوڏينهن ايندو، پري ناهي، پيارا، اُهو ڏينهن ايندو.

ٽيندا پور تنهنجي پرم جا هي پاندا،
ڌرم دين دوڪا، مڪاريت جا ماندا،
ٽڪاٽا تنهنجا ٽول تو لاءِ ٽاندا،
توکي ڏيهه ڏاٽن سان ٽي ڏنپ ڏيندو.
اهو ڏينهن ايندو.

نہ محلن ۾ محفل مچائي تون سنگهنديون،
نہ مظلوم ناريون نچائي تون سگهنديون،
نہ رنگين راتيون رچائي تون سگهنديون،
جڏهن رت پورهيت جو ٺهڪار ڪيندو.
اهو ڏينهن ايندو.

ڪنبي ڪوٽ ڪنگرا ڪِري پَٽ پوندا،
نہ توکي زمين آسمان سات ڏيندا،
تو جهڙا ڪئين چور چڪيا تي چڙهندا،
هي تولئہ سچو ٽرٽلو ٽاڪ ٽيندو.
اهو ڏينهن ايندو.

اهِي چند چاندي ۽ سوني جا سڪا،
ڪُٺا قوم جا جنهن سهاري تو ڪڪا،
چوين ٿِو انهن لئہ ڌرم جا هي ڌَڪا،
اهو تنهنجو ناٿو نهوڙي تو نيندو.
اهو ڏينهن ايندو.

جُڳن جي ستل ڄاڻ جنتا هي جاڳي،
ورهن کان ڏني وات ۾ جنهن تو واڳي،
گهٽو وقت دوکا ڏيئي ڏگ تو ڏاڳي،
نه هاڻي سندن رت بيڪار ويندو.
اهو ڏينهن ايندو.

اِجهي پوڻ ۾ 'منشي' کي ڦڙڪات ٿيندا،
۽ چورن لٽيرن جا ڦڙڪات ٿيندا،
حويلين ۾ ماڙين ۾ تڙڪات ٿيندا،
نه ظالم کو مظلوم جو ماس کيندو،
اهو ڏينهن ايندو.

ڪٽيون ڪٺيون قيد ۾ گذريون

ڪٽيون ڪٺيون قيد ۾ گذريون، چڱو چيٽن ۾ ملنداسون،
سرنهه پيلا جهليندي گل، تڏهن ڪيٽن ۾ ملنداسون...!!

اُتر جا واءُ جڏهن ورندا، اڇا، سر، ڪانهه سنگ ڪڍندا،
لهنديون ڪونجون جتي ڪُڪي، انهن ڪيٽن ۾ ملنداسون...!!

چڙي دريا، ويندو دهشت بنائي پيٽ پيلاٽيون،
چڙهي تڏهن ناءُ تنڊڙي تي انهن پيٽن ۾ منداسون.

جڏهن آزادي جا جهندا، پيا جهرجهنگ جهوليندا،
ڏٽي پونءَ پيٽ پيا چڙهندا، انهن پيٽن ۾ ملنداسون.

پرين جي پيار پنهنجي تي، لڳا پهرن مٿان پهرا،
تہ ملنگهہ لانگها جهلي 'منشي' پيا اڪ ليٽن ۾ ملنداسون...!!

آزادي

اج رت سان لکيل خط مليو، هوءَ منهنجي اڱڻ تي اچٽي آ،
سو سورهن اج سينگار ڪري، ٻڌي ڇير هوءَ نازڪ نچٽي آ.

ڏنا سودن سر ڪئين سُوٽيءَ ۾ هن پاڻ قبولي قيمت سا،
سا سودن سرِ جي سانگي ساءِ، واهُ سٽائي ورٽي آ.

هُن ڪيئي ولاتون واسي ڇڏيون، هر جاءِ حسن هڪار سندس،
هوءَ ٻاڙهن ڪنهنبن ۾ تہ هميشہ ٻاڙهي ڪنوار ٽي پرٽي آ.

هوءَ محلن ماڙين مات ڏئي، ڪري جهرمر جهانگين جهوپن ۾،
هوءَ رت جو دريا جهاڳي اچي ٽي، ڊاءُ نہ ڪنهن جي ڊچٽي آ.

هوءَ ٻاڙهي ڪوسي رت ۾ وهنجي، پاپن ڪان بت پاڪ ڪري،
ساز نئين انداز نئين سان، راڄ منهنجي ۾ رهٽي آ.

هوءَ چوڏهين جي چنڊ وانگي چلڪي، نالو سندس آ آزادي،
اڱڻ اجاريان ان لئہ 'منشي' ، وءَ نچٽي ٽپٽي هرٽي آ.

انسان ازل کان آجو آ

اجها رات کٽي ۽ باک ڦٽي، انسان ازل کان آجو آ،
کي غلام ڇٽا کي ويندا ڇٽي، انسان ازل کان آجو آ.

ڪو ڪيڏو ڏوهي ڏوهه ڪري، زنجير وجهي ۽ جيل پري،
ٿي ڪڙيون ڪڙيون ويندا ٽٽي، انسان ازل ڪان آجو آ.

حجاج هلاڪو هٽلر هٿا، ڪري ڪيس ڪتي جي موت مٺا،
آزادي گهٽا ڏينـدي نـہ گهُٽي، انسان ازل ڪان آجو آ.

هي ٿورو غامي عرصو آ، آزادي آدم ورثو آ،
سو پاڻ لٽيو، حُريت جنهن لُٽي، انسان ازل ڪان آجو آ.

ڪو زهر پيئي، ڪو ڦاهي چڙهي ڪو تيل ڪڙهاين منجهه ڪڙهي،
وڃ سمجهي 'منشي' ڳالهه ڇٽي، انسان ازل ڪان آجو آ.

منهنجي ڏات ڏوهاري

منهنجي ڏات ڏوهاري پُٽڙا، منهنجي ڏات ڏوهاري،
ارهي اک جي آس هئين، پر تنهنجي مٽي موچاري-
پُٽڙا منهنجي ڏات ڏوهاري.

تو جهڙا پُٽ ڪيئي مرن ٿا، روز هزارين رڙندي رڙندي،
سيءَ سياري سڙندي سڙندي، ڪاڙهن ۾ ڪي ڪڙهندي ڪڙهندي،
ڪنهن جي اک مان ڪين ڏسان ٿو، ڳوڙهو هڪڙو ڪڏهن ٻه ڳڙندي،
ڪنهن جي ڪنهن جي لاءِ روئي، منهنجي دل دکياري-
پُٽڙا منهنجي ڏات ڏوهاري.

چڱو ٿيو جو سڙيل ڳريل، سماج هن جو نه چکئي ساءُ،
گهارين ها نه ته گهٽ پوست ۾، سهندي گهاون پئيان گهاءُ،
ڏسڪي ويني ڏاڏي تنهنجي، جيڪا منهنجي جيجل ماءُ،
پاهه ٻکن ۾ پٽ ۽ پوٽا، جنهن جا هاري ناري-
پُٽڙا منهنجي ڏات ڏوهاري.

منهن ڏيکاري پوءِ ته مرين ها، چٺن پيرن جا پونگر پاءُ،
خوني چنبا ويا وچوڙي ڪنهن ڪي پيئي ڪل نه ڪا،
مون ڪان منهنجي چند ڪسڻ ۾ ويري توکي وريو ڇا،
دردن ماريل دلين ۾ تو ڪيڏي آگ اياري-
پُٽڙا منهنجي ڏات ڏوهاري.

لڪين پٽڙا لانگهي لانگهي، روز مرن ٿا هت تو وانگي،
تڙپي تڙپي هڪڙي حب لئه ڪيئي ابهم ماني ڳپ لئه،
سهڪي سهڪي ساهه ڏين ٿا، جيئري 'منشي' زهر پين ٿا،
ساري حياتي سوچيندي مون گوندر منجهه گذاري،
پُٽڙا منهنجي ڏات ڏوهاري.

(قسم نامون)

سنڌڙي سيني سيباڻو، ساز آزادي سندو،
مون ٻُڌو زنجير مان، آواز آزادي سندو.

مون کي تنهنجي پاڪ پوتر آهي پاڻي جو قسم،
مون کي بختاور بهادر، هارياڻي جو قسم،
مون کي تنهنجي پاڪ پوتي رت هاڻي جو قسم،
ٽلٽي ڪرڙي مون کي ڏبي ۽ مياڻي جو قسم،
تنهنجي سڏ تي ڪنڌ ڪُلهن ڪان ڪپي ڪوري ڏيان،
جي جُسو هي جان جيجل گهُر ته گهوري ڏيان.

مون کي ڪارونجهر ۽ کينجهر ڪوهسارن جو قسم،
مون کي تنهنجي نُور سان پريل نظارن جو قسم،
مند اونهاري سياري ۽ بهارن جو قسم،
تو مٿان چمڪن ٿا جي تن چنڊ تارن جو قسم،
تنهنجي ڪيران جي ڪران ۽ ويڙهه مان وچ تان وران،
ڪوڙهه ۾ ڪوڙهيو ٿيان ۽ منهن ڪاري سان مران.

جي جهڄن جهُوپن اندر تن جهانگياڻين جو قسم،
جي سماج هن ساڙيون تن سانگياڻين جو قسم،
جي ورهن ڪان ورهه ۾ تن وانگياڻين جو قسم،
جي پرم پونءَ جو سدا تن پاڳياڻين جو قسم،
ويرين سان ويڙهه رهندي، ڏاڍ جيسين ڏيهه تي،
چڪ اوڏي چمر ناهي چُل منهنجي چيهه تي.

تنهنجي پورهيت جو ۽ مون کي تنهنجي هاري جو قسم،
تِن کتي ۽ چيت پوکيل ٻارَي ٻاري جو قسم،
تنهنجي سنڌو ننگ ڀريل ناري ناري جو قسم،
تنهنجي ٻولي ماءُ جهولي تنهن پياري جو قسم،
تنهنجي آزادي جي لاءِ مرڪندي سوري چڙهان،
ساه سيني ۾ آ جيسين لوءَ تنهنجي لئه لڙان-

مون کي مرشد پرجهلي آهي پتائي جو قسم،
تنهن جي بيتن جو قسم ۽ تنهن جي وائي جو قسم،
مارئي مومل ۽ مون کي ٻاڳهي ٻائي جو قسم،
هر سَمِي سودِي سياڻي سنڌ جائي جو قسم،
سر ڏيئي سنڌو سسيءَ مان توڙئي آهي سنگهر،
تيسين رهندي جنگ جاري جيسين گهاتن تي گهنگهر-

مون کي مارن پيٽ ٻُکين انگ اگهاڙن جو قسم،
ٻارڙن، جوڏن، جوانن ۽ ڪُراڙن جو قسم،
تنهنجي ڊورن ۽ ڍنڍن مون کي پهاڙن جو قسم،
تنهنجي چولين چاچرن ٻيٽن ۽ چاڙن جو قسم،
تنهنجي آزادي جي لئه لڙندس پيو جو دم جيئان،
قوم ڪاٺيارو ٿيان جي پير مان پٺتي ڏيان-

مون کي تو ٻلوانڻ ٻاٻاڻن جي ٻنين جو قسم،
وِرهه ۾ ورتل ورهن کان تن مونَ ونين جو قسم،
مون کي منڇر جو قسم ڪينجهر جي ڪنين جو قسم،
چوسرن چوٽن متان اوڏيل مون چُنين جو قسم،
تنهنجي دامن ۾ امڙ هر درد منهنجي جي دوا،
پن پوي جيجل جيئڻ بس تنهنجي آزادي سوا-

مـون کـي دريـــا خان دولــهــہ دوڏي ڏاهــر جو قــســم،
تنهنجي ٻيلن تنهنجي پوٺن پــاڪ پــائـر جو قــسم،
توکي سينگاري سدا جو تنهن مون سائر جو قسم،
تنهنجي عظمت لئہ وڙهيا جي تن جي واهر جو قسم.

موت تن ماري نہ 'منشي' مٺا جي مادر مــان لئــہ،
مــون مــرڻ تــوڙي جيــئــڻ آهــي امــڙ تــو آن لــئــہ.

بيت

سٽي سڏ سنڌوءَ جو، هٽي هليا هامر،
ڪاهوڙين ڪي ڪامر، اڏيون انقلاب جيون.

ڪانڌ جنين جا قيد ۾

ڪانڌ جنين جا قيد ۾، ڪارڻ قوم ڪڙهن،
منهن تنين جا مٺيرا، پين ڪان پاين،
رڪيا جن سور سهي، پرم پتارن،
مُرڪن، مارڪن، سدائين سي سات ۾...!!

ڪانڌ جنين جا قيد ۾، بينا باسي ڏوهه،
چون ڪنهن پر قوم سان، ڪين ڪنداسون ڌوهه،
اديون اهڙين آهرين، ڪير مٽيندي موهه،
لڱن لڱن اندر لوهه، جيڏيون سي جڙي ويا...!!

ڪانڌ جنين جا قيد ۾، مٽيا مهينا سال،
اُٺن آڏي تن جا، چرڪ پريو چال،
اکيون تن آساٿيون، لڙڪ وهائن لال،
منهنجي ڇا مجال، جو روڪيان سندن راهه ڪان..!!

اجا ويس وهاڻ جو، لڳان نه لاٿم،
اديون ڙي آيم، وڇوڙو ورهن سندو...!!

ميندي ۽ رتا هٿڙا، اگر واسيل وار،
پري چرڪ ڇڏي ويو، جهيڙي ڏي جهونجهار،
پينر مون پتار، جهلڻ ڪنهن نه جهليو...!!

هڪ نه پليم سڪ، بي قتينس قوڙائي،
دل کي ڌوڙائي، تڪيس تان نه ٿاڪ ٿيو...!!

(٢)

يــلا تنيــن ياڳ، جيــڪي ڪــانڌن ڪچ ۾،
سرتيون مون سهاڳ، ڪيو سڳ سنڌوءَ سان...!!

سچو سڳ سنڌوءَ سان، جوڙي رکيئيـن جيءَ،
ڏُک ڏکيءَ ۾ پـي، هتــان مون کان هليـو...!!

سـچو سـڳ سنڌو سـان، جيءَ رکيئون جوڙي،
مون کان منهن موڙي، پيــچ ڪيائون پڌرا....!!

سُــٽي ســڌ سنڌوءَ جــو، هـٽــي هـليا هـام،
ڪـا هــوڙيــن ڪــي ڪـام، اديـون انـقـلاب جي.

سُٽي سڌ سنـڌوءَ جو ترڪ ڪـيائون طعام،
اڪــر عـــام عــوام، اڇــاريـنــدي اٽـيــا...!!

سُٽي سڌ سنڌوءَ جو سـرتـيون ڇـڏي سيج،
ڏيـئــي ڏک مـون ڏيــج، هـلڻ هـارا هـليـا...!!

منهـنجي روئڻ نـہ روڪـيا، ڪڇ نـہ ڪـڇيائون،
پلڪ نہ پڇيـائون، ڏيئـي ڏولاڻـو ڏور ٿيا..!!

(٣)

تـي كـڙهـ تـي كُـپ، روكيم وَر وجڻ كـان،
ساڳي چپن چُپ، ڏكي مون كان ڏار ٿيو..!!

ٻئي نكـري ٻـاكـران، ٻـيـنـر ويم ٻـتار،
سدا سور سنڌوءَ جو، كاڙهـو هئن كـپار،
واسي ويڙهيان وار، اديون كنهن پر ان ري...!!

ٻـيـنـر مون ٻتار ري، هـڙيـئـي ٻـڳـل هڏ،
ڏسـي ڏك ڏوتيـن جـا، لاڏن لاتـي لـڏ،
سُٽي سنڌوءَ سڏ، تر نـ ترسيا تڙ تـي...!!

كانڌ ٻيو سو پانڌ، جنهن عشق انقلاب سين،
مون من ڏيئي مانڌ، سرتي ويو سات سين..!!

ادي نـ ٻانيم اٿين، تـ ستاڙي ٿي سنيرندو،
جيڏيون جهليم جيئن، تيئن ٿي ويو تڪڙو....!!

كهڙا قيدي كانڌ جا، سـر تي سور سليان،
پل نـ پـاسي پر رهـي، پليو جيئن پليان،
هـاٿي هيـكـر جي اچي، پائي جهول جهليان،
ويني ميڙ مليان، پنهنجي قيدي كانڌ لئـ...!!

ڏيٺــي ڏوراپــا، ڪهڙا منجيان ڪانڌ ڪي،
هٿي حقيقت جا ويو، ڇــاتــيءَ تي ڇاپــا،
مايم ويهي ماپا، ته محبت مٺو ناهي ڪو...!!

ڪــوٺ ڪــرن قيدي ڇٽن، ڄلي منهنجو جيءَ
سارِين ســانوڻ ڏينهــڙا، پيا سياري سيءَ
ٻولي مــون ڪي ٻــيءَ، اديون مور بـ آئــڙي.

اديــون اچ اهــجاڻ، تــو ســـٽـايــان تــن جا،
سدا سي سورن سان، ڪن راتو ڏينهن رهاڻ،
جاٺي ٻي سپ جاڻ، ڪُل ڇڏياٺون قوم لئه.

(۴)

ڪڏهن مليل مشڪ ۾، ڪڏهن پٽن پيوت،
ڪڏهن منجهه سڪوت، ڪڏهن شور سمونڊ جان..!!

ڪڏهن ڪاڳر ڪچ ۾، ڪڏهن بم بندوق،
پيسنر مون ملوڪ، ڏونگر ڪان ڏاڍا گهڻو..!!

انئي پهر اون، انهن آزاديءَ جي،
ڪن ڪياٺون ڪونه، اڪر پيو ڪڙ ان ري..!!

سندن سخن سچ، ڪوڙ نه اوڏا ڪڏهن،
محبت سندا من ۾، ويا منچائي مچ،
ڳڻن پريون ڳچ، ڳالهيون تن، مون تَن ۾..!!

ڪوڙ نه اوڏا ڪڏهن، نه ڪو سچ سَلين،
پنهنجو پاڻ پلين، ٻيائي ٻولي ڪنان...!!

اديون اهڙا آنڙا، رهي ڪن نه رهاڻ،
ساٿي هوندن ساڻ،ته مون لڻ راتيون رُڪ جون...!!

هڪ ته تازيان تيز ۽، ٻي جا منهن مٽيان،
لڪيس لاتق تن جا، ڪهڙا ڳڻ ڳڻيان،
منهنجو ڏار ڏٺيان، جيڏل جيڻ جي ٽٽي...!!

(٥)

سا تنوارين تات، جنهن ۾ سرهو سيڪو،
ڏسيو ڏرن ڏڪ ۾، اصل آدم ذات،
لکين لات منات، پيچي تن پورا ڪيا...!!

ڪڏهن رهن رڄ ۾، ڪڏهن جهاڳن جر،
ڪڏهن قيدن قيد ٿيا، ڪڏهن ڏيهه ڏونگر،
ڪڏهن پيئنر پر، اڇيو رهن راتڙيون..!!

ادي سندن اڳهه، ڪَتي ڪنهن نہ ڪَتيو،
سرتي سندن سڳهه، پهاڙن پرزا ڪري..!!

بکون باسيائيون، سُکن ڪارڻ ساهيڙي،
واڙو واسيائون، آزادي خوشبوءِ سان!!

ڪِلي ڪنيئون ڪڙيا ڪري ڏک سموري ڏيهه،
ويهڻ ڪري ويهه قيد قبولي هليا.

سارا سانگيئڙن، سور ڪنيائون سر تي،
جهورِي جانگيئڙن، پيڙا هٿن پاڻ سين...!!

ڪولين ڪٿن هيريا، سوريون سمجهن سيج،
ڏک ڏکوين ڏيج، ساري ڪنيئون سر تي....!!

ڪُلهن قومي جنگ جا، ڪنيئون ڪُل ڪتاب،
ادي هو اصل ڪان، هلن ساڻ حساب،
جوڙي ڏين جواب، هڪليو هر ڪنهن هٿ ۾..!!

ڪاڙهو ٻڳو قوم جو، ٻولي ٻي نہ ٻُجهن،
تيسين وجن ڪوڪون ڪندا، جيسين سڏ سُجهن،
ٻانچاريا پهچيو وڃن، ڪيرا جت مُنجهن،
سڏيو ساٿ گڏين، پينر پنهنجي پوڻ تي...!!

جاڳن تان جلن، سورن سمهڻ تن جو،
هميشہ ان حال ۾ ڪارڻ قوم ڪڙهن،
اهڙن اهڃاڻن منهديرا مٽي ويا..!!

پچيم پائي پاند، ڪنهن لئہ ڪٽين قيد ٿو؟
ڪنڌ ورائي ڪاند، ڪئي ڳالهہ ڪُڙم جي..!!

اهڙو ور وساريان، سو نہ منهنجي وس،
ڦوڙائي ڦٽيو هنئيون، پوءِ بہ ڪونهي ڪس،
جيڏل تِن ڪي جس، جي قيدي ٿيا قوم لئہ..!!

اهڙا وَر وڙائتا، پينر پاڳين پُون،
حق سدائين حاڪمين، چٽين اڪرين چُون،
هيٺان ڪاتي هُون، تہ بہ اڱر پيو نہ اڪلي...!!

انهن جون ادي، ڳُٽن پريون ڳالهڙيون،
آئون آهيان ان جي، ٻانهي ٻولي ٻڏي،
موران جن مدي، سانڍي ڪانہ سرير ۾ ...!!

(٦)

بيٺا قومي جنگ ۾ جوٽـيُون جوٽي،
پـڪـون پـون پـڙ ۾ ڪـري ۾ ڪـوٽـي،
ماناتو موٽي، شل ڪانڌ منهنجو ڪر ڪٽي...!!

سوپارا ٿي سپرين منهنجا موٽن شال،
ڏک سموري ڏيهه جا، ڪٽي ڪهيا ڪالهه،
وينـي تن لئه فال، وجهان ۽ واجهائيان...!!

پنهنجي قوم ڪروڙ جا، سرتي ساڻن سُور،
پينر ڀڏي پـريـون ڪري،ويـا ڏورينـدا ڏور،
هئن منهن مـذڪور، ته آزادي اڪيين ڏسون...!!

پينر پنڻ تان ڪريون، جي گهوٽ ڏسون گهاٽي،
هو تان وينا قوم لئه، ڪڏهن ڪنڌ ڪاٽي،
سنـدن ٿي سـاٽي، آزاديءَ جـو آسـرو.

جيـڏل جن جاٽي، گهوڙا گهڙي تـن سيـن،
ڀڙي، ڀوالي، ڪڏهـن ٿئي سا ڪانهه ڪا...!!

سـڏي سُوراتن ڪي، سات ڪيائون ساڻ،
ايـرادا انـهن جا، جي جتـي جاٽـي جاڻ،
پاڻ وجائي، پاڻ ٿئين گهوري اهڙي گهوٽ جي!!

هو واپاري ولات جا، سوداگر سُورن،
پاڻ پڌاري هليا، پائي مون پُورن،
ڪامان ٿي ڪورن، ساريو قيدي ڪانڌ کي...!!

سودي سوديائون، سور سموري سنڌ جا،
ٻڌي سي ڪُلهن ڪري، ڪڙيا ڪنيائون،
آهيون چيائون، واپاري ورهاست جا...!!

(٧)

سانگين ٽيئڙا سال، سهندي سور سماج جا،
ڏسي ڏک ڏري پيا، هيٺن هارين حال،
پينر منهن مثال، هُين هميشه تن جي.....!

وجهي وڏيرن ونگ، وانگيئڙا ونگي ڇڏيا،
لُکن تَن لوساڻيا اڌ اگهاڙا انگ،
رهي اُتي راتڙيون ڪيئن رچايئون رنگ،
جيڏل جوٽيئون جنگ، پاران پنوهارن جي.

ويري ڪن ويري، جتي ڏسن ڏيهه ۾،
نه سي سهن ساٿيهه ۾، جن جي اک ميري،
چُرن چورن پُٺ ۾، پاڻ ٿيو پيري،
اديون اڪيري، آئون انهن لئه آهيان...!!

جتي ظلم زور، اتي اڏيئون نجهرا،
ڪٽي پير پڪائتا، ڇتا ڪيئون چور،
گهورا ڪري گهور، تن ويل ڇاڻ ورائيا...!!

ڀاڳيا ڀانئين ڀاڳ، هاڻو هٿن هٿڙيون،
اڍي هي اتي وجيو، سانگي ڪن سڄاڳ،
تڏهن مونن ماڳ، جڏهن جوءِ جاڳي پوي...!!

اِنهن آڪيرا اُپ ۾، نظر تاءِ نات،
سرٽي، سارو سات، گڏي آئين گس تي..!!

جڏهن گڏي گسُ، ڪندا پنهنجي قوم ڪي،
تڏهن هاڻو هڪڙو، ڏيهہ نہ پوندو ڏس،
ٿيندي وطن وس، ڪڙندا سچ سکن جا...!!

ويا ٿي واقف وات جا، هلي هلي هاڻ، پي
سپ قومي جنگ ري، جاڻي ڇڏيئون جاڻ،
اديون اهڙن ساڻ، لڳيون سي لال ٿيون...!!

ڇٽي وڃهو ڄر ۾ تنهن ڪانَ ڪيم ڇٽيو،
پهرين ڳالهہ ڳٽيو، تہ ڄم بچي ڪيئن ڄر ڪان...!!

چون عورت ذات، آهي ڪاچ پيتين جو، ڪيڏو
وڏو ڪوڙ آ، ڏينهن ڪي چون رات، هت
هٿن جهڙا، واتن جهڙا وات، ڪٿو
ڪاتيون ڪات، اچو ڏيهہ ڏيکاريون...!!

نڪري اچو نجهران، پيٽون ڏٽي پون،
ڪسابن ڪان ڪوس ۾، جيڪي ڇٽياسون،
هاڻي تونهين تون، تڪي تند تنواريو...!!

ڳائي وڄائي، اچو قومي جنگ ۾،
سرتيون سر سهائيو، پاڻ پرين لاءِ،
ڏاريون ڦر ڏائي، چوري تنهنجي چال پيو...!!

(٨)

گهوٽ تنهنجي اوٽ ۾، گهاريان ڪا گهڙي،
جدائيءَ جي جل ڪان، ڏيئي وڃ ننهن نڙي،
توريءَ رات رڙي، مون ڪان ڪٽبي ڪانه ڪا.

توريءَ سياري راتڙيون، پيلي، پون پن،
سيڪارا سرير مان، آڏي جو ايرن،
جنيئن سڪا ڪُهڙ سڙن، اندر ائين آلان ٿئي.

لاهي سنج سجاف تان، پائي پير پلنگ،
سٽي وائي وڃڻ جي، منهنجا انگجيو وڃن انگ،
پوتيءَ وجهان پيرن ۾، تون، واڳون چڙ اينگ،
چوڙي گهوڙي تنگ، رهي پشو اڄ راتڙي.

مٿان تنهنجي مورچل، هٿيو روز هٿان،
پيچ پني تو پاکر ۾، مرکي منهن ڪٿان،
سندا قرب ڪٿان، پلئه پائي پيار جا.

جواب

ڪانئر سڏجان ڪڙم ۾، تنهن ڪان مر تہ مران،
ڏسي پنيت پونءَ تي، وڃان ڪيئن وران،
تنهن ڪيران شل نہ ڪران، جنهن ڏني جوت جيئڻ جي.

ڪونجون هر مند ڪيٽ تي، لميو ڏيـن لاٿون،
ماري ڏسي ٻن مٿـان، وهان ڪيـئن آئون،
پارهـيڙين پـاهـون، ڪرڻو آهي ڪيٽ تان.

اڄ نہ منهنجي اڳيـان، ساڙ نہ مون سرير،
مادر ڏيندي ميهڻان، اريـٽي منهنجو ڪير،
ضميرن زنجير، ڪنهن ڪان پاتا ڪين ٿئا.

(۹)

ڪوهہ ڪري تون ڪوهہ، ڏمرئيں ساري ڏيهہ تي،
وچ وسامي ويهي رهين، ڇڏي ميرل موهہ،
ڳُر ۾ وانگي ڳوهہ، لڪيو لپاڙون هٽيں.

نہ ڪو بم بندوق تو، نہ نيزا نہ ڀالا،
هنيا تو نہ هٿن سين، نہ سنئي سنوالا،
البت اوڀالا، ڏيڻ مليئہ ڏاج ۾.

ڪيڏي دعويٰ عزم جي، ڪيڏو پٽر پور،
ماڻهو هن مخلوق ۾، مڙئي ناهن مور،
زرهہ ڪنان زور، ڪنهن ڪنهن ماڻهو هينئڙو.

تو جي چٽيا چٽڙا ماڙهو ماڙهو من،
عمل عقل وچ ۾، اڳهاڙا آهن،
ڏيئي پرهڻ تن، توئي پرهڻ ڪسيا.

عمل ري انسان آ، نپٽ اڳهاڙو،
عقل جو چاڙهو، اتي آهي ڪين ڪي.

نينديي نسل نند مان، پاڻ گسائين گس،
هڪڙا ڏيئي ڏس، وڃي پيو ٻي وات تي.

سيا تنهنجي سڏ تي، ايندو ڀلا ڪير،
پُوچنا ڏيئي پير، ٽوليءَ ڪان ٽُٽو وڃين.

جڏهن تنهنجي ڏيهہ تي، ڏکن پريا ڏينهن،
تڏهن تنهنجو نينهن، ڏمر يو پاران ڏاڍ جي.

وجهي بج بنيءَ ۾ سلن ڏنئي سوک،
جي نہ مليئي موک، تہ هُرلو هٿان چو ڇڏيئي.

هلت هيٺو ئي سهي، هو تہ اريجان ريج،
پر تو هينئڙي هيج، پيلاٽڻ تي پاڙيو.

ڪڏهن منهنجا گيت، ڌرتيءَ تي آيئن گونجندا،
سلا جهڙي ريت، ايرن اُئي مينهنڙي.

(١١)

چؤسٽا

ٽا ٻڌون آدم عزازيل، ٻئي سياست هٿا لڙيا،
پنهنجي مؤقف تي رهيا، اڙيا ٻئي سي اڻ پڙهيا،
سا حقيقت حاڪمن کي، هٿي ڏکي ڏاڍي لڳي،
تنهن طمعدار کي تاڙي، ترت ٻئي تڙ تان تڙيا.

دلاسو چنڊ جو ڏيئي، اسان کان ويا ڦُري تارا،
اسان کي انب ڏيکاري، ڏنائون تو هه زهر ڪارا،
اسان هر وقت توپن جي رهيا آهيون نشاني ۾،
ڪڏهن ڪهڙي بهاني ۾، ڪڏهن ڪهڙي بهاني ۾.

ڪلف جي سيني ۾ آڏي رات جو خنجر لڳو،
يا ته ڪو قيدي ڇٽو ۽ يا ته ڪو قيدي وڌيو،
پر، ڏسي معلوم ٿيو، ٻن وردين جي وچ ۾،
آهي ڊي پي آر ۾ هي ڪو سنڌي هاري ٻڌو.

ڪڏهن ڪو غدار، ڪڏهن ڪو غدار،
هتي ورندا ڦرندا، رچن رنگ هزار،
سنڌ جا اچن سي گڏا گڏ ڪٽي،
وطن ۾ وڏي ڪان وڏو اي واپار.

(١٢)
شهيد عبدالرزاق سومرو جي
عقيدت ۾

سنڌوءَ سينڌ سُڪل، رت گهريو راڻن ڪنان،
بهادر ڏيئي بل، سر سهايو سومري.

سنڌ صدا هنئي سر جي، چوري چاڙهي چنگ،
ثابت قدم سومري، آچيا پنهنجا انگ،
مٿو ڏيئي ملنگ، ڏٺي ويو ڏياچ ڪي.

سَتا سنڌ لئہ سومري، ڇاتيءَ منجهہ ڇُرا،
ڪونڌر تو ڪرا، ڪانئر ٿيو ڪونہ ڪو.

ڪسي ڪوسو رت، سورهيہ ڏنو سنڌ کي،
جلنڌڙ جگر جيجل ۾، سوڊا پريئي ست،
پوري پاريئي پت، ڪاتي ڪنڌ ڪرم سان.

تو گهريو هن گهوريو، سڌ سان ڏنئين سڌ،
صدقي ڪئين سنڌ تان، هڪل سان ئي هڏ،
اهڙن پٽن پڏ، سدا پل تون سنڌڙي.

تو گهريو هن گهوريو، وڏا ڏيئي واڪ،
بهادر بيباڪ، سر ڏيئي ٿيو سرخرو.

(۱۲)

جنين سنا سر تي، ڦاسيون ۽ ڦنڌا،
مور نہ تن مورن ۾ مانجهين جي مٽ ڪا،
پسائي پنڌا، مون جها ڪئين موتيا.

ڪيلو ڏونگر ڏوريو، ڏکيو ڏکوين،
ڏرتيءَ جي ڏيان تي، ڪا جا ڪل پيين،
جلن ۾ جيئن، ڏسيو وارو ويسرا.

(۱۳)

پورهيت پير پدمر، جوئنو پيو سپ جڳ هي،
سندس دمر قدمر، آهي ڪارڻ ڪُل جو.

وڏا هاري وڙ، ساري هن سنسار تي،
حاتم ۽ سپڙ، تنهنجي اڳيان تر جيئن.

سنگ سنگ ڏيئي ساه، ڪري پر ڪوڙيون ڪرين،
تو نہ سريو گاه، آن ارهندن ميڙيو.

لوڪ سڄو ٿيو موڪ، تون هاري پڇين هرلا،
رت جي رُت نہ روڪ، تہ تون پڻ موجون ماڻيئين.

ڏينهن ڏينهن سارو ڏيهہ، تون ڪيئن رهين رات پر،
ڪٿي ڪارو ديهہ، ڪڏهن ڪوهہ نہ ڪڙمر مان.

ڏوري لهہ سو ڏينهن، جنهن پر رات ناڻو ناهي ڪو،
ناتو تنهن سان نينهن، ڏيئي رت رچاءِ تون.

ڪيرو ڪائي ڪريا، سمهڻ نہ ڏيئندئي سڪ سان،
ڪڻ اهيون، پڏ ڪوڙ ڪيون ويهہ نہ وڳ وريا.

چلا مَنگڻ چيڪ اڳ، پوندڻ پيير پريا،
سوئر سنگ چريا، تون سُتو ساهين هڏڙا.

اتي چڙو چاٽ، پڌ ڳُڙهہ تي ڪُڏٽان،
رکي ٽپ ٽارن جا، ويھہ جهلي تون وات،
تون خود آهين توبچي، ڪرڪُلهي ٽري نات،
گولي ٽٽي ڳوڳهات، جيئن پير نہ چوري پٽ تان.

ڪريو ڪو ڪونڊو، ڪڙمي ڪونڌر ڳڏجي،
سوئر سنگ چري ويا، پوءِ چٽيندا چونڊو،
پونڊي تي پونڊو، سدا سهندا سنڌ ۾.

رک، پنهنجي رک، واڙِي واڙي واڙسين،
جي پنيرَڪي پيلي ويا، بُک جو ٽيندين بَک،
پِتا ۽ پن ڪک، ساندي سدائين ساھہ سان.

جاڳيو سارو جڳ،تون سُتين سري ٻانهن ڏئي،
هاٿو رات هٽي ويا، واري ڪيئي وڳ،
اٿو ڦِرون اڳ، لوڙائن ڪي لنگهہ تان.

ڪتو آهي ڪٽر، جهيرن جهانگيٽڙن جي،
ڪارون بنگلا ڪرٽي ويا، هيٺن هڏا چم،
هاري اٿو هڪ ٽي، ڪريو هم نہ تم،
برسائي ڪي بم، وٺون واڳ وطن جي.

*لٽ تي ڏيئي لٽ، ڌاريں ڌڪي ڌار ڪر،
ويھ ﻧﻪ ھڪ پل ويسرو، وٽ ڪري وٽ وٽ،
تُرت ھڪالي تن جا، ھوڏ ڀڃي ڇڏ ھٽ،
ڪيھڙا ڪنديں ڪٽ، جي وڏا وڳ وري ويا!

جھوتون ڏين جھنگل، چورن رسا چيلھ تي،
ٻڌئون مينھن وڇ ٻڪري، ڳرڪائي سان ڳل،
پير لڪائي پُريا، ماري ويا منزل،
ڪڙون ڪڙي، ڪاھي پيئي، پويان پاڳين ڳھل،
جي، لڪائيون ڪنھن لال، ﺗﻪ پاڳين پُنگ پري ڏنو.

چور ﺑﻪ ڇٽا چار، پٽي پنجاھ سوءِ ملي،
پر نجي پڌرا ٿي پيا، پاڳين ڪٺي پرمار،
ٺاٺا پوليسون ٺرٺلو، سڪمون صوبيدار،
پنجاھ سوءِ مان ﻧﻪ پرچي، ھر ھڪ ڪان ھزار،
ونڊ سپ وھنوار، ويھي وڏيرو وچ ۾.

چور ﺑﻪ آھي زور، جي وڏيري وھاريا،
اشاري تي ان جي، ڪاھين ڍڳا ڍور،
اھي ڪتا ٻچ جا، وجھن جھانگين جھور،
اھڙا ﺑﻪ ٿي چور، ھر وڏيري ھٿ ۾...

ڪالڙيا ڌاڙيل، رسمي رساگير پيا،
بشني ٺڳ بدمعاشيون، اھي ننڊيا ڪيل،
وڏا ڪن سي ويل، جي صاحب ھن سنسار ۾.

هن جي پيٽ پلاھ، تون رُکيءَ تي راضي رهين،
سنگ سنگ ڏيئي ساھ، عيش ڪرائين اُن کي.

چيٽ اھڙي چمٽ، جيئن سَلا مورن سيرا،
پورو پاڻي پاڻ پريون، ڪهوٽ نہ ڪجئين گهٽ،
ويئي ڏرتيءَ وٽ، تہ سيڪندين سدا سنگ لئہ.

تڙ تان ڇورا تڙ، مي گورم ڪنهن جا ڳڏيا،
لوٽن لڳَ ليڙا ڪيا، ڏبي پيو ڏڙ،
مون پنهنجا ڪين پياريا، تون ڪرين ويرين تي پيو وڙ،
هڪل پيا هڙ، آتون پنهنجا پياري وٺان.

ڇوري ويا ڇَريءِ، سارا سيڙها سانگ جا،
ويئي پونءَ پڙيانگ تي، جا هميشہ هري،
تڙي ڪڍو تہ مان، نہ تہ ٿيندي ڳالهہ ڳري،
پٽو ماڳ مري، پر ڦر نہ ڦرڻ ڇڏيو.

مڙ ڏيئي ڪڍو مڙ، ڪا پونچاتيل پاسي نہ رهي،
ڪاٿي، ڪل سائي ڪدي، پوءِ نہ ڇڏيندي پڙ،
ٺلهہ تي ٿيندي ٺڙ، هي آهي ذات حرامڙي.

وڏيري جــو ويـر، قــائــم پنهـنـجي قــوم ســان،
ڏارين جا هن ڌرتيءَ تي پختا ڪن جي پير،
اهڙا پــاڙيــن پيرَ، ڏنــا سـون ڪـئـين ڏيهـ ۾.

ڌرتــيءَ جــا ڏاڙيــل، پــريــان ئــي ســي پــڌرا،
ور ور ڏيـئـي وانـگين ســان تــن وڏا ڪــيــا ويـل،
مانجهي ڪريو ميل، تـہ ڏاڍ لاهيون ڏيهـ تان.

چــاڙي، بــڪ لــبــاڙ، آهــي وڏيــري ورثـــو.
پنهنجي هٿي پنهنجي ڪٽي، پنهنجي وات ولاڙ،
جي سانگين سيني ساڙ، سي پڌڻ ڪان پرو چڙهي.

صبوح سانجهي شام، پيٽ بکيا ڪن پورهيو
بــکــهــڙ مــيــڙي بــپ ۾، هــٿــن روز حــرام،
اهو جي اسلام، تہ پيلي پنهنجي بس آ.

پــيــتــو رت پــورهــيــت، درنــدن دوکــو ڪــري،
آڙ ونــيــو اســلام حبــي، پـــاڻ بــچــائـــن پــت،
تن لـتـيرن لعنت، جن آهـي ڏيـهـ ڏڪـاريـو.

اوڏانهن اڏين نجهرا، جيـڏانـهـن وسـي وس،
وڏيرا هن وطن جا، ڪنهن پر سهن نـہ ڪس،
وارث والي قوم جا، هـنـي پُريـن ڪـان پـس،
ناهي سگـهـي بس، ڪـميڻن جي قـوم لـئـہ.

ويهه، وڏيرا ويهه، تو لئه ماڙي مالڪ موڪلي،
هارين مڪنين هر ۾ پيو بڪ جو ديهه،
تون اُڏا، عيش ڪر، تو، ڏي ڪمائي ڏيهه،
ڪاڻ تون ڪندين گيهه، اسين رڪي تي راضي رهون.

ڪارو هي قانون، جيئي ڪين نه جڳ ۾،
پيئي رت پورهيت جو، خوراڪ آهس خون،
هيٺن ان هٿيار سان، ڌاڙا گونان گون،
چوري ڪريو چُون، ملڪيت مالڪ موڪلي.

ڪاتا مڙ ڪاتا، ڪهڙا ڪاتا ڪوليان،
وزير ڪان سوار سڀ، پرڪيم پنج واتا،
سين جا اِن سودي ۾ نينهن پرِيا ناتا،
سيٺي ساڪاتا، ڏنا ڏيهه اکين سان.

ڦٻي تن کي ڦُر، سدائين سماج جي،
بيڪارن جا بُر، هاري پرين هٿ سان.

آهي ڪينسر قوم ۾، وڏيرڪو وجود،
ڪيا جنهن قوم جا نسل ڪئين نابود،
شاهد ۾ شهود، آهن هارين حالتون.

وڏو آهه وهم، وڏيرڪي وجود ۾،
ڏنگي ساري ڏيهه کي، تن سڪايو سائينهه،
منجهان گولپ گيهه، پيئو تو پورپون ڪري.

ڏينيو، ڏينيو ڏيهہ، چڪن چارئي ڏسيون،
ڇت، ڇپر، ڇڙيا وتن، ناهي ڇتن ڇيهہ،
ور ور پيري وهہ، ڪرڙيئون ساري قوم کي.

اصل آهني ڪرٽو انهيءَ جو علاج،
هر ڪا ٻي پوءِ هاج، سولي آهي سنڌ ۾.

اهي اٺ پڪي، نہ اڏار ۽ نہ ٻار جا،
انهن ڪارن ڳورن ڪان ڳولپ ڳپ مڪي،
انهن ڪا نہ ڇڪي، انبي آزاديءَ جي.

سمجهي رڙا راڄ، تہ ڪلوڙن ۾ قيد ڪيا،
ڪڳمارا ڪاهڙ ۾، تہ ڪاڏا ڪنين ڪاڄ،
پڪين پڪڙجي وينئي، وڏيرا تہ واڄ،
ڪنهن ڏينهن ڇني ڇاڄ، هاري حويلين هٿ ڪندا.

هتي لوڪ لنگهڻ، تون پٽ پٽين تان اچلين،
ڏيهي مرڻ ڏڪار ۾، تہ ڏاريان مڙهيا ڏڻ،
وڏيرا وڻ وڻ، واڪو تنهنجي وقت جو.

اٿيا افلاطون، هاڻ نہ بچندئي بنگلا،
ليڪو ليکي سان لهي، خون بدلو خون،
ڳڙيا ڳونا ڳون، هارين جهندا هٿ ۾.

ڳولپ ڪندي ڳذريون، تہ ڪي سن صديون،
اڃان ميٽيون ڪين ڪي، تنهنجي باب بديون،
تنهنجي منهن مديون، پاڪ وڏيرو پاپ ڪان.

سڪن ۽ سهڪن، ڪاڻاڻو ڪاهڻ سندا؛
ڏارين ڏاڙينلن، ڏوٿين ڏيل ڏنجها ڪيو.

ڏيٺي،ڏيٺي ڏڏا، ماريس مارو ماريا،
وتن پنهنجي وطن ۾، پاپاٺا پڏا،
لاڪٺين لڌا، آزاديءَ جا اولڙا.

ويرين واري ونگ، وڏا ويڙهيچن ڪي،
نه ڪا چون پچار تي، نه ڪنهن چوريو چنگ،
گهوٽي گهاٽي ينگ، ڪنهن پياري قوم ڪي.

ڏنم ڏيها ڏيهه، ڏوٿي ڏکن ڏبرا،
ڏارين ڏرتي تي ڪيو، ويهڻ ويچارن وهه،
گرگ پيٺن ڪيهه، ڏٽي ڏوڙن پڪليا.

جن نه پلجي جوءِ، سي به اسان تي آڪرا،
هتي هر ڪو جوءِ، هيرن ڪاٺيون هٿ مون.

اهڙن ساڻ اهجاڻ، ڏسان جڏهن ڏيهه ۾،
اندر منهنجو ائين جلي، جيئن باه پراٽي ياڻ،
چرون ڏيٺي جاڻ، منهنجو تن تپائيو.

چِتا ڪتا چيڪ، پُچرا وتن پونڪندا،
جنين وڏيرا قوم ۾، نالي نسندا نيڪ،
منهن سيبا ڏٽي ماڙهين ڪٽي ڏنشون ڪيڪ،
انهن ئي انيڪ، سوئر ساندَيا سنڌ ۾.

مارن منگيا مينهن، پر ڳڙن ڳوٺ ڳنگاليا،
ڏاڍا ڏکيا ڏينهن، آيا ابانن تي.

ٻڌڻي ڪيـن ٻـاولا، ڪـنجـو پـيـو ڳُـڙي،
جـتـو جـوانـن جـو، مـرڻ ڪـان نــ مُـڙي،
هـي راڪـنـا رت ڦـڙي، پـلـڻـو وڻـن پـاءِ سـان.

کـهوڳن کـهاڙيئين، جهنگ جنين جو ننـگ،
پاڻ متان پڌرو ڪرين، جوڻي تن سـان جـنـگ،
انگ انگ اندر انگ، هي بسرجنديئي سـڪيا.

سـنڌوءَ سدا سانديـا، سـوڍا پـٽ سـڌير،
انـدر ٻـاهـر اجـرا، اڇـا جـهـڙا ڪـيـر،
مٿن سان ما ڪيان منـا، ڪڙن لڻ وهـ ويـر،
پاڻ ئي ڌرتيءَ ڏير، پـاڻ ئـي ڌرتـيءَ جـا ڌڻي.

ڦورن هٿ ۾ ڦاند، ڌرتي ڏسي ڏک ڇڪـيـا،
جيڻن سُئي ميچي ڪاند، لڳي ڦٽڪي نہ مري.

جيڻن ڇوي ڇم ۾ ڇم، تيڻن ڪارا فرنگ سنڌ ۾،
ٻنهين ساڳيون ڪم، راتو ڏينهـان رت سيـن.

جلان ڏسـي جـلان، ڏاڙيـلا ڌرتـيءَ مـٿـي،
هـيڏي آهـي هلان، تہ بہ ڪاهڙ سڄو ڪونڪهرا.

ڌرتـيءَ مـٿـي ڏم، ڏاريـن ڏاڙيـلـن جـي،
اٿـئـي پـهـر انـدر ۾، غـلامـي جـا غـم،
صديـن ڪـان سـهـم، سـانـگـيـن سـٿـا سـنـڌ ۾.

سنڌ سڄي آ جيل، جڪڙ جِت ڪت جهانگيين،
وانگين مٽي تي ويل، چارِينَ چوڌاري ڪيا.

ٻرن ۽ ٻڙڪن، مارو هر ڪنهن منڊ ۾،
ڪوسيءَ منجهه ڪُپاٽيا، ٿڌيءَ منجهه ٿڙڪن،
ويڙهيچا وڙڪن، سدا گوندر گڏيا.

نيڻين نظارا، ڏنم ڏکوين جا،
سدا گڏيل گوندرين، مارو موچارا،
پسي انگ انهن جا، اٿن اوٻارا،
وانگي ويچارا، ڏاريان اچ ڏٺي ٿيا.

مون ڪان ٿا پڇو، ته ڪيئن تو جاتين جيل ۾،
جي سرٺان سور سرير ۾، ته ڪر ڪين ڪڇو،
لئون لئون هوند لُڇو، جي سمجهو سور سنڌوءَ جا.

مون ڪي مارن ماءُ، جهين آهي جهنجهوليو،
گهنگهر گهارين سهندي، گهاون مٿان گهاءُ،
جيئڻ جنين لاءِ، جهنم جهڙو جڳ ۾.

سنگهارن کي سيڪ، الا اچي مَ ڪڏهن،
بيدي ٿين بند هي، ڇُٽي رهن ڇيڪ،
هو تسورا نيڪ، ويساهه وِسهي وڪڙيا.

جبل جيڏا جل، جيڏا مون جگر ۾،
ڪريان وس وساڻ جا، پيٽان پرن پل،
گهوڙا هيڏي گهل، سر تي سانگيئڙن جي.

جنيڏا، جنيڏا ود، آهن مون اندر ۾،
شال نہ ڪنهن جي ڪد، اِيڏا هُون اڻ ميا.

پارڻ اٿين پرن، اندر منهنجي آڪرا،
جيئن باهہ جهوني جهنگ کي، لڳي سر سڙن،
پنيت ڪيو پڙڪن، سيني سور سنڌوءَ جا.

پرايس، پنهنجن، ڏنا سور سنڌوءَ کي،
چِڪن ڏسي چاڳلي، منهنجا چاڪ چڪن،
نڳن نڳيو نل تي، سدا سانگيئڙن،
وارو جي ورن، تہ هاٿو رهي نہ هڪڙو.

مگر منهنجي من، پرن ٽاندا پاپرا،
مون کي چاڻ چرون ڏنيون، سنڌوءَ جي سورن،
جيئڻ منجهہ جيلن، "منشي" وڏو مامرو.

پوڇيو پنوهر پوڇيان، جن سان جڙيو جيءُ،
ڪوسيون لُڪون قوم تي، پيا پارا سيءُ،
اڇي ويرين ور ۾، ويٺي وانگين ويءُ،
تن کي لڄ نہ ليهہ، جي ڏُڙا ڏاڙيلن سين.

هٿين هٿ ڪڙيون، منجهن اسٽيون سنگهرون،
آزاديءَ جي آسري، اتم جان جڙيون،
ڪنڌي رات رڙيون، جڏهن ايندو ڏينهن اهاءُ سان.

لڙهيون، اڄ لڙيون، ارتي سنديون اڪين مان،
ڦري ڦٽ ڦُٽي پيا، پسي قوم ڪڙيون،
ڏنم تن تڙيون، ته به روئڻ ڪانه رهي سکيون.

الا منهنجا انگ، ڏُٻن چو ڏرتيءَ متي،
سٽان سر وڃڻ جا، جوڏاري پيو چنگ،
سجوڏا وڏي جنگ، ڪڙڪي آئي ڪنڌ تي.

ڪتن ڪانٽي ڪل، ڪولين ڪاماِن ڪيٽن ڪچان،
ٻاهر ٻاٻاٽڻ تي، ڪڙا قيد ڪفل،
ڪُل ڪي ڪهڙي ڪَل، ٻنهين ٻارين ڇاپري.

وهڻ مون لئه وهه، سمهڻ هلڻ سور ٻئي،
جيئن سوراخون ٻهه، سينو تيئن سي سَل ٿيو.

نير وهائي نيڻ، ڦلٽانِ تي ڦاٽي پيا،
جيئن ڪر بتي ميڻ، پگهري پچاڙي ڪري.

جيجل مون جيءَ جل، ٻاڦون نڪرن ٻڙڪيو،
سورن تنهنجن سنڌڙي، سيني ڪيا سل،
جيئن پڪي اڌ ڪُنل، ڦاسي ڦٿڪي نہ مري.

سوين سنڌوءَ سور، ڏنا مون کي ڏيج ۾،
پارڻ پيا ضرور، ڪنهن پر ڪنڌ ڪڍائيان.

مٽيءَ سان مِٽي آهي جن ازل کان،
ڪن سِي ڪيئن ڪِٽي، ٻارن جيئان ٻار ٽي.

ڌرتيءَ سندي ڌوڙ، سرس مون لئہ سون کان،
پر کي ڇا پروڙ، مٽيءَ سندي مان جي.

سا مون ڌرتيءَ ڌڄ، مهڪ جنهن ۾ مشڪ جي،
مادر مٽيءَ اڄ، ڪيئن والاتون واسي ڇڏيون.

جيڪو جيجل ڏسيو، سو نہ پروڙيم پنڌ،
کهڙو ڪٽان ڪنڌ، مرڪي منهندان ماءُ جي.

نہ ڪانگي نہ وانگي، نہ وارُو ڪو ولهيءَ جو،
پٽڪو سٽان نہ پونءَ ۾، ستا سيِ سانگي،
جاڳيا جل جگر ۾، جيءَ گهمي جانگي،
ٻوليندڙ ٻانگي، ٻُوٽ ٻڌي ٻوڙا ٿيا.

ڪنن ڪپهہ اکين ڪوپا، ٻُوٽن ٻُوٽاڙا،
جهڙا ڪر اٺ جوڳ جا، سدا ستاڙا،
سيني ۾ ساڙا، پر ڪِيباٽين ڪچڻ ڪان.

سڪ منجهاران سڏ، ڪيم ڪونڌر قوم جا،
اچو ويهي ورهائيون، گُوندر سنڌو گڏ،
هڙيئي آهيون هڏ، جي ڳڌجون تہ ڪر ڳس ٽٽي.

جهانگيٽڙن جهيرون، جهرن جهجن منجهہ جهوپڙين،
متان 'منشي' سمجهين، تن جون تقصيرون،
ڪاساين هٿ ڪات تا وجهن تڪبيرون،
جنين جون ڏيرون، تن ٿي ڪٽو قوم ڪي.

ڇڪليون ڇڪي، ماڙهو لاهيو منهن تان،
ساٿي ساٿي سڏِ ڪي، ڪيسين سنڌ سڪي،
جو اندر ڇهڪ ڇڪي، سر وڏي وات وتاڙيو.

اندر آڪيڙا، پاٿي پيچ پريت جا،
لاهي سپ لِيڙا، اٿيا سي آجا ٿيا.

بڪ بڪ، بڪ نہ بڪ هتي راند آ رت جي،
جي وڙهين تان ويهہ ترن، نہ تہ ڪر نہ پِڻ ڪڪ،
نڪر وڏائي نڪ، تہ سڃاڻ سولو ٿئين.

سور سدائين سنڌ، سنا ڏارئين سڳ ۾،
سُڪائي ساٽا ڪياٖ، سورن جنهن جا سَنڌ،
ٻريو ٻڙڪيو، ٻاڦون ڪڍي هيٺي هرڪنهن هنڌ،
ڪڏهن ڪٽبندا ڪنڌ، ويرين مٿان واهرو.

ڏارين کي ڏوني، جنهن ڏنا سڄائي سانگ،
تن ٻيلي ڪيا ٻڙيانگ، ٻنڪا ٻيٽيون ٻاڳين.

ساڳي صورتحال سنڌ ۽ فلسطين جي،
ٽانڊي ڪٽنڌي بورچي، بنيا جيءَ جنجال،
وانگين تي وبال، پنهنجي پارين پريا.

سوگهي سنڌ سنگهر ۾، مارن تي مارون،
ٻُڌئي ڪين پيڙين ۾، ٻر ٻر ٻاڪارون،
ڪنل ڪُو ڪارون، پيئي ڪري پٽن ڪي.

سوگهي سنڌ سنگهر ۾ ڏکيا مٿس ڏينهن،
جالي جيجل جل ۾، سک اچي تو ڪيئن،
اُت نياء نينهن، سوڍا، سر ڏئي سنڌ تان.

رات ٻه ٻڌمر رڙ، سنڌوءَ سوڍن سڏ ڪيا،
ورو ڪري وڙ، چڪيا چاڙهين چور ٻيا.

سوگهي سنڌ سنگهر ۾، سرين ٽيٽڙا سال،
وڃي پيئي ويرين جي، ڏرتيءَ تي ڏمال،
چورا ڏيئي ڪو چال، امڙ ڪي آجي ڪريو.

سوگهي سنڌ سنگهر ۾، لڪين لڳن لوهه،
اٿي پنهنجي امڙ تان، ڌاهيو ڌوهين ڌوهه،
ڪنهن ڪي ڏينڊا ڏوهه، جي سڙي مٿي سنگهرين.

سوگهي سنڌ سنگهر ۾، پيڙين ۾ ٻڙڪي،
ڦورن ڦقڙ ڦٽيا، ڦٽڪي ۽ ڦڙڪي،
سورن ۾ سڙڪي، وارو ڪو ور ڪجا.

ڪيو سنڌ سنگهر مان، سورهيہ ٿي سچاڻ،
رکي سر سانداڻ، مترڪن کي مان ڏيو.

ڪيو سنڌ سنگهر مان، ڪٽي بم بندوق،
هر هنڌ پوي هوڪ، وونڪا اهنجي ويڙهہ جي.

ڪيو سنڌ سنگهر مان، ترت پڇي تاڙا،
وانگين جا واڙا، ايو نين اڪائيا.

ڪيو سنڌ سنگهر مان ڇڏيو تنڌ نياڳ،
ويرين هٿان واڳ، وٺو پاڻ وطن جي.

ڪيو سنڌ سنگهر مان، هٽي اڄ هوڪا،
ڏارين جا ڏوڪا، ڏرتيءَ تان ڏوئي ڇڏيو.

ڪيو سنڌ سنگهر مان ڇورا ڪٽي ڇيٽيون،
پنڪا ۽ پيٽيون پرم پاڳيٽڙن حبو.

لاهيو ڪٽي، لوهہ، ڪيو سنڌ سنگهر مان،
ڪري وارو ويرين تي، ڇورا ڇنڊيو ڇوهہ،
ڪنهن کي ڏيندا ڏوهہ، جي پير ڪڙيون پنجي ويون.

باغي ڪڻ بندوق، بم بہ پڏج بيت سان،
ويرين اهڙو واري ٽٽي، جو هرهنڌ پوي هوڪ،
مانجهي سو ملوڪ، جو سنگهرون لاهي سنڌ تان.

هل حلالي پُٽ، آهي ميران پور معرڪو،
آيا پٽ اکُٽ، سڏي سڏ سنڌو جا.

ڇَري اڄ ڇُري، ڏک سٺايا ڏيل جا،
حلالي هوڪا هٽي، ساڻي ٿيا سُري،
تن ڇڳيرن ڇُري، ڪنڌ قبولي پانهنجي.

ڇوري جنهن ڇاتي، پيتي پنهنجي ماءُ جي،
متي ڪنڌ ڪاتي، سوئي سهندو سنڌ لئہ.

ٺُڪي مادر ٿڃ، ڇُوپي ڇُسڪا ڇارجو،
مور نہ تنهن ڪي مڃ، جو ڪريو امڙ ڪير ڪان.

نئين نسل جا نينگرا ـ ڄامشوري پُل،
منهن ٽاندِاٺا موڪرا، ڳاڙها جهڙا گُل،
اصل سي بي مُل، آزاديءَ لئہ آتڙا.

نڌر نڌٽڪا نينگرا، وات اڇي ويا واڳهہ،
گهوري جنهن گهاڳهہ،ڳيت ڏيئي ڳڙڪائيا.

ٺـٺيـن ٺهي، ٺـڪـتـا ڦهـتـا، ڦـلـيـلـيءَ جـي ڦـات،
گهاڙيـتـو ۽ گهاٽ، جهڙا ڦـٽ هـڪ ڦـيءَ جـا.
ٺـڏر ٺـڏٺـڪـا نـيـنـگـرا، ڪـيـسـيـن ٺـڏٺـڪـا،
مـروڙي مـٺـڪـا، ڦـچـي ڇـٽـنـدا ڦـوٽ مـان.

ٺـڏر ٺـڏٺـڪـا نيـنـگـرا، مـٿـان جهـولا جهـڪ،
ڦـوري اٿـم ڦـڪ، جهـاڳـي ڇـڙهنـدا ڇهـريـون.

ڦونءَ ڦلاري ڦيٽ، ڇـڙهـيا جيـڪـي ڇـاهـ مـان،
تن جي رت رِجائيا، ڪٿين ڪيـٽـيـون ڪـيـٽ،
تـهـان ڦـوءَ ڪـٽـيـون ڇـيـٽ، آجـا ٿـيـا انهـن جـا.

نونڏيين ڇاڙهيا نينگرا، جنهن قوم ڦنهنجا ڪالهه،
اڇـو ڦـڇـون انـهــن ڪــان، آزادي احــوال،
لاٿـي ڦـيـڙ ڦـُريـن تـان، جـن ڏيـٺـي لـهـو لال،
اڻ ڳـڻ ڳـُـڻـن ڳـالـهـ، آهـي سـدا تـن جـي.

ڪويا تيـڻن منجهه ڪُوپ، جيـڻن ڦاڏا سانَ ڦڙ ڦر،
سوني روڦي رُوپ، منـهـن جـڻ ٺـانـدا ڦـاڦـرا.

جن جا ويا جنـگ، سي مـر مَـرڪـن مـاٺـرون،
تن جا منهن منجهه مارڪي، ڪڙهن ڪنهبي رنگ،
ڏيهه سڄي تـان ڏنـگ، جن ڏُور ڪرڻ لئه ڏوريـو.

اٿــي الله تــوهـــار، مـــتـــو آ مـيـدان اڄ،
مائن کيـئي مـوڪـليـا، ڪـوپـا پـٽ قـنـڌار،
آهي آزاديءَ جـو جـهـيڙو هـي جهـونجهـار،
سـنڌڙي جا سينگار، ڌرتي پرتي آهي تـو.

ڏيئي تـنـگ تـٽي، وجهـ، تـون سنج سنجاف تي،
هـاٿـو تـنـهـنجـي حـد ۾، آيـا هــوڏ هـٽـي،
ڌُر گـڏيـا اڄ ڌرتــيءَ تــي، ڌاريــان ۽ ڌٽــي،
تـجـئيـن پـيـر پـٽي، مـتـان ماءُ لڄائيين.

پـتـر تـو پـاليـم اصـل انــهـــيءَ آسـري،
اڇين شـال ڪُـڙم کـي، ڪِـلـي ويـلـي کـم،
جيسين پاڇـو پـر جو، جـاني موٽيـــن جـم،
متان سـنـڌ سـهـم، لاهـج رت جـي رانـد سـان.

وڙهـ ۽ تـون رڙهـ، جيسين سـگـهـ سـريـر ۾،
ساجهر کٽي سڙهـ، سـاندارو ڏي سير مان.

ڪارا فرنگ ڪڙڪيا ، متي ميائي،
پٽڪي ور پهچي وڃو، تي رت ڳهري راتي،
لوڙائن جي لشڪر ۾، گهوٽ وجهو گهاتي،
متان سياٽي، هوندئان ڳٽ ڳچيءَ ۾.

ڪپ ڪٽي تون ڪپ، جڙون جابر جڳ ۾ مان،
رتو تنهنجو رت پي، ساماٽا جي سپ،
ڏرتيءَ متان ڏپ، چڏ ڏوئي ڏاڙيلن جي.

اڏيا اڏوهي، ڪائي تو ڪوڪا ڪيا ،
تون تتر تي تنهن ڪي، چڏ ڌرتي تان ڌوئي،
ڪٽ نه چڏ ڪوئي، نسل نياڳيءَ جو.

هوندي پل نه پر، تڙڪو تيز اچ تڙ تي،
پچين ڪهڙا پاتني، چورا ايو چر،
تُرها تن ترڪ ڪٽا، جن جي جوش جگر،
پسي جر نه ڏر، هتڙيا ڪٽين هُن پار ويا.

هلو هلو جهوڪ، متو پيو ميدان آ،
نه ڪي رنڊ نه روڪ، جيڪو هٽي سو ڪٽي.

ڪنل ٽيو ڪَنا، اُهڪا ڏينهن اڳي اجان،
هي تان ڪوند حساب ۾، جي آن سهم سنا،
ٽيندو بت بنا، جي چورا رهيا چيڳرا.

جاڳي جڳ ۾ جيءَ، سُتن سَرين سنگھرون،
جُڳ جُڳ جيئڻ جنهن ۾، سو پيالو پيءُ،
تن کي لڄ نه ليهه، جن چين اندر چين ڪيو.

چين اندر چين، ڪيئن تو اچي ڪوٽ ۾،
ساهي ڪنڌ سڱين مان، سر ڏيڻ جي سين،
رت گهري ٿي رين، اچي ڏينهن اهاءَ لئه.

پري ڪان ڏس پڌري، پره ڪنئي باک،
ڏٺي ٿي ڏيهاين کي، سون ورني ساک،
اٿي اکين آک، سُتن سور پرائيا.

امڙ مسڪيون اڄ، گاڏيون پري گوندرين،
سهي ڪرت ڪنڌ تي، لوئي رکج لڄ،
واڄي وانگر وڄ، مات گهٽائي ماريا.

مات گهٽائي ماريا، متان ڪريين مات،
هاڻ هنيري ڏات، وانگي ويرين وات ۾.

ڪيندڙ قابو ڪاڻ، پر ڪيڻ نه ڇڏجئين ڪڏهن،
ڳهر ڳالهائو، ڳاهيا اڳي آهي اٽات،
سڪمان، سنوڻ ساٿ، سانگين لئه ساڳاهه تون.

ڪونڌر ڪيڄ نه ڪيڄ، پَس قوم ڪنڌ تي ڪاتيون،
پورهئي پيٽ پلا ڪيا، پير پري تن پُڄ،
لوهه لوسائيا لڱڙا، ساري لوئڙ لڄ،
ويري ولڻي مڄ، ڪوس وڏائون قوم ۾.

پوگ نہ پانئيو پاڳيا، ڌرتي ڏاج ڏٺي،
آنکي ننڊ نهوڙيو، آهي ڳهر گهٽي،
پر جي، پيرُ پٽي، سُيا تيندا سنڌ ۾.

پر پيا ڪن پر ۾، پنهنجا پڪا پير،
رکيو اڇن راڪن سان، من سدائين مير،
ساڳيان سستي ڏير، دوکو ڪندا دم ۾.

جي وڌ ين تان وڌ، هينئر جهنگ جهڪو اٿيئي،
ڪنُ ڪهاڙي ڪڇيءَ مان، ڪپي پارون ڪڍ،
ڏيئي هنئين ڏڍ، وينئين تان ور سٿين.

جان تو سريا سور، سيني سهہ سانگيين،
تان تان سهٽيون سوڙا، زنجيرون ضرور،
جيسنين نکري نور، سچ نٿون ڪو سنڌ تي.

سدا ڪج سچي، ڪوڙ مرض آ ڪوڙهہ جو،
چٽي سچ سوريءَ تي، نانگا چڙهہ نچي،
پکي پار پرينتڙي، ڪجنئين ڪين ڪچي،
راهو رنگ رچي، هل تہ هتِ هُت هڪ ٿئين.

هي تان ڏکن ڏک، سيج نہ آهي سک جي،
ساٿي پهرين سنڌ لئہ، سر ڏيڻ تون سک،
پوءِ وڏائي وک، وونڪا واهر ويڙهہ ڏي،

آزادي جي آس تون، رکين تان ڏي رت،
سودا سر تريءَ تي وڙڪائيندو وت،
پوري پارج پت، وارث دودي ديس جا.

سنڌوءَ ڪاڻ سنڌي، سڏون سودا چڙ تون،
ڏس نہ حوس ڏس پر، اصل جيئن انڌي،
ڪاهڙ جي ڪنڌي، سر ڏئي نينهن نياءُ تون،

سوڪڙي ڏي سر، سودا پت سنڌوءَ ڪي،
سانڍي سڏون ساهہ پر، هاريا ائين نہ هر،
منان سپ مکر، مار تہ ميزل ماٺيين،

ساٿي سڏن سنڌ، آجي ٿئي نہ آزارَ ڪان،
جيسين پنهنجي جند، گهوري نتا گهوريو.

ادا انقلابَ، آهي نہ ماڪي اڪَ جي،
ڳاڙهو رت آ ڳاڙهو، جهڙو گل گلاب،
جي اکين هارين آب، سي پڻ سکٽا سڏڙيا.

روئڻ ريت ڪريت، ڪوڻ ڪرن ڪم،
جگ پر تن جي جيت، جن جوڙي جنگ جبر سان.

وجي پيو وڏڏو، گهيرو تنهنجي گهر تي،
سلو سوڍا سور جو، سُتي تو سرندو،
وِپاتو ورندو، ٽڪر هٿي ٽوڙ تون.

مصلحت کي هڻ موچڙو، اٿل عزم ڏار،
سائي تند تنوار، جنهن سان جڳ جاڳي اٿي.

نينهن پري هي نيند، سچا ساٿي سنڌ جا،
ڳائي مارئي سيند، ڪنهن نه جڳ جاڳائيو.

قرين پري ڪوٽ، مانجهي منهنجي ملڪ جا،
جيڏا اچو جاڳائيون، منجهان ڳهرن ڳوٺ،
راڻا ڏرتي روٺ، ريج گهري تي رت جو.

ڪهڙيون قوم غلام جون، شان پريون شاديون،
جيسين هاٿن هٿ پر، وانگين جون واديون،
ادا آزاديون، ملن ميڙاڪن سان.

وڄاءِ واول، ڪڏ نه ڌُهل ڪنڌ مان،
مياڻي آهي، ملاڪڙو، مڙيا ڪيڻي مل،
جاڳاءِ ڏيهه ڏونڪا هٿي، جي لنگها تو پر لل،
در در جهول مَ جهل، هتي لِک آ لک، جي.

ڳڙاءِ گـــرنـــار، ڪـشــي وچــاءِ ڪـيـســنــرو،
راڙو رنـــگ مـــحـــل پر پڌجي جيئين پـيـهـــار،
جهونگار ائين جهونجهار، جيئن جهوٻا ڳڙهہ جهڪور جي.

ڦـڪـا پـسـي ڦـل، ڪـنـيـن ڇڏي ويا ڪـينـرا،
وٺي پـن پـاسـي ٿـيـا، پـيـٽ پـريـائـون پـل،
جيءَ جنـين جي جل، ڪـنـڌ ٽـنـين جي ڪـيـنـرا.

جهاڳي جهونو جهنگ، تڙي ڪڍي ڏيو توبچٿين،
باقي بلا نہ رهي، ڪو ننڍيو وڏو نِنگ،
ٿج نہ تازو تنگ، جاسين جُو جُو جوءِ ۾.

تنهن شڪاري شاباس، جنهن مهائي ماريا،
ڪجا ڪنڊ ڪڙڇ مان، نسل نهاري ناس،
وڃائي وماس، ڳڪرلي مار تہ ڳالهہ ٿئي.

جيئڻ گهربن جڳ ۾، گدڙ ٿي مَ گذار،
موٿون لوڙهون منڊڙا، ڪائي ٿي مَ خوار،
ڪر ڪو تازي ماس لئہ، شينهن ساڻ شڪار،
لڳي جي هڪوار، تہ تانگهہ نہ رهي تنوڻ جي.

ڪڻ هاٿيءَ ٿي هٿڙا، ماڪوڙيون مَ مارُ،
جوڪو جنهن مان جان جو، ساري سيي چمار،
آفت سا اجگار، مار تہ ماناتو ٿئين.

چڃَنو تو چِڃنو، ڪايا ڀڻ ڪِري پيا،
لاٽڻ سا ليٽي وينِي، جنهن تو ڏِٺو ڏنو،
ٻُندن ٻور ڪٽي وينِي، ٽوٽين پيءِ ڀنو،
ڪيسين ايءَ ڪنو، وڪندو واتورين تي.

چِنو چِڪي چِن، جو اڏريان ابتو اڏيو،
وڏو اڏ ويو واءِ ڪٽي، جنهن کي رسيا جن،
ڪِري ڪندو ڪِن، مٿان منڊ آ مينهن جي.

رڪي من ۾ مير، اڏيارن اُبتو اڏيو،
پاڻ پڌاري هليا، ويهي منجهه ڪا وير،
ٻوين هڪڙو پير، سري نہ چانو ڇپر جي.

تاڙِي اڄ تاڙي آهي موسم مينهن جي،
ٽاري ٽاري ٽپ ڏيو، ڪوڪي منجهہ ڪاڙهي،
رت تن رٺاڙي، جل جنين جي جيءَ ۾.

سِڪي ڪين سُڪي، راند ڪڏهن رت جي،
ڳَاڙهو جهندو سا ڪٽي، جنهن جو ڏيل ڏکي،
چڳن هٿ چُڪي، جي ملي تان مان لهي.

قبولين ڪڙيون جي غلامي جون جان تي،
اهڙيون بي وڙيون، ڪٽ نہ منهنجي ڪُڙمر،

اسين ڇُلون ڇيڪ، واڙ نہ منهنجي وطن ۾،
سِگر ڏيئي سيڪ، سيوين سِڪون لاهيون.

اڇا انهن آڇ، جي لنگوٽاڙي لوءِ ۾،
وڪري جن جي واڇ، ڏوٽين جي ڏتار تي،

هرهڪ ڏرتي ڏي، مارئي منهنجي ملڪ جي،
سهم سهندي سر تي، جالون مٽي جيءَ،
تاريليائي تي، اواٺان نہ اوجهري.

پيٺن مُکا ياءَ، سٽي سڏ سنڌوءَ جا،
پاڳهين جا وياءَ، مڙن ڪين مرڻ کان.

پڌو رکڙيون راک، پيئر پنهنجي پاٿرين،
سدا سنڌو ساک، آهي سوڍن سر سان.

اديون هي الان، لاشڪ اٿيا لاڙ کان،
پيئر نہ ٿي پلان، تہ نشين تهي پارڻ پاريا.

سنڌ سسئي جيئن سور، سٺا ڏارئين سگَ ۾،
باهيون ڏيئي پنهور کي، ڏير ويا ٿي ڏور،
پنهل ڪارڻ پور، پيئي پڇائي پب ۾.

مداريون مڏي تي، ڏسيو ملاحن مڏ،
روئن وينيون رت ڦڙا، گوندر جن سان گڏ،
ماٺيهر نہ کو مهراڻ ۾، نہ سانپوياڻن سڏ،
هيڻن چمر ۽ هڏ، آهن ويري وات ۾.

ڪيڏو ماري مڇ جو، پر تي آهي پنو،
پچو سب پيڙا ٿيّ، سندو ماريءَ مٺو،
سڪي ڊوڊي ڊنو، ڪڏهن ٿيندو ڪين ڪي.

ويچاريون واڻن تي، وهون وجهن واجهہ،
گهاتو گهڙيا تن تي، پاجهارا ڪج پاجهہ،
بحپائج بلا ڪان، جيڪي ويا جهاجهہ،
شل سي ساجهر ساجهہ، موٽن ميانڻن تي.

وڙهندي جي ويري سان، ويا ماري وات،
ڪونڌر هليا قوم لئہ، ڪنڌ قبولي ڪات،
وهون تن واڪا ڪري، رنيون ساري رات،
ماري ٿيندو مات، جي گهاتو گهٽا تي گهڙو.

ڪنڌي متي ڪامٽيون، چيرين چايون،
وير واهيري ورنڌا، انهن لئہ آيون،
جن جا پنهنجا پهريا، گهايل سي گهايون،
وينيون ڪن وايون، موٽن شل سي ماگ تي.

جڏهن اٺ اوٺڙ، تڏهن سوارن صحيح ڪينو،
نسل نياڳو پڌرو، جو ڪائي ڪين ڪيڙ،
تڙي مٿان تڙ، جتن ڪنڌيو جُوءِ مان.

چوڏس ملڪ چري، چانگيڙو جڏهن چهرو ٿيو،
آيو هڪ ڏينهن اوچتو، واپس وڳ وري،
ڪريل ٻچ ڪري، ويجي لڳو لوڙائن سان.

لڳي لوڙائن سان، ڏوڪ هيئين ڏڙا،
چيو سوارن سچ هو، هي پٽيندو پاڙا،
وانگين جا واڙا، هن ڏاکهي ڏسي ڏول ڪيا:

ڪڏي منجهان ڪمر، هاٺن هڪالي ڇڏيو،
ڪيڙ پيو ڪائڻ لڳو، غرق رهندي غمر،
جتن ڏسي جان تي، ظاهر ڪيئن زخمر،
پٽيون پڌائون پنيون، پيا ميي کي مرهيمر،
چانگهي هڏا چمر، جتن وري جياريا.

ساٺا هڏ سکها ڏسي، ٿا سوار سينگارين،
وڻيو ٿا ولات مان، چڻندن ول چارين،
ميي مصريون موڪ ٿا، پلپل پيارين،
واڳون جي وارين، تہ هلڻ سان هاڃا ڪري،

توڏي، سنڌي تيڪ جون، دانهون ديسا ديس،
جتن ڪئين جتن ڪري، وڏا ڪرايائون ويس،

جُهلون، جهومڪ، جهالرُون، پيا ڪڙن ڪٽا ڪيس،
ميي وڏي ميس، مٽريو ڏيهہ ڏسڻ لئہ.

پوڙهي سوار پڙتي، ٻيهر جهوريا چپ،
اچي تي هن اڻ مان مونکي، ڏاڙيلن جي ڏپ،
هي ذرکو ڪنلو ڏڻن سان، هن کي سمجهو سپ،
مٺان لاهيو ڊپ، هي پاليل آهي پر جو.

ٻُڏي اڻ ٻُڏي، ماٺهن ميچي ڪانہ ڪا،
ڏين ڏسيو ڏاکهي کي، وڏا واک وڏي،
چڙهي پهتو چوٽ تي، گونٺري گر ٻڏي،
ڪرهي دل ڪُڏي، ڏسي پوڙهو ياد پيو.

ڦاٽي ھرڪو چوڙ پوڙھو وڏو پارڪو،
ڏاريل ڏاڙيلن جو، سو ڪينئن ھتي ھوءِ،
وانگين واڪو ووءِ، تہ ڳوندرو ڳس ڇڏي ويو.

ڪيڏا ڪارا ڏينھن، قاتل آندئي قوم تي،
نانگا تنھنجو نينھن، ھو پاپي پنھنجي پيٽ سان.

تو تہ چيو ھو چنڊ، ڏينڊس ساري ڏيھہ کي،
ماندي منڊي منڊ، توتارا پڻ تمام ڪيا،

ماندي، منڊي، منڊ، تو قاتل ڪيڏو ڪيس ڪيو،
زھر ملائي، کنڊ، ڪاھڙ ڪي ڪارائي تو.

تو تہ چيو هو پاڪ، پاپي ڪندس پڪ مان،
پاپاڻن جا پاڪ، ڦورن پيٽان ڦاڙيا.

تو تہ چيو هو رنگ، ڏيندس نئون ڏيهہ کي،
واقع تنهنجا ونگ، سانگين لئہ ڪيئن سور ٿيا.

تو تہ چيو هو چنگ، سُرندا وڄندا سَچ جا،
دوکي جو ٿيو دنگ. ڪوڙ رسيو وڃي ڪورٽين!!

تو تہ چيو چرندا، بگهڙ ٻڪري پاڻ پر،
ماڻهو ايئن مرندا، ڪنهن نہ ڏٺا اڳ ڪڏهن.

تو تہ چيو هو حق، هرڪنهن پوندو هنج پر،
اڪر لئہ انصاف جي، چٺني ڏسيين چڪ،
ناهي پتو تو نِڪ، جو جيئرو آهين جڳ پر.

تو تہ چيو هو رڪ، روحان ڪُندس راڄ جي،
ليڪا ڏيئي لک، ماتم وڌتي ملڪ پر.

تو تو چيو هو جوء، جرڪائيندس جوت سان،
لچائيہ سا لوء، جو ڪاهڙ سڀ ڪامي هليو.

ڪاھوڙي

جي تو پائر پانشيا، سي ڏاريس جا ڏوڙي،
وھ انھن جي رات ۾، نانگ نہ پانءُ نوڙي،
ان ڪپر ڪاڏا، ڪيترا گرو، گاروڙي،
ڪو ڪپي ڪاھوڙي، جو چيلا گرو چٽ ڪري.

سانگ سڃوئي نانگ، ڪٽون ڪپر گھوڙيال ڪنين،
پر بچائيو پنھنجا، چوزا ڏيئي چلانگ،
ڏيھي ڪٽي ڏانگ، ماري ڪيو ملڪ مان.

ڪٽون، ڪپر، گھوڙيال، ڪارا پدم ڪيترا،
بي پيرا، بي وڙا، بي گرا بدچال،
چورا ڏيئي ڪو چال، ماري ڪيو ملڪ مان.

جھانگيين ھٿي جھٽ، سپن سوين ماريا،
بي گرا بي پيرا، اھي نانگ نپٽ،
جي ڪير پيارين ڪٽ، تہ بہ ڏنگڻ سندن ڏات ۾.

ڏاري مانجھي مور، نھو ڪيو نانگن سندو،
پيرين ننگا پنڌ ڪن، جھانگيين لھي جھور،
سندو زھر زور، سُتن سوايو ٿئي.

ڇنبي ڪين ڇپر، ڇوري ايي ڇر تي،
آهس ڪنهن ايندڙ جو، اوسيڙو اندر،
ور ولهيءَ جا ور، ڇڏ نه ڇوري ڇيڳري.

ور ري، هيڏا ويس، ڪوهه ڪياءِ ڪامڻي،
هو ڪو تنهنجي حسن جو آهي ديسان ديس،
مري ويندئي ميس، جي پنهنجن ڪان پري رهيين.

ارهه ائين نه ڪڍ، پائي ڪشيل ڪپڙا،
وجهين ٿي واٽهڙن کي، وک وک تي وڍ،
ڏاڏي پوٽن ڏڍ، ايندءِ ڪم ڏينهن ڪيترا.

اڌ اگهاڙا انگ، وڙڪين ويرين وچ ۾،
نانگي تنهنجو ننگ، ڪوهه ڇاٽا ڏينهن ڪيترا.

چهرو چوڏهين چنڊ، جوڀن پيو جمال،
چري تنهنجي چال، ڇُٽڪي ڪر ڪنهن ڇت ۾.

ڳُرڙ، ڳــولاڙا، ڳُگريــون، هينئڙي نت هُرن،
ساڏوهيَون، ساٿيهيليون، سدا ساه سـرن،
چولن چٽ چوڙيليون، منهـنـجي چـت چـرن،
پوئين پهر پُرن، ولر ڪـيـو واري مـٿـي.

ڪَلها بـار ڪچن تـي، پٽن پاس پٽن،
پُهــن سان پنوهـاريـون؛ پـهريـو پن چڙن،
سنتر آهي سندن، جهنگ ننگ جهانگيڙن جو.

جهل نہ وجهندو جهانگين، جهوڙو جهولو جهڪ،
وينـدا ڏينـهـن ڏکـن جا، پوري اِتـر پـڪ،
حقدارن کي حــق، سگها ملندا سومرا.

ڳج رسـول رنگ، جن تـي ٽانڪيل ٽـشـونر،
لاهين ٽليو ٽوليون ڪريو، مٽان ڪين ڪؤنر،
پـيـرا ڏيـو پنـشونر، وٺن واس انهـن مـان.

واءُ پپر پن لوڏيا، سرجي نڪتا سُر،
ڪر، ڪائي چوڙيون ڪاٽي، چوريون ڪري چَر،
انگ انگ منجهان اُر، لحظي ۾ لهيو وجي.

پتارن سان پاڪرين، پني پيچ پُٽڪ،
جهونگارون ۾ جُهمريون، جهوپن منجهه جهٽڪ،
ڪونجن جيئن ڪُٽڪ، سدا تن جي سومرا.

ساجهر سائيڪن تي، ڪيا ساهيڙين سڏ،
ست جنين جنو سومرا، مال آهي مڏ،
مون سان گوندر گڏ، آئون بي ڏوهياٽي بند ۾.

رات گـذاريم ريءَ تـو، روئـي روئـي رت،
ساجن، تنهنجي سور ۾، سنڌ ڇڏي ويا ست،
جيءَ جدائي جهوريو، موڙهي ويئي مت،
عـجيـبـا ارواح کـي، اچـي ڏيـو آتـت،
پرين پاريو پت، تہ اگهائيان آجو تيان.

ديهن جيئن ديواريون، اپيون انبر لگ،
جـــدائي جي جـل ۾، جگـر ڏوڏا ڏگ،
پاسي ڏيئي پگ، جي لنگهيا سي لهسيا.

ڏيل ڏٺي ٿي ڏنپ، بند ۾ مند بهار جي،
جيئن ڪو ڪُهيل ڪنپ، پکي ڦٽڪي پڃري.

موٽي مند ملڻ جي، پيرين جهليا پير،
سوگها سڄڻ سنگهرين، هٿ ڪارايون پير،
توريءَ چاڙي ڪير، حال منهنجي هينئڙي.

پکل پيرون ڏُوڻ سان، جيئن ڇڳين مان ڇٽن،
آهي اکڙين، ساڳين ريت روئڻ جي.

نکون نيڻن اٿين پريون، جيئن ساوڻ پاڻي موڪ،
نه ڪا رنڊ نه روڪ، جيئن گهارو ٻچا بند ڪي.

پاڻي وهي پورو ٽپو، هاڻي روئڻ رت،
اکڙيون عادت، مور مٽائڻ ڪين ڪي.

پوربندي نه پوريون، ڇنيڻ ڇڏيائون،
ڪا چس چکيائون، جيئن ٻئي ڏسڻ ڏمريون.

هيئن اکين پاڻ ۾، پاروتان پنڌڻ،
ڪارڻ تن ڇنڻ، مون هڪ به هلي ڪانه ڪا.

جيئن ڪو ڇپر پير ۾، ڦاسي ڦٽڪي نانگ،
هيئڙي ساڳيون سانگ، آهي آزاديءَ لڻ.

ڪوڙڪي ڪمانبن، جيئن ٿاسي جيئي جا نار،
پريم، ساڳئي پار، ماڃو منهنجي هينئڙي.

جسم منهنجو جيل ير، هيئون توسان هڪ،
پلجي ڪين پلئ سان، ڪا جا پتينين پِڪ،
نت سوائي سِڪ، رُڪ نه روڪي سگهيو.

جيئن جيئن, سڄڻ سارِيان، تيئن تيئن تپي تپ،
اندر اڏمان عشق جا، پر گناهہ چورڻ چپ،
سيني پالا سامهان، ڪاتيون ۽ پيا ڪپ،
سڄڻ سانديل سپ، ڏنگين ساري ڏيل کي.

پاتاڙيو پنڌڻ ۾، رهي رڪ نہ روڪ،
وساري ويهي رهيو، هيڏو پريو لوڪ،
سڪي ٿيو سوڪ، پر پي چڪ چمي ڪين کي.

ساجن منهنجي ساهہ ۾، سارو ڏينهن سُرين،
پلپل پليندي پرين، چِتان ڪَين چرين
هيئن اٿين هرين، جيئن چولين ساٿ سمونڊ سين.

ساجن منهنجي ساهہ کان، پري ناهين پل،
اندر وراڪيل اٿين تون، جيئن وڻ ويڙهي ول،
جيل جدائي جل، جُسي ۾ جاڳائيا.

هيئنڙو رات حبيب ڏي، ويو چوڪيءَ مان چوري،
ماڙهُو مـنـي تـنـد ۾، هـن هيـئين هوري،
لڳيس ڪا لوڙي، جو سوگهو رهي نہ سنگهرين.

بدن بندن بند، قلب ڪوٺشان ڪات تيو،
جتي سهڙن سپريس، هيئون انهيءَ هنڌ،
ماکيان مٺو منڌ، ڪو پيتئين جو پهريو وجي.

پرين پياري پِڪ ڪا، جو گهاري هت نہ گهڙي،
جسو جنجيرن ۾، سارو ويو سڙي،
روئي روح رڙي، هليو هوتن ڏي وجي.

قلب ڪوٺشان ڪات، رهي نہ مون وٽ رَاتڙي،
قتڙاليو قندن مان، قڙڪيو ڪائي قات،
ڪا چڪي آهس چاٽ، محبن سندي مڌ مان.

هتين هت ڪڙيون هٿان، پيرين پيئنڊ وجهان،
مون ڪان تن منجهان، چرڪيو چنايو وجي.

راڪا رکيم تي، تہ روڪين راهہ رڙهڻ ڪان،
سور پسنديئي سي، ڪليئون هٿ هيئين منجهان.

جيئن ڪونجن ڪُٽڪ روهہ ڏي، تيئن هيئن ۾ هورو،
مون تي مون پريٽن جو، تورو نہ تورو،
ناحق نسورو جدا رهڻ جندڙي.

کائين ڪوري وانگيان، ڪولين منجهه ڪٽا،
سُري سنٺين سرير ۾، ٽيا سور سٽا،
جيڪر لوهه لٽا، ته ساڄن ساعت نه رهان.

جاڙيون پٽيون جيل جون، چوڌاري چوڪيون،
راهون جن روڪيون، ويڇڙيل جي وصال جون.

جاڙيون پٽيون جيل جون، ڪامان ڪولين منجهه،
مارين ڦٽ فراق جا، ڏيٺي ڏيٺي ڏنجهه،
واءُ سٽائي ونجهه، محب ميڙائي موڙيو.

لالڻ لوهي در، ۽ پوليسون پهرا،
جيل منهنجي جيءَ ڪي، گهاءُ ڏنا گهرا،
لهرن تي لهرا، اُڏامن آڏيءَ تنهنجا.

جاڙيون پٽيون جيل جون، پيني ساڻ پٽر،
گورا اڏي ڪارن ڪي، ويا ڏئي ڦلنگي ڦر،
آزاديءَ ڪي آڏيون ديواريون دلبر،
جاني هي هيڪر، جهرن ته جهوليءَ ۾ هجان.

پاٿي ڪرنديون ڪين ڪي، ٽٽنديون ٽوڙڻ ساڻ،
تيشي، تيشي ٽو ڏسان آهي هٿ هٿ هاڻ،
مڪر جو ماندڻ، چاڻ ته ڏهي ڍير ٿيو.

ڏٺو ڪي ڏٺو، چوڌاري چوپول،
صدين سڙيل سماج آ، ڪيڏو قوم سٺو،
ڪل ٿي زور ڪٺو، جي لاهيو ته لت ٿي نه جهلي.

جاني وڃ مَ جنگ "انڪساري"

جاني وڃ م جنگ ڏيئي ورهه ورهن جا،
آس نہ لاٿي مون اڃان، ڇوري چاهت چنگ،
تون ٿي نانڪيءَ، ننگ ، تون اڄهو تون اولڙو.

مٺا منت مڃ، رهي پئو اڄ راتڙي،
ڏيئي ڦٽ فراق جا، وونڪا ويڙهه م وڃ،
پورا ڪٿي پڄ، جو عهد آرڻ جو ڪيئي.

نہ ڪي ڪهنبي ڪُنپ ويو، نہ ڇولي لٿا ڇٽَ،
ڏيئي سورن سٽ، وڃ ڪانڌم ڪسڻ ڪُوپ ڏي.

سمنڊ جيڏي سڪ مان، ٻول نہ پيتم ٻُڪ،
رهي پيار پرهه جا، ٻکهڻ ٻہ ٿي ٻُڪ،
اڱيان راند آ رُڪ، جتان مولڻ مس ٿئي.

وڃهي ڳل ڳرات، سڪ نہ لاٿم سورما،
ڇيري ڏيئي ڇرات، مون ڪان وڃ مَ پرين.

منديءَ رتا هٿڙا، ڇاتيءَ تي ڦيريان،
چرخو چاهت ڇڙ جو، پيچ پننيءَ پيريان،
ساجن تو سيريان، پوئين رات پاڇ ڏي.

جيڪا ڇُشڪي ڇاش جي، ڇَڪائي ڇڇن،
ماڪيان مٿي مٿاس ۾، ۽ مٽني مٿاين،
مرڻ تائين من، مور نه وسري ميٺ سو.

ڄُري جيئن ڄانهين ڪي، ڄڀرا ڏيو ڄاڻي،
تيئن، دل ساري تو پرين، ڦارون ٿيو ڦاٽي،
ڦيدن ۾ ڪاٽي، ڏاڍا ڏکيا ڏينهڙا.

سر مارئي

عمر آرهڙ ڏينهڙا، جڏهن زور تپن،
وانگي وٽن چانوءِ ۾، لُڪن ڪان لڪن،
مٿان مينهن وسن، ته گوندر وڃن گذريو.

عمرَ آيا ڪيترا تو جيئان جابر جوءِ،
ڏينهن ڏيکاري ڏاڍ جو، هليا ويا هوءِ،
سانگي ساڃيا سيم ۾ ٻُرن ناهي بوءِ،
سانگين اها سوءِ، جيئن ڪنڌ جهڪائين ڪين ڪي.

مون کي سڳهندو ڪين ڪي، روڪي تنهنجو رُڪ،
سانگي تنهنجون سنگهرون، ينجي ڪندا پُڪ،
پٺي هيٺ گذي ٻُڪ، ڪنيم لاکيٽي لغ لٺ.

رهجي اچي شال، ساک منهنجي سرنئين،
سَتيءِ جو سوال، پرور شل پورو ڪري.

سُتي سُيم سومرا، پوٹيندئن پٽڪات،
پهريا جي پَهُن سين، ڳيرو ڪٽي ڳات،
چانگان چڄي تي ڪريان، ڪوٽن ۾ ڪُوڪات،
ويٺي ڏسان وات، وانگين جي ورڻ جي.

اجان انگ انگ مان اچي، مون کي چيلن چٽ،
ڏارايم تي ڏونٺرڙا، وجهي ٻانهن وٽ،

كٽي آئين كوهہ تان، هٽي جهانگياڻي جهٽ،
انڊا، اک اُپٽ، ڪِيو ڪيڏو ڪيس تو.

متان سمجهين سومرا، تو ڪا ڦٻندي ڦُر،
چوڙيلين جي چُر، جن ڪٽي سي جوکي پيا.

ڪَهُوءَ ڳن ڪهاڙين، مٿن پتل پٽ،
وجهيو چپ وات ۾، سڏيون ڪن سُوسَٽ،
ٻالي، ڏٽي ڀٽ، وير وسارين ڪين ڪي.

آيا ڪي آيا، ڪاهي تنهنجي ڪوٽ تي،
عمر تنهنجو انڊ ڏسي، تن تنين تايا،
ننگن جهنگن سر ڏين، چارين جا چايا،
مايا، تو ڇايا، جهل نہ وجهندي جهانگين.

مون ستيءَ جي ست جي، پنهوارن ڪي پڪ،
ويهي تنهنجي ڪوٽ ۾، ڪينڻ ونڊايان نڪ،
مور ميڃنديس ڪين ڪي، جي چيري ڏئين چهڪ،
ٿاريلياڻي ٽَڪ، لوءِ لاهيندي سومرا.

ڏينهن پهر هي ڏک جو، مون تي مهينوماس،
ڪونڌر ڪيري ڪوٽ سپ، نيڻ ڪندا ناس،
آجي ڪندا آجڙي، اهڙي اٿم آس،
وڃي وٺنديس واس، وانگين ساڻ وطن ۾

ساهہ مٿي ويساهہ، سدا ڪهڙو سومرا،
مور نہ مرندي مارئي، مرندو هڏ ۽ ماهہ،
سچ تہ ويندو ساهہ، پر لڄ بچندي لک جي.

مُٺي پچاڻا سومرا، هي جا مٽيءَ مُٺ،
ڏري ڏوراڻن ۾، مٽان ڪرين جُٺ،
مٽي بڻين ٻُٺ، سونهندي منهنجي سومرا.

ميان آئون ملير جي، آهيان مٽيءَ مُٺ،
جنهن ۾ سڳند ست جي، آهي اڳ ۽ پُٺ،
جُڻيرين سان جُٺ، عمر سونهي اهڙي.

ستيون جڏهن ست جون، ڳاهون ويهي ڳائين،
جهر جهنگ پائن جهمريون، جُهلون جُهومائين،
نچيو، نچائين، وڻ ٽڻ، وليون، ويڙهه جا.

ڏيڍ يون ڏوراڇيون لڳن، جهنگ اسان جو ننگ،
وجهه نه ميان ماڙيين، وانگياڻي ڪي ونگ،
وس پچاڻا، ويڙهه ۾، رچيو وچن رنگ،
ڏاڍا لڳن ڏنگ، مارن بنا ماڙيين.

ست سواء سومرا، جيئڻ وڏي جاڙ،
ڏوتين ڏوراڻن ۾، تو جا ڏاري ڏاڙ،
تن تي تنهنجي ياڙ، آهي اجائي سومرا.

سنت سنگهارين سومرا، ڏنو ساري ڏيهه،
لڄ بنا لوئڙ ۾، ڪايو مرن ويهه،
سندو چورين چيهه، آهي سدا ست سين.

جنهن ڏِس ست نہ سومرا، سا ڏِس نہ مونکي ڏسِ،
اڇي نہ ونگيءَ واٽ تان، چوڙيلين کي چس،
اهڙا گَـتا گـس، پنهنجين کي پڙهاءِ تون.

ڪيئن آئون پيئت تي، ڪيئن منهنجي پيت،
سڏجان تو سُريت، تنهن کان وهہ کائي مران.

ڪهڙن هيٺان ڪيت سان، ڪيو سانگين منهنجو سنگُ،
مرندي تاءِ منگَ، آهيان مارو مير جي.

مُن هيٺان نينگريون، همرچي هاڪار،
ڳايو سٽائن ڳوٺ کي، ستين سماچار،
تنين جي تنوار، ڪَن تي پيم ڪوٽ ۾.

ميريون مارن ڪاڻ، عمر: تنهنجون اکيون،
اُنِ ۾ لڳندا اوچتا، پاپاٽن جا پاڻ،
گهوٽي ڪيندا گهاڻ، جي اٿيا، اوهيرا ڪري.

وانگين ڪان ورندي، ڪالهہ مليم ڪوٽ ۾،
مور نہ تو کي مارئي، ست سواءِ سرندي،
متي نج مليرجي، ڪيران نہ ڪرندي،
مارئي، تہ مرندي، پر لڄ بچندي لوءِ جي.

ڏنارن جون ڏينٽڙيون، ڏوراٿي نہ ڏوئن،
ستيون سهاڳن سان، ساٿيھ منجهہ سونهن،
مارئي مارُوئڙن متان منهن ميرو ڪرين.

پليتي سان پائر ۾، جي کو پاتڻ پير،
ڪارا ڪپڙ ڏيهه جا، ڪلندا پيا ڪير،
متي وجهي مير، موتڻ کان مهندئي مرين.

ميري تي ملير ڏي، جيڪر ڪثان منهن،
تنهن کان نڙيءَ نهن، پنهنجو ڏيئي پاڻ مران.

ميري منهن ملير ۾، جيئڻ ناهي ميان،
حشر حويلين جا ڏسي، هَڇيو وڃن هينئان،
پلر، پدمثين سان، پاتي پاڪ پيئان،
اتمڙ ڪن ڪيئان، تہ ڪچو ڪن مرَ جيڏيون.

آئون پنهنجا انگ، آڇيان ڪيئن عمر کي،
مون ۾ آهي پُرين جي، ناريں سندو ننگ،
جهانگي زهن جهنگ، آئون ڪلي چڙهان ڪيئن ڪٽ تي.

ڪلي چڙهان ڪٽ تي، تنهن کان زهر پيئان،
جيسين، تائين جيئان، آئون اباڻن آسري.

سَنڌَ سَنڌَ سوڳهيون سنگهريون، ڪاراين ڪڙيون،
اُتي ڪارڻ اڪڙيون، ابر منجهه اڙيون،
راتو ڏينهن رڙيون، منهنجيون ماروئڙن لئہ.

وٽي مينهن مور، جٿن ڪنيپيون اپرن ڪاهڙ ۾،
ائين اباٿا اتيا، چڏي نند اگهور،
چوندي مارو چٽ ڪندا، چٽين ڏسين چور،
پيچي ڪندا پور، ڦهري ڪوٽن ڪُنگرا.

نه پُوهه نه پانهاريون، نه تن ڪانبا ڪنڌ،
وسي واري وطن ۾، پيٺي هر ڪنهن هنڌ،
ڏونٺرن، ڪالونبن جا، سڪن ساريو سَنڌ،
ٿئي سيم سڳنڌ، جي وَسي پوي وڏ ڦڙو.

ڏاڍا ڏوٿي ڏک ۾، جن جا جهڳا جهڻ،
هيڏو آڳم اپ ۾، ڪٽ نه وٺي ڪڻ،
پٽون سي پڙپانگ ٿيون، ويا سُڪي وڻ،
ڪنوڻ اکيون ڪڻ، مارو موٽن منهن ۾.

مرن ماروءَ مال، سڄ وسي پيٺي سيم ۾،
ڪيڏو قحط قوم تي، هر هڪ جٽيءَ جنجال،
وٺي بنا وڏ ڦڙي، هيٺان تن جا حال،
رڳو موت مقال، آهي مارن منهن ۾.

آهي مارن منهن ۾، وٺي جي وائي،
رُون، رٽن ۾ روجهڙيون، تي هرڻ سان هائي،
ڏسجي نٿي ڏيهه ۾، ساڏوهي، سائي،
وٺي، واڏائي، ڪڏهن ملندم قيد ۾.

پِپُون، پيرون، پُسيون، جتي پوچ پچن،
اتي اڄ وڻن جا، پيلا سنڪل پن،
اندر تن جا اڄ پر، ڪوري جيئن ڪامن،
والي مينهن وسن، ته ٽلي ويس وڻن کي.

بنجن باغ ٻنيون، وٺي پنيان ويڙهه پر،
پسيو ويس ولين جا، پرچيو، وڃن رنيون،
مرڪيون، من منيون، جن وڇوڙا ورهن جا.

آيا اتي ڏينهن، سانگين ٿمر سيريا،
وڃن چاڻ وسائيا، ميڙائي جا مينهن،
آئون ويهان ڪيئن، ابر لاهي آسرو.

عمر اپ پر اڄ، ڏٿر ويس وسڻ جا،
وسي، ولهارن تي، ڏوئي لاهيندو ڏڄ،
لهندا ڏکر ڏيهه تان، ٿيندا سي سهڄ،
سندي، لوئي لڄ، ڪٽي شل ڪاهڻ وڃان.

آڙنگ، ڏسيو اپ پر، نڪرن نيساسا،
جيڪر وسي وس ڪري، ٿين ڪٽي مان ڪاسا،
ولاتن تي پيو وسي، هت پنوهر پياسا،
چڱا چوماسا، والي وار وطن تي.

پهرين رنگي روس ڪي، پوءِ چين ڏنائون چس،
وسي ويتنام تي، وڃن ڪيا وس،
چلي، مٿان چمڪيون، لاٿئون ڪوريا تان ڪس،
اٿم آس اوس، ته وسنديون مون به وطن تي.

پورين پٽن اوڏيا، وٺي ساوا ويس،
ڏونئرا پچي ڏيهہ ۾، پيا ديسان ديس،
ڪري لال لبيس، چوڙيلين جي چونڊيا.

(موسمي)

سر سجاڳائي سُر، واڳون ويهه وندر ۾،
ڪوڪ ڪناني سسئي، پنهون پڙاڏي ۾ُ،
ڏوهياڻي ڪيئن ڏر، رَسڻ ڪان رهجي ويون.

واڳون وڻن واريون، جن ۾ ور، وڪڙ،
اسونهيون الڙ، لڪيلڪ لڳي مُيون.

واڳون وڻن واريون، واڳن وڏا وٽ،
ڪُهيلياڻيون ڪنين ٿيون، ڪانڌاڻ اوري ڪٽ،
سوين ڏيئي سٽ، وڄ وسامي ويئيون.

جان، وڃي تان وڃ، ڏک نه سٺاءِ ڏيهه ڪي،
پوري پرم پنيور جو، پٽڪي تون م پنج،
"منشي" چوڻ مڃَ، سونهي ٿيندئي سک تو.

وڃڻ، ويهڻ پاڻ ۾، ٿيهيا نه ٿهندا،
لپ جهپ، لپ جهپ، جيڙا، لالڻ ڪيئن؟ لهندا،
ٻهنڌڙ پيا ٻهندا، ويندڙ ويندائي رهيا.

اڻي لڪ لتوڙ، جي اٿئي سک سڄڻ جي،
هڪ دل ڪر تون هينئڙو، ٻن ٻيائي ٻوڙ،
توڙ رسڻ لئه ڊوڙ، ويئيون ور وڃائيا.

پرٽو پنھون ڪوھ ڪيٿي جي سھڻ نہ سورن سگھہ،
سڀجي صرافان سون جو، اڇيو پڇين اگھہ،
جڻن ٻاڙو ٻولي ٻکھہ، ھٿي، ھار ھنجن سيتن.

پيستر يـاڙي پنيـور ۾، پوري، تني پٽيـن،
اوڳٽـا، جن ڪـڍي، ڳڏيـو سـاڻ ڳٽيـن،
پنھون، پارس، پدمڻي، ڪٽھ پيـو ڪٽيـن،
سڏڙا تنھنجي سـاٿ جا، سسئي جي سٽين،
چتـون، ٿي چٽيـن، تہ ڪـر پٽر پـپ جـا.

سپ انگ سوکھا سنگھرين، ڪيچي جنھن ڪڙي،
سا تينئن سياڙ سڙي، جيئن اتر ڪاٺو اڪ تـان،

سَسُئي، سيسي سانديـن، پنھـون پچائيـن،
جي انھن مان آھيـن، تہ ڇڏ نہ پرينيور جي.

موڪي

تو ڪيٽ ڪالهہ ڪلال، ڪڍيو هڪالي هٽ مان،
اچيو روز اڏار لئہ، ڪرين سَوَ سوال،
شرم اچيئي شال، جو اهڙي عادت مٽيين.

پنهنجي ناٽي پيءُ، تہ نشا چڙهن نيڻهن جا،
اوباري ۾ اکيون، سگهٽي جهيءُ نہ جيءُ،
لڳ نہ تو کي ليءُ جو، ڇڙيون جهلين ڇيڪرا.

وٽ نہ ولاتي، ديسي دارون، دنگ پريا،
ڍڪ، ڍڪ جنهن جو ڍول اٿيئي، تون کل نہ پي پاتي،
اوتيندي آتي، ديسي ڪارڻ دل ٽيٽي.

مٽ کان منهن نہ مٽ، پيءُ تہ پاٽياٽو ٽيٽين،
ڳهيلا ڪڏ ڳچيءُ مان، ڳرو لاهي ڳٽ،
جهٽ هٽي تون جهٽ، ترا ڪڍ ٽڪون ڏيٽي.

مو ڪيس تنهن موڪي، جو ڍُڪ پياريٽي ڍَڪ ۾،
گهوڙا گهڙي اهڙي، اچڻ آ اوڪي،
اها انوڪي، ساريو جيئان جڳ ۾.

موڪي ڪولي مٽ تو، پرهہ پياريو پاءُ،
پُرين جا پڙلاءُ، سريا مون تنهن سرڪ مان.

موکي پري مٽ مان، پياري جي پيالي،
هوند، تہ حلالي، گهر ري گهوريں جندڙا.

پاڻ ڀاڄهائي ڀڪ، موکي، پري مٽ ماڻ،
ڍکيءَ ڀياري ڍڪ، مون کي موکيءَ موکيو.

موکي، تنهنجي مڏ ۾، جا هئي جوت جيئڻ،
تنهن مان ڀِڪ پيئڻ، مون تن توانو کيو.

موکي هٽ ميندي رتا، جنهن ۾ ڪائي گلاس،
ويتر مون وڏي ويئي، تکون ڏيندي تاس،
پيئندي پيئندي پياس، موکي، انوکي ٿئي.

مرکي موکي جا ڏني، پرهہ پيالي،
ڏني سرڪ سرير کي، تنهن سونهن بہ سنوالي،
چڻ ڪنهن اڀالي، پرهڻ پاتا پٽ جا.

ماڳ متارن ڇڏيا، آين ٻڌيندن ٻوء،
هڙيئي چڙي هوءَ، مرندا پاس مٽن جي.

ماڳ متارن ڇڏيا، آين ٻوء ٻڌي،
پساهہ تائين پئي، چڙڻ متارن ميهڻون.

ڍڪ پياري ڍکيءَ ۾، موڪي ڇڏ موکي،
طمع جي تو کي، تہ سسي سئو پيرا ڏيان.

وجهي وِهه وَلِيءَ ۾، مون کي ڏي موکي،
سکر ٿِني سوکي، سرکي اي سکرات ۾.

ڪڙو ڏي ڪلال، مِٺو، مِٺو ٻانٺيان،
جلال ۽ جمال، ٻنهي ڪَڙي ۾ ڪڙيا.

ٻنيرکي کان ٻيڙ، موکي اڄ مٺن تي،
نہ تون سرکي سيڙ، سِهپ نہ منهنجي ساهہ ۾.

ڏسي وهہ کي ڏڪٿي، وٺي جن ويٺي،
سِڏون ڪن سيٺي، اڇيو ڪيٺن شراب جون.

وهہ وٺندي هٿ ۾، ڏکي جن جو ڏيل،
سانڍي دل دليل، مورک پُڇن مڌ ڇو.

پيٺي ۽ جيٺي، سو نہ موکي مَڌ،
پهرين ڪاڻ ڪنڌ، پوءِ سُرڪ سَري سندي.

خطرا، خوف، خيال، پيڻ جنهن پورا ڪيا،
ڀاڻ ڀلاٺي ڀال، موکي موکيٺي مڌ سان.

راتِ پلي تون روڪ، سوين وجهي سنگهرون،
ڏينهن وڃائي ڏوڪ، اَچي پيو اڻ پليو.

تپي، تپي ڏينهن، آخر تپنديون ڪيترو،
گرميون سرديون سي سهن، جن ڌرتي ناتوُ نينهن،
نيٺ تہ وسندا مينهن، ڌرتي ويندي ڌوپجي.

ڌرتي ڌوئڻ ري نہ ٿئي، پاپن ڪنا پاڪ،
رت گهري ٿي رات جا، سا مور نہ ڌوئي ماڪ،
آهي ڪُوپ ڪسڻ جو، ڪسابن ڪان ڪاڪ،
پُجي تاڪيون تاڪ، ڪوَ راڻو اچي رِاڄ پر.

ڪالهہ ڪينجهر ڪپ تي، ڳوليم ڪٽي ڳاٽ،
رڳو ڪنگَ ڪنڌي تي، پاڻي لس لٽاٽ،
ٻي اُونداهي ٻاٽ، هنج نہ ڏٺم هيڪڙو.

ٻرن ٽانڊا ٻاٻرا، مَن منهنجي مچ،
آهي اجهائڻ جي، ٻرين تو ٻهچ،
سَچڻ سڄڻ سچ، سيڪي مان سون ڪري.

ٻرن ٽانڊا ٻاٻرا، ڪامان منجهه ڪوري،
چڻي تو چاڳيلا، پوان نہ پوري،
گهٽا تو گهوري آگ منجهان آجا ڪيا.

دردن منهنجي دل پر، دمايو ديرو،
سڙي، پچي سڪ پر، ڪامي ٿيو ڪيرو،
نتو نبيرو، ڪڻ برابر ڪو ڪري.

ٻري ٻاڦ نہ نڪري، رهي اندر روح،
سنجهي ۽ صبوح، سيني ساڙو سڪ جو.

آهيان واڳونءَ وات پر، پوءِ بہ تنهنجي تات،
سور بہ پيارا بہ ٻارا سپرين، اڏميا آڏي رات،
هٿ، هٿ ڪٽي ڪات، ويرين واٽون جهليون.

(سر گهاتو)

مانجهي ملاح مورڙا، گهاتو ويا گهڙي،
پيڙا ڪٽي پن ويا، مانگر تي مڙي،
ويريءَ ساڻ وڙهي، پڇاڙيندا پٽ تي.

اهڙا مانگر ماريا، هزارين هنن،
اجان سيرائون سنڌ ۾، پيون چام چٽين،
پيا مياٽيون مرڪائين، اجان مانجهي مورڙا.

ڪائي ڪڳ ورهن ڪان، ٿيو مڇ مواڙ،
گهاتن آٿي گهيري ۾، ڪُٽيو اٿن ڪياڙ،
آهس پيچ پڇاڙ، جڃهو جيئڻ جي ٿئي.

گهٽا ڏينهن هو گهيڙ تي، گهاتن لاءِ گهنگهر،
مڙي ڪيو آهه مورڙن سوگهو منجهه سنگهر،
هاٿي ڏينهن پهر، جڃهو جيئڻ جي ٿئي.

مڇ مري مياڻ ٿري، گهاتو گهورين گهور،
لهي ماريءَ مڇ جو، هينئڙن مٿان هور،
مانجهي ملاح مور، پاڙون لاهن پوڙ جون.

ڏاهيون، مور اڪيون ڏنيريون جن ڏٺي ڏينهن ٿين،
ڪُنيون ٽنڪيل ڪاين ۾، نه ٿيون چُل چڙهن،
ڪو ليرا ۽ ڪُڙهيون، پيا سڪي رچ سُڪن،
جتي پرجيو پن اچن، ات ناهي چٽ چلر جي.

ڪاتين چڙهيا ڪس، بنا وڌ وَرهه ٿيا،
رُوئن وَهون رت ڦڙا، پسيو رڃ ۾ رَس،
ويئر واهيري بيٺيون، جهلي گهاتن گس،
ڪِن جا موٽيا مَس، ڪِن ويا ماريءَ مُنهن ۾....!

ڪيڏو ڪن ڪلاچ تي، ويري جو واسو،
هر ڪو گهاتو گهڙڻ ڪان، پيو ڏي پاسو،
جتي مڻ مداريين، اتي ملي نہ ماسو،
ساهہ، ساهہ ۾ ساسو، آهي ماريءَ مچ جو.

ويچارا وڇيات، روئن وينا رت ڦڙا،
گذر جن جو ويو اچي، آهي ويري وات،
ٽنگڙ ٽنگيل تن جا، سڪا ساريءَ رات،
ماري اچي مات، تہ ورچ وڇياتن ملي.

موٽو، موٽو مورڙا، مانجهي مهاڻا،
گهٽ، گهٽ جهلي گهاتوئا، ڪريو سينسر سنڌ ساٺا،
لاٺورن ڪري رڪ جيئن، ڦيريو رڃ راٺا،
گهٽا ڏينهن گهاٺا، ان ڦهريءَ وڏا ڪُن تي.

پاپي گهٽا پيٽ ۾، ڳيرو ڳڙڪايا،
دگهاتو گهورينڊڙ ڪيئن، گهوٽ تنهن گهايا،
مورهين ناهي مڏي تي، چلر جي چايا،
ڇپيرين ڇايا، چاڙيون چرڪي ٽوڙيون.

وايون

راڻا ڏيئي رت، ٽورو لاهيو ٽڄ جو

وائي

راتا ڏيئي رتِ، ٿورو لاهيو ٿئي جو

جيجلؔ جنازي جيان، سُرڻ ڪونهي ست، ٿورو...!
ڇورا نئين ڇاتِ جا، پنهنجي پاريو پت، ٿورو...!
آهي ٻُڪَهه ٻُڪچيءَ جو، امڙ امانت، ٿورو...!
سٽي امڙ سڏ اچو، سوڍا پٽ سٽت، ٿورو...!
ڪندي ڪانٽر پٽ تي، مادر ملامت، ٿورو...!
ڳاڙهن جهنڊن ڇانو ۾، امڙ ڏيو آئت، ٿورو...!
واڍا لوهر ڪاسبي، هاري ڪريو همت، ٿورو...!
گهوريو مادر متان متا، ”منشي“ مجيو مت، ٿورو...!
ٿورو لاهيون ٿئي جو...!

وائي

دم نہ دم ہر دم ادي،
آئون ڦٽيل ڦوڙائي ڦٽڪاڻ پيئي...!!
پاڻ نہ ويس تن سان پيهي،
آهيان شرم ۾ شيم ادي- آءُ ڦٽيل ڦوڙائي...!!
غور غلاميءَ تي جو ڪيتڙم،
غرق ڪري ويا غم- ادي آءُ ڦٽيل ڦوڙائي...!!
قومي سڏ تن ڪن تي آيس،
ڪُل ڇڏيائون ڪم ادي- آئون ڦٽيل ڦوڙائي...!!
ڪجهہ نہ ڪيو مون قوم جي ڪارڻ،
ماري "منشي" مرم ادي-
آئون ڦٽيل ڦوڙائي ڦٽڪان پيئي...!!

وائي

ڪـائـي سـمـهـان ڪـيـئـن ڪيـر الا،
ڪـانـڌ ڪـڏهـوڪـو قـيـدي مـنـهـنـجـو...!!
جهوريءَ جهوريـو، جيـڏل جنـدڙو،
جهيرن تي پيا جهير الا- ڪانڌ ڪڏهو ڪو...!!
اڪا اڇـلايان، بـاسـون بـاسـيـان،
پوڇيو پوڇيان پير الا- ڪانڌ ڪڏهو ڪو...!!
سيج ڏسيو تي، سڙان پچان پچران،
ڇـت پـون تـا چير الا- ڪانڌ ڪڏهوڪـو ...!!
ساريـو "منشي" سيـڻو سـاجن،
نيڻين وهـايـان نير الا-
ڪـانـڌ ڪـڏهـوڪـو قـيـدي مـنـهـنـجـو ...!!

وائي

مون تہ ملي رکيو ميٺ آهي اوهان جي لاءِ عطر ۾...!!

لڳ لڳ لون لون لهس لڳائي، لالڻ تنهنجي ليٺ،
ڦوڙائي جا ڦٽ جگر ۾، مون تہ ملي رکيو ميٺ.

ڄانيا پڪا ۽ سرنهہ ساماڻي، ڇهڪيا ڇوڏس ڇيٺ،
آئون فراقن ماري فڪر ۾، مون تہ ملي رکيو ميٺ.

رات بہ ڪُونجن رت رئاريو، ڪٿڪي لٿيون ڪيٺ،
اٿيا امالڪ اُڌمان اندر ۾، مون تہ ملي رکيو ميٺ.

آئي بهار ۽ موٽي ويئي، ڪرا ڪچي ويا ڪيٺ،
تون تہ اڃان آهين سهٽا سفر ۾، مون تہ ملي رکيو ميٺ.

تنهنجي جُدائي جي اڄ جاني، جهوريو آهي جهپيٺ،
گهاءُ وجهن ٿا گهايل گهر ۾، مون تہ ملي رکيو ميٺ.

سپون سمنڊ ۾ ڦڙڪي ڦُٽڙين مان، پارس پاٽڻون پيٺ،
پڙڪان پران مان پاڙي بحر ۾، مون تہ ملي رکيو ميٺ.

توريءَ "منشي" ڪيئن لاهيان ڪارا، اڃي لال لپيٺ،
سانوڻ آيو سڄ چمر ۾، مون تہ ملي رکيو ميٺ.

وائي

پري چندن چولي، واڻن تو لڻ وار وڇايم...!!

تو تہ پيارل پاڻ ڏاڍن سان، جنگ وچي جولي،
واڻن تو لڻ وار وڇايم...!!

تنهنجي جدائي جي آهيان جاني، ڳهاون ڳهاڳهولي،
واڻن تو لڻ وار وڇايم...!!

پوئين رات تي ڪاتي ڪانتي، ڪٽ هي ڪاٺولي،
واڻن تو لڻ وار وڇايم...!!

روني رتو اڄ اکين ڪاڏي، پريم پالولي،
واڻن تو لڻ وار وڇايم...!!

ڪيرائي اڄ ڪوٽ ڦهر جا، "منشي" اڄ مولي،
واڻن تو لڻ وار وڇايم...!!

وائي

ساري سنڌ جا سُور الا، سرتيي سودي ساڻ ڪنيائون

وانگيڙن جا ورهه وهائي، چٽ ڪيائون چُور الا...
سرتيي سودي ساڻ ڪنياءُن.

پاڻ پچائي جڳ جاڳائي، ڏاڍا ويٺڙا ڏُور الا...
سرتيي سودي ساڻ ڪنياءُن.

آزاديءَ جي عشق انهن کي، گهائي وڌڙو گهُور الا،
سرتيي سودي ساڻ ڪنياءُن.

جهوپن جهانگي جهجندي ڏسندي، پاڻ جُهري ٿيا جُهور الا...
سرتيي سودي ساڻ ڪنياءُن.

وڏي ورياج سان وٺي سي ورندا، "منشي" پنهنجو مُور الا...
سرتيي سودي ساڻ ڪنياءُن.

وائي

ڇُريا ڇُڪيا ڇنگ الا، اڃي اُها هِت ڇڙهڻ جا ڇاهي

سنڌوءَ پيتا ڏينديون سي جن،
امر اگني انگ- اڃي اها هت ڇڙهڻ جا ڇاهي...!!

سيئي ستيون ٽينديون سنڌ لئہ،
ناتا جن جا ننگ، اڃي اها هت ڇڙهڻ جا ڇاهي...!!

سيجن سُتيون سپ تہ سُيا هت،
ڪارا رڙندا ڪنگ- اڃي اها هت ڇڙهڻ جا ڇاهي...!!

پاڻ پتوڙي پُريس ڪارڻ،
نوان رچايو رنگ- اڃي اها هت ڇڙهڻ جا ڇاهي...!!

"منشي" مچ پر سيئي مچن جن،
آزاديءَ امنگ- اڃي اها هت ڇڙهڻ جا ڇاهي...!!

وائي

ڪُوپ ڪَنس جو ڪاڪ الا، ڪڏيا ڪات ڪنوارين.

ويندي وڏيا وير وڏا اتي، وڏ وڏ واڪو واڪ-
ڪڏيا ڪات ڪنوارين...!!

پڙ پر پرڪا پرڪي ڪارڻ، بيٺيون ٿي بيباڪ الا،
ڪڏيا ڪات ڪنوارين...!!

بجليون تجليون بدن ڪڙن تن، هر هنڌ آهي هاڪ-
ڪڏيا ڪات ڪنوارين...!!

آڏا اڏي ڪي آڏو ناهي، تاڪي نه ڪوئي تاڪ-
ڪڏيا ڪات ڪنوارين...!!

ڳول ڦڪل جيئن ڳاڙهيون ڳجرون، مٿان مينڌين ماڪ-
ڪڏيا ڪات ڪنوارين...!!

ڪنڌڙا ڪپيو سي ڪن ڦندوريون، ڏيل وڏيو ڪن ڏاڪ،
ڪڏيا ڪات ڪنوارين...!!

دولاٺيس تن ديس وٺڊين جي، ڌرتي اپ پر ڏاڪ-
ڪڏيا ڪات ڪنوارين...!!

راڻا راجا ڪيئي ٿيا "منشي"، پسندي پيرين خاڪ-
ڪڏيا ڳات ڪنوارين...!!

وائي

وڃ نہ وسامي ويھہ ألا، پنڌ پراھون آهي پانڌيڙا.

ڇيتون چُلتا پير نہ پس هل، ٿيندو ڇپر ڇو ڇيهہ ألا–
پنڌ پراھون آهي پانڌيڙا"

تون جنهن راهہ جو راهي آهين تنهن کان ڏکي ٿو ڏيهہ ألا–
پنڌ پراھون آهي پانڌيڙا"

راهي روڪون راهہ تنهنجي ۾، ڪيئي ڏرندا ديهہ ألا–
پنڌ پراھون آهي پانڌيڙا"

"منشي منزل ماڻڻ ڪارڻ، وھڻ ڪري ڇڏ ويهہ ألا–
پنڌ پراھون آهي پانڌيڙا"

وائي

چوڙي ڇتا نه تون ڇيڙ الا،
ڇُريا چارئي ڏسيون ڇڪيندا...!

بکيا بشيهر ڦٽون ڦڙڪاء،
ويڙهڻ سان ڪن ويڙهہ الا- ڇريا چارئي ڏسيون ڇڪيندا.

نه ڇڏ نانگا نانگ نيرانا،
نيندا ڏنگي جڳ نيڙ الا- ڇريا چارئي ڏسيون ڇڪيندا.

ترِ نه ڪري ترياق تفاوت،
نه ڪا، جهاڙ نه جهيڙ الا- ڇريا چارئي ڏسيون ڇڪيندا.

پل سي پنهنجا پاليل تو در،
”منشي“ آندي ميڙ الا- ڇريا چارئي ڏسيون ڇڪيندا.

وائي

تَن ۾ تاڻو تاڻ الا، تانگهہ تنين جي تڙپي تڙپي.

پوڏيسر جي پٽ تي، پاڳياڻين جا پاڻ الا-
تانگهہ تنين جي تڙپي تڙپي.

ساري ٿر ٿاريليون، متو من مانڌاڻ الا-
تانگهہ تنين جي تڙپي تڙپي.

پاين اوڊيون پانڌڻيون، وٺي ٿي جا وراڻ الا-
تانگهہ تنين جي تڙپي تڙپي.

چنو چيچ، چا چوليون، لٽي کنڌين ڪاڻ الا،
تانگهہ تنين جي تڙپي تڙپي.

چٺونرن ۾ جن چوڙيلين جي راتو ڏينهن رهاڻ الا-
تانگهہ تنين جي تڙپي تڙپي.

جن ڪان جدا پيا جيل ۾ جاني، ڏاڍا ڏانوڻ ڏاڻ الا-
تانگهہ تنين جي تڙپي تڙپي.

"منشي" من مچ ائين مچن ٿا، جيئن باهہ پراٺي پاڻ الا.
تانگهہ تنين جي تڙپي تڙپي.

وائي

چت نہ چنگ سان چير الا،
گهرين سو گهوري ڏيان...

مون ڪاڻ متان ڪسيين، زمين ۾ پيو ضمير الا-
گهرين سو گهوري ڏيان..!!

جهير نہ وڄهہ جهونگار سان، نہ ڪي ساڙ سرير-
گهرين سو گهوري ڏيان..!!

منهنجي ذات ڏياچ جي، ساڳي خاڪ خمير الا-
گهرين سو گهوري ڏيان..!!

"منشي" من مگڻا هنيئي، چوري ڪيئر ڪير الا-
گهرين سو گهوري ڏيان..!!

وائي

ساهہ تي ڇا ويساهہ، ڪا نہ هئي تو مند مرڻ جي.

ڪنهن ڏس ڪان هي لوءِ لڳي هئي، ڪيڏو ڪوسو واءُ-
ڪا نہ هئي تو مند مرڻ جي...!

ڏرتي ڪيڏي ڏونس مچائي، اپ مان نڪتي آهہ-
ڪا نہ هئي تہ مند مرڻ جي...!

هوندہ تہ هتي نت وينو وڪامي، ماٺهو پنسي پاءُ-
ڪا نہ هئي تو مند مرڻ جي...!

جن جن دلين آس هئين تون، گهائي ويا تن گهاءُ-
ڪا نہ هئي تو مند مرڻ جي...!

پيڇاري پوڪاريو گوني، دانهہ ڪئي درياهہ-
ڪا نہ هئي تو منڊ مرڻ جي...!

تنهنجي جدائي سنڌوءَ ماءُ تي، تاتارين جي ڪاهہ-
ڪا نہ هئي تو مند مرڻ جي...!

”منشي“ گوندر منجهہ گذي تون، رڙهئين رباني راهہ-
ڪا نہ هئي تو مند مرڻ جي...!

وائي

هوءَ جي هنئڙ‌م هاڻ، جن سان روح رهاڻ،
ڪنهن ڏس ڏس ڏيو ڏوريان...!

وڇهان واجهه وصال لئه، پاڻ پڇاڙيو پاڻ–
ڪنهن ڏس ڏس ڏيو ڏوريان...!
پُوڄڻ جهڙا مون پرين، الله واري آڻ–
ڪنهن ڏس ڏس ڏيو ڏوريان...!

ويا سي جاني جوءِ مان، جيئان ڪنهن جي ڪاڻ–
ڪنهن ڏس ڏس ڏيو ڏوريان...!

سيني سڪا سور اُئين جيئن، سهي ڏک ساڻان–
ڪنهن ڏس ڏس ڏيو ڏوريان...!

ڪرئل ٽپ ٽپ تاريين، ڪُرڪي ڪنهن جي ڪاڻ–
ڪنهن ڏس ڏس ڏيو ڏوريان...!

"منشي" موت هن ماريا، ڪهڙا جُنگ جوان–
ڪنهن ڏس ڏس ڏيو ڏوريان...!

وائي

ڏاڍو ڏينهن ٿتو، واجِب ساهي وچ ۾ ناهي...!

ڏر ٿٿيءَ ۾ ڏاڪو ڏڳ جو، مانجهي آهي متو-
واجِب ساهي وچ ۾ ناهي...!

گهائن گهايل، گهوٽ وڙهي پيو، وهي رت رتو-
واجب ساهي وچ ۾ ناهي...!

ڏرتيءَ تي اڄ ڏاڙيلن جو، پورو پيو آ پتو-
واجب ساهي وچ ۾ ناهي...!

ويهي ڪاٿڻ "منشي" منهنجي، ياڳين ناهي پتو،
واجب ساهي وچ ۾ ناهي...!

وائي

هاري وٺند ٿي حساب، وقت اچي ويو آهي وڏيرا...!
رات کي پنهنجو رت ڏيئي اڄ، آٿين پيا آفتاب...!
جيڪو ڪيڙي سوٽي ڪاٽي، قاضين ٿا هيا ڪتاب...!
سر ۽ خانبهادر سارا، لعنت جا القاب...!
بيماني جو برقعو پاتي، ورتني بلا ۽ باب...!
هر ڪو هاج هٿن جي ڪاٽي، ناهي ڪو به نواب...!
هڪ ٿي پنهنجي حق وٺڻ لئه، جنتا جاڳي جناب...!
ڏين ڏرم ڪي ٿنڌين ڏوڪو، رون رون وڄن رباب...!
ڪوڏر، ڏاٽا، ڪها، ڪهاڙيون، هٿندي ڪن نه حجاب...!
هٿ هٿ، "منشي"، ڳاڙها جهنڊا، ڇهڙا گل گلاب...!
وقت اچي ويو آهي وڏيرا.

وائي

ڏاڍو آهي ڏواڙ، رول ڪتا ڪي راڄ ۾ آيا...!
پير جا ٻڍنگر کوڙ کڙهه تي، ڦابو ڪج ڪُماڙ...!
اڄ ته انهن جا عام ٿا پڏجن، آڏي رات اُوناڙ...!
اتر پيلي وريا وچولي، لڪين لِٽا منجهه لاڙ...!
ڏيهاين ڪي ڏنڊ ڏيکاري، لوسي هٿن لباڙ...!
انهن ڪتن جو ڪم اصل کان، آهي چير ۽ ڦاڙ...!
"منشي" ماري ڪليو ڪڙم مان، ڪُتي تن ڪياڙ...!

وائي

جيئڻ جيڏا جل، الا- سور سين جو ساڳيون...!

ڌرتيءَ تي ڌارين سنڌي- گهوڙا هيڏي گهل الا-
سور سين جو ساڳيو...!

جي جيارين جڳ کي، ٻول تنين تي ٻل الا-
سور سين جو ساڳيو...!

پاروٿي اوبار کان، پنهنجو پاڻ کي پل الا-
سور سين جو ساڳيو...!

ڳونڌر قومي ڪاڄ جِي، ڪنهن ڪنهن پيتي ڪل الا-
سور سين جو ساڳيو...!

سمجهه ان سلوڪ کي، ڪي "منشي" ٻانجهي مل الا-
سور سين جو ساڳيو...!

وائي

سنڌو سوڍن سام، صدين کان، سنڌو سوڍن سام.

باک جنهن چڻ چانديءَ چمڪو،
سون سراسر شام، صدين کان...!

مهر پريو مهراڻ جنهن پر،
هيرا جواهر جام، صدين کان...!

وونڪا وارث وک وک تي جنهن،
وير وڏا وريام، صدين کان...!

جهانگي وانگي سانگي هرڪا،
"منشي" چاڙهن مام، صدين کان...!
سنڌو سوڍن سام...!

وائي

وانجهي ونجهه وراءِ، سنڌو پيڙي سير تي.

ناڪتا چِلڻ ننڊ ڪي، ناتاريون ته نماءِ-
سنڌو پيڙي سير تي...!

ڪيڏا ڪڙڪا ڪُن ۾، لهرين مان ته لنگهاءِ-
سنڌو پيڙي سير تي...!

وانجهي سانجهي ويل ورڻ جي، پرين پار پڄاءِ-
سنڌو پيڙي سير تي...!

تنگهه چڪي پيئي ناڪتا، سنجهي سڙهه سنياءِ-
سنڌو پيڙي سير تي...!

"منشي" موڙي مڪڙي، تانگهي ۾ ترساءِ-
سنڌو پيڙي سير تي...!
وانجهي ونجهه وراءِ...!

وائي

تکي تان ڪري، سر گهري پيبو سنڌ لئه.

ڪيڏو سوز ڪماچ ۾، پاڳيو پونءِ پري-
سر گهري پيبو سنڌ لئه...!

جيئن جيئن تپي ڏينهڙو، تيئن واڃو واڃ ڪري-
سر گهري پيبو سنڌ لئه...!

واول سيئي وڃائيندا، پنيان جن ڀري-
سر گهري پيبو سنڌ لئه...!

"منشي" خالي منگتو، وڃان ڪينئن وري-
سر گهري پيبو سنڌ لئه...!

وائي

ڪڙين منجهہ ڪڙي، سوگهي ڪيائون سنڌ سنگهر ۾.

سوگهيون سنگهريون، سَنڌ سَنڌ ساٿو-
سورن منجهہ سڙي، سوگهي ڪيائون سنڌ سنگهر ۾.

ڪڏيو ڪُڙم مان ڪونڌر ڪني ٿي-
تاڪن ڪي تہ تڙي، سوگهي ڪيائون سنڌ سنگهر ۾.

سوئي سچو پٽ سوڍو سنڌ جو-
جيڪو لال لڙي، سوگهي ڪيائون سنڌ سنگهر ۾.

جن جا ڳايا جيجل جل تن-
جهونجهر وجهہ جهڙي، سوگهي ڪيائون سنڌ سنگهر ۾.

"منشي" مادر موت جي منهن ۾-
راتو ڏينهن رڙي، سوگهي ڪيائون سنڌ سنگهر ۾.

وائي

جهيڙي جي جُهونجهار وو يار-
پرڪا آهي پڙ ۾...!
سيٺي ڏيندا سر سنڌوءَ کي-
جن جو نينهن نبار، وو يار پرڪا...!
جنگ جو جوڌڻ، پاهون موڙڻ-
مردن لاءِ ميار، وو يار پرڪا...!
ڌرتيءَ تان اچ ڌاڙيلن کي-
ڌکي ڪريو ڌار، وو يار پرڪا...!
"منشي" ڪانئر ڪيئن نہ ڪنبن ٿا-
ڏسي ڏيهين ڏهڪار، وو يار پرڪا...!

وائي

چورڻ کارڻ چپ، ساري قوم جا سبيا.
وتن گوندر گڏيا، مکي گولپ گپ، ساري قوم...!
ويڙهيچن وکوڙيو، کهڙي ڏاء ۽ ڏپ، ساري..!
ڏسيو ڏک ڏورڻ جا، لڪن کاتيون کپ، ساري...!
ڪري قاتل قوم جا، ويا حق هڙپ، ساري...!
کيڏي ساري قوم کي، سونگهي چڙ ويو سپ، ساري...!
مور نہ ملندو ماڙهوئا، وري اهڙو وپ، ساري..!
آيو نہ "منشي" اکين، سوچي جهوڙو جهپ، ساري...!

وائي

سچ تہ آهي سچ، سر ڪر پنهنجو سچ تان صدقي...!
سچ زهر سقراط کي پياريو، مور نہ جنهن سقراط کي ماريو،
ڪيڏو سچ ۾ مچ، سرِ ڪر پنهنجو سچ تان صدقي...!
سچ چئي منصور نہ مرڻو، ويس وٺي سرمد جو ورڻو،
بنجي بلاول اچ، سرڪر پنهنجو سچ تان صدقي...!
سچ جي ساعت لک لهي ٿي، پل ڍهي ٿي صديون ٺهي ٿي،
راز انهيءَ ۾ رچ، سر ڪر پنهنجو سچ تان صدقي...!
"منشي" مامر پروڙي سچ جو، ڇڏ ڪنارو ڪوڙ ۽ ڪچ جو،
سچ تہ بيٺو نچ، سرُ ڪر پنهنجو سچ تان صدقي...!

وائي

پنهنجي ريت پريت، پنهنجو مذهب ماڻهو محبت.

پنهنجي من کي پرِيايون ٿا، پنهنجا ڳائي گيت-
پنهنجو مذهب ماڻهو محبت...!

جڳ جي جَک کان جان ڇڏائي، جُڳ جُڳ ماڻيون جيت-
پنهنجو مذهب ماڻهو محبت...!

وير وروڌ ۾ جهيڙا جهڳڙا، ڪريون نہ اهڙي ڪُريت-
پنهنجو مذهب ماڻهو محبت..!

ڪاٽي ڪنڊ ڪلال جي اڳيان، ماڻيون من جو ميت-
پنهنجو مذهب ماڻهو محبت...!

ملڪ سڄي کان "منشي" نرالو، پنهنجو ساز سنگيت-
پنهنجو مذهب ماڻهو محبت...!

وائي

سهڻي ڪائي پيئي سور- ورو وانجهيو،
سانوڻ سير درياهہ جي...!

ڪُن ٻوڙيـن تـا ڪـامـڻي،
هـٿ نـہ ايندي پوءِ حور- ورو وانجهيو،
سانوڻ سير درياهہ جي...!

واڳُن آهـي وچ وروڪـي،
وَهہ پر وجيِ پيئي وهلور- ورو وانجهيو،
سانوڻ سير درياهہ جي...!

چوڏِس چاري ڇُهـتـا چـريءَ ڪـي،
چلڻ ڪنا آهي ڇُور- ورو وانجهيو،
سانوڻ سير درياهہ جي...!

اڇو اُلـوڙي مـڪـڙيون مـوڙي،
ماندي مري پيئي مجبور- ورو وانجهيو،
سانوڻ سير درياهہ جي...!

"منشي" مـانگـر مـڙيـا مُـنـيءَ تـي،
جهولن جهوري ڪني جهُور، ورو وانجهيو،
سانوڻ سير درياهہ جي...!

وائي

ڳهٽن جهڙيون ڳالهڙيون، نرالڙيون–
ويهه ته پڌايان ويڙهيچن جون...!

پورهيت ڏيٺڙيون پاهه ٻُکن پر–
اٿيا وار اپالڙيون، نرالڙيون–
ويهه ته پڌايان ويڙهيچن جون...!

مجبوريءَ کان ماءُ پيٺي وکٽي–
پيار سان ڏيٺڙيون جي پالڙيون، نرالڙيون–
ويهه ته پڌايان ويڙهيچن جون...!

گدليون گدليون، لٽڙا ليڙون–
پيٺي پائي سوالڙيون، نرالڙيون–
ويهه ته پڌايان ويڙهيچن جون...!

"منشي" مارن ڏکڙا ڏسندي،
اکڙيون رهيون آلڙيون، نرالڙيون،
ويهه ته پڌايان ويڙهيچن جون،
ڳهٽن جهڙيون ڳالهڙيون، نرالڙيون.

وائي

ڪيڏي رات انڌاري آ، ڪيڏي رات انڌاري آ،
ٻڙڇي ٻم بندوق سان بيٺو، تڙ تڙ تي تاتاري آ-
ڪيڏي رات انڌاري آ!

سَپ ويو سونگهي سات سچو چڻ، پوڻ تي پڻ اڄ پاري آ-
ڪيڏي رات انڌاري آ...!

تو لئہ مون لئہ ڏر تتي هي، ڏرتي ساري ڏاري آ-
ڪيڏي رات انڌاري آ...!

سَنڌ سَنڌ، سِنڌ جوڪيئن نہ سڙي پيو، ٻارڻ ڏيئي ڪنهن ٻاري آ-
ڪيڏي رات انڌاري آ...!

"منشي" هتڙي، موت جي منهن ۾، هر هڪ هاري ناري آ-
ڪيڏي رات انڌاري آ...!

وائي

چوري هڻ نہ تون ڇير، ڇمڪي تي ٿا ڇورا ڇرڪن...!

پَٽَ ڪان ڪونٽرا هڻ نہ تون پَٽَ تي، پلپل پنهنجا پير-
درد ونديون ٿيون دليون ڏڙڪن...!

وائي شاهہ جي ورجائين ٿي، آڏيءَ ڪان بہ اوير-
ڪنهن جي چِت ٿا چاڪو ڇهڪن...!

سوز منجهان سنگيت کي ڇيڙي، ونگ ڪرين تي ڏير-
سوز پريا ٿا سينا سهڪن...!

چئني طرفن چرچو تنهنجو، آهي ڏونڪو پير-
هر من تنهنجون مُرڪون مهڪن...!

ڳاڙهي ساڙهي پائي پڙ ۾، ڦ ڦلڪاري نہ ڦير-
ڪنهن جا ڦڦڙ ٿا ڦڙڪيو ڦڙڪن...!

ڪوبہ حلالي نہ رڪندو توسان، 'منشي' من ۾ مير-
گهر گهر تنهنجا گنگهرو گونجن...!

وائي

ڳهايس تنهنجي ڳهاءُ، آيل ماءُ-
ڦٽ ڦِري اڄ ڦاڪون ٿي پيا...!

جنجيرن ۾ جيءُ جڪيڙي، تنهن کي ڏين ِتاءُ، آيل ماءُ-
ڦٽ ڦِري اڄ ڦاڪون ٿي پيا...!

جوڙ جواري منهنجا پنهنجا، داءُ رکيائون ماءُ، آيل ماءُ-
ڦٽ ڦِري اڄ ڦاڪون ٿي پيا...!

ساڳيو ياڳيو، يونءِ پنهنجي جو، ياءُ ڪهي پيو ياءُ، آيل ماءُ-
ڦٽ ڦِري اڄ ڦاڪون ٿي پيا...!

تڙ تڙ آ تاتاري بيئو، رت جي راند رچاءُ، آيل ماءُ-
ڦٽ ڦِري اڄ ڦاڪون ٿي پيا...!

راڄ راڄ ۾ راڻا آهن، پوءِ بہ نهي پڇتاءُ، آيل ماءُ-
ڦٽ ڦِري اڄ ڦاڪون ٿي پيا...!

وائي

ويـا گنجـي گهـندا، او مـاءُ، كـيسريا كـپڙا كري.

سي وڻ خوشبوءِ واسبا، رات جتي رهندا، او ماءُ، ...!
آزاديءَ جي آســري، كـوهــن پر كـهـنـدا،اومـاءُ...!
ڏوري ڏوري ڏونكريـن، لالـڻ سـي لهـنـدا، او مـاءُ...!
آجا تـي انـهـن هـتـان، واهـڙ پـيا وهـندا، او مـاءُ...!
ويـندڙ وينـدا ئـي رهـيا، پـڇر پيـا بهـنـدا، او مـاءُ...!
آئـون پـاڻ لڄـائيـو 'مـنـشي' تـن مهـنـدا، او مـاءُ...!
كيسريا كپڙا كري-
ويـا گـنجـي گـهـنـدا.

وائي

رڻ رائو ۾ روهه، ڏيرڏيئي ويا ڏيج ۾.

لُڪن لڳ لوسائيا، ڇپر ڇنديا ڇوهه-
ڏير ڏيئي ويا ڏيج ۾...!
ڪڏهن تہ رسنديس ڪيچ ڪي، ڪوهہ پڇان مان ڪوهه-
ڏير ڏيئي ويا ڏيج ۾...!
سچي متي سنڌ جي، لڳ لڳ جنهن جا لوهه-
ڏيز ڏيئي ويا ڏيج ۾...!
سبق سُيا سپ سڪنديون، ڏسي منهنجو ڏوهه-
ڏير ڏيئي ويا ڏيج ۾...!
'منشي' متڏ محبوب جي ماريو آهي موهه-
ڏير ڏيئي ويا ڏيج ۾...!

وائي

ڏُٺيا مون تہ ڏٺي، ڏٺي ڏُٺي نہ ڏُٺي.

پارس جهڙا مون پرين، مان تہ ڪائي ڪٺي ...!
آئون تان عجيبن جي، آهيان پير پٺي ...!
پکِ پريان ڪان مون پني، پائي پنج ڪٺي ...!
مون کي سنج سپرين، واهہ جا يار وٺي...!
چڙهيو وڻ واٽون ڏسان، پِريان پير پٺي...!
پيا سور سرير ۾، چپن جيئن چٽي...!
ڏاهپ چاڙهي ڏاگهہ تي، نانگي تيس رٺي...!
اکيان آکي نہ تٺي، اها اک اٺي...!
گهوڙا گهر ويني وٺي، گهائي گهور گهٽي...!
جاني منهنجي جسم تانِ، ڦيري ويم ڦٽي...!
ڪلي "منشي" سا ڪنٺي، جيڪا باب ٻٽي...!

وائي

آهيان هتي ڏينهن ٻه ٽي، قيد ڪٽي-
آئون جا ويندس ويڙهيچن ڏي...!

ڪٽي آئين ڪوهه تان، جهانگياڻي جهٽي، قيد ڪٽي-
آئون جا ويندس ويڙهيچن ڏي...!

ساٿيهه ٻر سرتين سان، ڪائيندس سنگر سٽي، قيد ڪٽي-
آئون جا ويندس ويڙهيچن ڏي...!

ساڏوهين تان سومرا، پيرون آئيون پٽي، قيد ڪٽي-
آئون جا ويندس ويڙهيچن ڏي...!

امر لکيو "ابراهيم" چئي، هرَ گز ڪين هٽي، قيد ڪٽي-
آئون جا ويندس ويڙهيچن ڏي...!

وائي

وجي ويڙهه ونڊي، ڪاڄ ڪائينديس ڪيت سانَ.

پوري ڪاري مَڪ ملير جي، ڇڇن منجهه ڇنڊي-
ڪاڄ ڪائينديس ڪيت سان...!

جُسو، جنجيرن ۾ جڙيو، ماندڙي منڊ منڊي-
ڪاڄ ڪائينديس ڪيت سان...!

ساريا سگر ساٿيهه جا، اندر مون اُڪنڊي-
ڪاڄ ڪائينديس ڪيت سان...!

"منشي" مارن سان لڳو، لاڪر نينهن ننڊي-
ڪاڄ ڪائينديس ڪيت سان...!

وائي ..

پيتم پِڪَ پيهي، ڪيڙن هيٺان ڪيت سان...!

سگّ منهنجو سومرا، ڪيو ويڙهيچن ويهي-
ڪيڙن هيٺان ڪيت سان...!

مون جي گهاريا ڏينهڙا، تنهن تو، ڪل ڪيهي-
ڪيڙن هيٺان ڪيت سان...!

لوئي ڪيئن لجائيان، ڏنم جا ڏيهي-
ڪيڙن هيٺان ڪيت سان...!

"منشي" مون تان جندڙي، رُبي جيئن ريهي-
ڪيڙن هيٺان ڪيت سان...!

وائي

ڪوهه ٿيون ڏيو مون کي ڏوهه، سوڳهي آهيان سنگهرين.

اڄان اڏامي هوند مان، پر لڳ لڳ آهن لوهه-
سوڳهي آهيان سنگهرين.

پاڻي پرينڊي جيڏيون، مون سان ٽيئڙو ڊوهه-
سوڳهي آهيان سنگهرين.

ساريان اٿين ساٿيهه کي، جيئن ڪونجون سارين روهه-
سوڳهي آهيان سنگهرين.

"منشي" ناهي ملير ري، مورهين پيو ڪو موهه-
سوڳهي آهيان سنگهرين.

وائي

هِر کي هندورن تي جهُولا جهُولايان، تنهن کان وِهہ کائي مران.

ساک وڃائي ست جي، پير پلنگ پايان-
تنهن کان وِهہ کائي مران.

کنهبا اوڍي کت چڙهي، لوئي لڄايان-
تنهن کان وِهہ کائي مران.

مارو مور ملير جا، طعنن ۾ تايان-
تنهن کان وِهہ کائي مران.

پائي در تو ڌريون، لالون لتکايان-
تنهن کان وِهہ کائي مران.

ست رَڇين تي سومرا، هينئڙو هرکايان-
تنهن کان وِهہ کائي مران.

تنهنجا جهومک جهالرون، ڇيرون ڇمکايان-
تنهن کان وِهہ کائي مران.

”منشي“ ماروئڙن جا، اوچا ڳات نمايان-
تنهن کان وِهہ کائي مران.

وائي

لسيءَ جي لَپڙي، ڪاهڙ پر مون ڪيت پياري.

ماڪيان مٺي ميٺ سا، چِپن مون چِپڙي–
ڪاهڙ پر مون ڪيت پياري.

اچي اَب نہ آنڙي، ڏوراٿن ڏِپڙي–
ڪاهڙ پر مون ڪيت پياري.

نيٺين نالو نہ نند جو، جهانگين ري جهَپڙي–
ڪاهڙ پر مون ڪيت پياري.

مينا چِلا مون لئہ منديون، سون سارا سَپڙي–
ڪاهڙ پر مون ڪيت پياري.

تنهنجا بخمل، بوسڪيون، منهنجي تن تَپڙي–
ڪاهڙ پر مون ڪيت پياري.

نہ ڀيو لوئي لِڄ ري، ماروئڙين مَپڙي–
ڪاهڙ پر مون ڪيت پياري.

سيج تنهنجي ميان سومرا، مون لئہ ڪاتيون ڪَپڙي–
ڪاهڙ پر مون ڪيت پياري.

پِڀون، ڀيرون، ڀُسيون ڀڪا، وٺي ڏنو وَپڙي-
ڪاهڙ ٻر مون ڪيت پياري.

سرتيين سڌ سپني سُيمرُ، ڪاهڙ تو ڳپڙي-
ڪاهڙ ٻر مُون ڪيت پياري.

”منشي“ سانگياڻيءِ ساک جو، ڏاءُ وڏو ڏپڙي-
ڪاهڙ ٻر مون ڪيت پياري.

وائي

ڏاڍو ڏينهن ٿيو، لنگهُ لوساڻيا اُڪ لڪن ۾.

سَنڌ سَنڌ سيرون ٿي پيا، جن مان وهي رت رتو-
لگَّ لوساڻيا اُڪ لڪن ۾...!

ڇپر ڇُپايو، پرکڻ ڪارڻ، مون ڪان پار پَتو-
لگَّ لوساڻيا اُڪ لڪن ۾...!

مون کي ماريو آگ انهيءَ جي، من ۾ مچ مَتو-
لگَّ لوساڻيا اُڪ لڪن ۾...!

"منشي" ميارون مون ڏي مڙيئي، سچ صاف سَتو-
لگ لوساڻيا اُڪ لڪن ۾...!

وائي

هو تہ متي ويا هاڙهو ڙي، تنهنجي ڪُوڪ ڪُمهلي آهي.

لاڏو ليڙا، رڻ جا پيڙا، ڏوڪ هٽي ويا ڏاڙو ڙي-
تنهنجي ڪوڪ ڪُمهلي آهي.

پير ڍگهيري، پاڻ پرايئہ، سمهڻ منجهاران ساڙو ڙي-
تنهنجي ڪوڪ ڪُمهلي آهي.

پانيڻ، ٻُوٽيون ٻُوٽيون ٿي وڃ، پول نہ ڪيجين پاڙو ڙي-
تنهنجي ڪوڪ ڪُمهلي آهي.

ميا متي ويا "منشي" ماڳين، تون پني پچائين پاڙو ڙي.
تنهنجي ڪوڪ ڪُمهلي آهي.

وائي

مو کي مٽڪا کول، مڏ پيئڻ جي مند اچي ويئي.

پُري پَري کان آيا پيئڻ سي، راڻا انين نه رول-
مڏ پيئڻ جي مند اچي ويئي.

سُرکي ڪارڻ سر به ڏيندا، تون به جهلي ڏس جهول-
مڏ پيئڻ جي مند اچي ويئي.

مرڻ جيئڻ لئه، جيئڻ مرڻ لئه، پارو تڻ کان پول-
مڏ پيئڻ جي مند اچي ويئي.

تنهنجي ڪَکُوهه جي آهي ڪلالڻ، وونکن پيئي وڙول-
مڏ پيئڻ جي مند اچي ويئي.

تنهنجي هٿان هي وهه پيئڻ جو، آيا ڪري سڀ قول-
مڏ پيڻ جي مند اچي ويئي.

ڪين ڏکن مان ٻاهر ٻُرڪن، ٻاٽي ٻٽ جا ٻول-
مڏ پيئڻ جي مند اچي ويئي،

تازو چڏي ڪو پيار پراڻو، ڳهر پريو ڪو ڳول-
مڏ پيڻ جي مند اچي ويئي.

سُرکي، سُرکي سور آ سِر جو، ڏي تون يري کي ڏول–
مڏ پيئڻ جي مند اچي ويئي.

”منشي“ متارا مِڙيا مرڻ لئه، پيلي پئو جا پول–
مڏ پيئڻ جي مند اچي ويئي.

وائي

کهڙي آند ٿي کل، کوهہ نہ پڏائين کانگڙا.

هک تہ جدايون جيل پيا، جيءُ ۾ جاڳيا جل-
کوهہ نہ پڏائين کانگڙا.

کاءُ کنياتا تو لئہ رکيا مون، ڦولهي منڙا ڦل-
کوهہ نہ پڏائين کانگڙا.

ورهہ وچوڙو پانڌيان، پرين ڏاران پل،
کوهہ نہ پڏائين کانگڙا.

ساري صحبت سڄڻين، سينو ٿيڙو سل،
کوهہ نہ پڏائين کانگڙا.

آڏيءُ اُڏ مان عجيب جا، جهليا نہ ڏين جهل-
کوهہ نہ پڏائين کانگڙا.

ڳچي هيري ڳانيون، ڳرهيان تنهنجي ڳل-
کوهہ نہ پڏائين کانگڙا.

ويهي نمر جي ڏار تي، ساجن سنهيا سل-
کوهہ نہ پڏائين کانگڙا.

ڪنيم ڪنياتا تنهنجا، اڻ ڳُڻت آر انگل-
ڪوهه نه ٻڌائين ڪانگڙا.

"منشي" ڪَن ٻر ٻول تون، ڪُلهي ويهي ڪانگل-
ڪوهه نه ٻڌائين ڪانگڙا.

وائي

نت نت آهي نثين الا ، پنهنجي پيارل پريت پُراڻي.

چار ٺي پهر هي چت چِڪيا ٿي، تنهن کي چو تون ٽَٽين الا–
پنهنجي پيارل پريت.

ويو وجودان وسري وسارڻ، کُوڪت ڪيم ڪَٿين الا–
پنهنجي پيارل پريت.

جڳ جنهن وات ڪُوات ٿو سمجهي، سائي وات سَنٿين الا–
پنهنجي پيارل پريت.

امر اگني اندر اوسيئڙي، تنهن چو ڏنوڻ ڏَٿين الا–
پنهنجي پيارل پريت.

"منشي" متان ڪو ويڻ ورائي. چوري چپ چَٿين الا–
پنهنجي پيارل پريت.

وائي

تاڙا ڪڙ نہ تنوار، جيل اندر مون جيئڙو جلي ٿو.

مينهن جي موسم ياد ڏياري، وڄهہ نہ ڦڦڙن ڦار الا-
جيل اندر مون جيئڙو جلي ٿو.

وڃن وچارن پڏيا هوندا، سرلا اڄ سنيار الا-
جيل اندر مون جيئڙو جلي ٿو.

پيچ پنيءَ جو پاڪرين هوندا، پاڳياڻيون ۽ پتار الا-
جيل اندر مون جيئڙو جلي ٿو.

گهاٽي ٿر جي ڇانوَ ۾ هوندي، ڪنهن دل ڪئي اوسار الا،
جيل اندر مون جيئڙو جلي ٿو.

"منشي" من ۾ مانڊ وجهي ٿي، تنهنجي پَڪي پُڪار الا-
جيل اندر مون جيئڙو جلي ٿو.

وائي

ڏيڏ ڏکن جو ڏينهن الا ، گوندر ويندِا گذري گذري.

آکم آگم پنيان وسن ٿا، ميڙائي جا مينهن الا-
گوندر ويندا گذري گذري.

پاڙون پختيون پاتاران مون، ناهي ڇڇڻ جو نينهن ا لا-
گوندر ويندا گذري گذري.

تو، مون وچ ۾ عشق اوبڙو، آهي ڪيهر شينهن الا-
گوندر ويندا گذري گذري.

’منشي‘ محبت سون سمان جا، ڪس لڳي تنهن ڪيئن الا-
گوندر ويندا گذري گذري.

وائي

مرڪايو بہ مياڻ الا، مچ ڪي ماريو مورڙا.

موٽي تيندي موج مڏيءَ تي، لهندا ملاحن ماڻ الا-
مچ ڪي ماريو مورڙا.

هُڙا، بتيلا، هلو هاڪاري، ڪُن تي ڪَچِيَن جي ڪاڻ الا-
مچ ڪي ماريو مورڙا.

پيري پن ۾ وجهو واڳُوءَ کي، گهاتوئڙا گهَڻ چاڻ الا-
مچ ڪي ماريو مورڙا.

جيسين جيئرو مچ مهاڻا، موت تيسين مهراڻ الا-
مچ ڪي ماريو مورڙا.

’منشي‘ ماريو مڙِئي اڄ مچ ڪي، ڪيو نہ ڪنهن جي ڪاڻ
الا- مچ ڪي ماريو مورڙا.

وائي

کاهوڙي ٿي ڪڻ، وڪ واڪج، جم ٿٿين توڻ ڪاچ ڪٽڻ جو.

واسينگن جو واٽ وندر ۾، واڪو آهي وڻ وڻ، وڪ واڪج-
جم ٿٿين تون ڪاچ ڪٽڻ جو.

اوٽ ۾ اولي، اجگر، ارڙون، ايندڙيون اڳيان اڻ ڳڻ، وڪ واڪج-
جم ٿٿين تون ڪاچ ڪٽڻ جو.

'منشي' هٿ مان مُور نہ ڇڏجئين مليل مادر ڪان مڻ، وڪ واڪج-
جم ٿيئن تون ڪاچ ڪٽڻ جو.

وائي

سڪ جي آهي سرنهن ڦلاري، چاهت جا ٽيا چيٽ چٽا.

وينگس تڙ تي ميڙي سيڙي، ميٺم ملي ۽ وارن ويڙهي،
انڊلٺ وارا رنگ نکيري، سرڪڻ ڦاسي سيني سيري،
ڪيئن نہ موکي سڏ متارا،ڳچيون ڏيندا ڳاڙهہ ڳتا-
سڪ جي آه....

وڻ وڻ مان اڄ واس اچي ٿو، جيڪو روح ڪي راس اچي ٿو،
هير اتر کان پير پريو آ، ڪاڇي کان واهوند وريو آ،
اپ مان آهن ويس وسڻ جا چٽني ڏسين چٽا پٽا-
سڪ جي آه....

ڳُجر گلابي ڳجرا پاتا، واڪو آهس ورو وڙاتا،
سوَن هزارن سڏ سڃاتا، اندر جن جا آتا آتا،
سيني سهبا تنهنجا سونل پل پري هڻ ٻاڻ ٻتا-
سڪ جي آه....

روس، رساماں ريسون ويبون، ڳلجي جيسن جيسون ويون،
ڏار ڏٺي کان نڪري مون کان ڪيڏيون ڪيهون ڪيسون ويون،
پيچ پني آ هر ڪنهن پاڪر، ٻاڻ رهون پلا چو تہ چڙا-
سڪ جي آه......

ظاهر دڙميون دنگ اسان جا ، سنگ اسان جا ننگ اسان جا،
ٻيبجل رات ٻرائي ڇڏ يا ، چٿني ڏسين چنگ اسان جا،
رُت رتائين آئي آهي، کهڙي سر جي سِٽ سٽا-
سڪَ جي آهه....

ڇوڏس ڇوڙهن ڇنڊ ڪڙي پيا، رَتَ رَتا رابيلَ ٽڙي پيا،
ڪٽرن ڪيتا ڇڏيا هر هنڌ مارونڙن جا مال مڙي پيا،
’منشي‘ ٻاڻ ٻه گڏ گذاريون، هن رُت ٻيارل ڪيم پِٽا-
سڪ جي آهي سرنهن ڦلاري،
چاهت جا ٽيا چيت چِٽا.

ڪافي

ڏرتيءَ جون ڏيڃاٽيون وي،
ٻُسيون ٻُسيون، پُٽيون پُٽيون...

چوٽا جن جا چيڙون چيڙون،
لٽڙا لڳن تي ليڙون ليڙون...

مورت موتيءَ داٽيون وي...
ٻسيون ٻُسيون، پُٽيون پُٽيون...

نڪ نه ڦُلڙيون ڳچيءَ نه هسليون،
پوڪيون پانهون ڪبليون ڪسليون،

سورن ۾ ساماٽيون وي،
ٻُسيون ٻسيون، پُٽيون پُٽيون...

ڪوڙن چوڙن ڪاڻ ڪرايون،
سالن کان تن سکنديون آيون...

راڄ منهنجي جون راٽيون وي،
ٻسيون ٻسيون، پُٽيون پُٽيون...

’منشيءَ‘ مورت مٺيون مُٺيون،
سج ستارن کان وڌ سهٽيون،

هنرمند هارياٽيون وي،
ٻُسيون ٻسيون، پُٽيون پُٽيون...

وائي

ڏاڍا لــڳــن ٿــا ڏنــگ الا،
جيڏل جل پيا جاڳي جگر پر...

چارئي پهر مون، چِت چڪيا تي، آگ وجهي ويا انگ الا...
جيڏل جل پيا جاڳي جگر پر...!!

ساريـو سڪان تي سَرتي تن جا، روپُ نرالا رنگ الا...
جيڏل جل پيا جاڳي جگر پر...!!

"منشي" مـن پر مـچ ائيـن جيئن، ٿاندن آيون سنگ الا...
جيڏل جل پيا جاڳي جگر پر...!!

اداري جا ويجهڙائي ۾ ڇپيل بهترين ڪتاب

1- بک عشق ادب	(آتم ڪٿا)	موهن ڪلپنا
2- منهنجي ڪهاڻي	(آتم ڪٿا)	جواهر لال نهرو
3- عورت ۽ قومي آزاديءَ جا انقلاب	(سياست)	آزاد قاضي
4- ڌرتي ڏين ڌرم	(شاعري)	ابراهيم منشي
5- ڪنوار جي سيج	(ڪهاڻيون)	خليل جبران/زيب سنڌي
6- موت ۽ زندگي	(ڪهاڻيون)	خليل جبران/گل محمد
7- حويلي جا راز	(ڪهاڻيون)	ماڻڪ
8- سنڌ ڪهاڻي	(تاريخ)	ڪيول ملڪاڻي/ تاج جويو
9- ساهه مٺ ۾	(ناول)	ماڻڪ
10- خليل جبران جي جيون ڪٿا		سنڌيڪار: زيب سنڌي

اداري جا ايندڙ ڪتاب

1- نيسم ڪرل جون ڪهاڻيون

(نيسم ڪرل جي ڪل ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب)

2- لڳ منهنجا لوهه

(پيهر ڪمپيوٽر تي بهترين گيٽ اپ ۾)

3- ٽي ناوليٽ

(جنهن ۾ ماڻڪ جا ٽي اڻ وسرندڙ ناوليٽ -

رڃ ۾ پڙڏا، پاتال ۾ بغاوت، لڙهندڙ نسل - شامل آهن)

4- پاڻ ۾ وينا آهيون

(گهڻي عرصي کان پوءِ نجم عباسي جي ڪهاڻين جو نئون مجموعو)

5- ورهاڱو

(موهن ڪلپنا جو اڻ ڇپيل ناول، ورهاڱي جي پس منظر ۾ لکيل)

اداري جا وڪري لاءِ موجود ڪتاب

1- مڪڙيون ماڪ ڦڙا	مير محمد پيرزادو	12-
2- مٺيءَ هاٺا ماڻهو	عبدالواحد آريسر (پيو ڇاپو ڇپائي هيٺ)	
3- ماڻهو ميگهه ملهار	عبدالواحد آريسر	15-
4- تاريخ مونکي بيڏوهي قرار ڏيندي	فيڊل ڪاسترو	25-
5- عظيم انقلابي عورتون	سنڌيڪار: تاج جويو	20-
6- ڦاسيءَ جي ڇانوَ ۾	جولس فوچڪ	25-
7- پاڪستان ۾ قومي سوال	امداد چانڊيو	25-
8- فلسفي جو ابتدائي ڪورس	سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو	50-
9- ترقيءَ جو غير سرمائيداراڻو رستو	لعل چارڻ	12-
10- سوشلزم ماضي حال متقبل	سنڌيڪار: امداد چانڊيو	10-
11- سوويت جمهوريت اصول ۽ عمل	چرننڪو	15-
12- چتا گانگ جا عظيم انقلابي	ڪلپنا دت/ سرواڻ	22-
13- چي گويرا جي ڊائري	سنڌيڪار: يوسف سنڌي	50-
14- مظلوم قومن جو مستقبل	جام ساقي	25-
15- پيغام لطيف	جي- ايم- سيد	45-
16- انقلاب جي واٽ	ابو جبران	30-
17- سنڌ جون انقلابي عورتون	آزاد قاضي	25-
18- بين الاقوامي انقلاب جو راه عمل	سنڌيڪار: رشيد ڀٽي	30-
19- ويتنامي ڪهاڻيون	رسول بخش پيلجو	25-
20- لينن جي انقلابي ڪهاڻي	نجم عباسي	40-
21- سنڌ جي بمبئي کان آزاديءَ	جي - ايم- سيد	27-
22- پرسترائيڪا	ميخائل گورباچوف/گهنشام پرڪاش	80-
23- تاريخ اسان سان انصاف ڪندي	گل محمد جکراڻي	20-
24- فڪر جي آزاديءَ	سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو	70-
25- نئين سنڌ لاءِ جدوجهد	جي - ايم- سيد	62-
26- الهامي آواز	خليل جبران/مسعود جمالي	20-
27- پيءُ جا ڌيءَ ڏي خط	جواهر لعل نهرو/پرويز	25-
28- ڏاهيون ڏک ڏسڻ	افلاطون/گل	45-

29- بغاوت	خليل جبران/يوسف سنڌي	20-
30- چار گهڙيون چين ۾	احمد علي رند	27-
31- ڏونگر منجهہ ڏيئو	بورس پوليوائي/پرويز	80-
32- شاهہ- سچل - سامي	محمد ابراهيم جويو	35-
33- منهنجي ڪهاڻي	جواهر لعل نهرو	88-
34- غدار	ڪرشن چندر/ولي رام وليپ	25-
35- اسان زنده رهنداسين	ليليٰ خالد/زيب سنڌي	35-
36- عورت ۽ قومي آزاديءَ جا انقلاب	آزاد قاضي	32-
37- ماءُ (مڪمل)	ميڪسم گورڪي/گوبند مالهي	50-
38- بک عشق ادب	موهن ڪلپنا	65-
39- ڪنوار جي سيج	خليل جبران/ زيب سنڌي	20-
40- ڌرتي ڏين ڌرم	ابراهيم منشي	42-
41- موت ۽ زندگي	خليل جبران/گل محمد	20-
42- حويليءَ جا راز	ماڻڪ	45-
43- سنڌ ڪهاڻي	ڪيول ملڪاڻي/تاج جويو	80-
44- ساهہ مٺ ۾	ماڻڪ	45-
45- ڏوهاري	خليل جبران/يوسف سنڌي	20-
46- خليل جبران جي جيون ڪٿا	سنڌيڪار: زيب سنڌي	20-
47- گوندر ويندا گذري	ابراهيم منشي	60-

روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
بي. او ڪنڊيارو

هن مجموعي ۾، هن ڏوٿيءَ، هن عطائيءَ، هن درياءَ دل، راڳي شاعر، پنهنجن منفرد نظمن، واين ۽ ڪافين ۽ بيتن سان اسان جون جهوليون ڀريون آهن، جهولين ڪان وڌ اسان جون دليون ڀرڻ چاهيون آهن، بشرطيڪ هُن جي اهي ورڪا وٺڻ لاءِ اسين پنهنجون دليون کوليون ۽ اُن ۾ جا صدا آهي- پنهنجي ماروئڙن ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ قربانيءَ ۽ ڪم جي صدا- اُها ٻڌون. . . . .
جيئڻ ڪا صدا ٻڌبي آهي ۽ جيئڻ ڪا ورندي فرض ٻڻبي آهي، اُن ورنديءَ جي ڏيڻ لاءِ پاڻ ڏونڌاڙيون ۽ پنهنجا سُتل مَن جاڳايون.

[محمد ابراهيم جويو]

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ٻاڙي، ڪاٺو، ٻاجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جٿن جٿن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻَ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)